# ٽه ٽماٽ ٽه ٽڪ



نجم عباسي

لطيف ادبي اڪيڊميءَ جي پهرين پيشڪش :

# ڏٺم اڻ ڏٺل

(پنهنجي جيون جون جهلڪيون)

**نجم عباسي**

لطيف ادبي اڪيڊمي حيدرآباد سنڌ

هڪ هزار ڪاپيون

پهريون ڇاپو: ڊسمبر ۱۹۸۰

سنڌ پرنٽنگ پريس حيدرآباد سنڌ

ڇپائيندڙ: لطيف ادبي اڪيڊمي حيدرآباد

آرٽسٽ: فتاح

قيمت: پندرهن رپيا

٩٥ – بي، يونٽ نمبر ٢
لطيف آباد، حيدرآباد سنڌ.
٨– ڊسمبر ١٩٨٠

# منهنجو انون ڪتاب

ڪهاڻيڪار پنهنجي زندگي ۽ پنهنجو ذهن پنهنجين ڪهاڻين ۾ اوتيندو آهي. هن جي زندگيءَ جا واقعا، هن جي ڪهاڻين جا پلاٽ بنجي ويندا آهن. هن جا ويچار ۽ هن جا نظريا هن جي ڪهاڻين جي ڪردارن جي ويچارن ۽ نظرين جو روپ وٺندا آهن. هن جي سوچ هن جي ڪهاڻين جي سورمن جي سوچ ٿي اڀرندي آهي. ان طرح هڪڙي ڪهاڻيڪار جي حقيقي جيون چرتر هن جي ڪهاڻين اندر موجود هوندي آهي.

آئون ڪهاڻي لکندڙ پنهنجيون ڪمزوريون، ڪوتاهيون ۽ ناڪاميون لکڻ کان لنوائي ويندو آهيان. هو اهو ان ڪري ڪندو آهي ته پڙهندڙن جي ذهن ۾ جو سندس تصور Image آهي، تنهن کي ڪو داغ نه اچي، وڃي. ساڳئي سبب ڪري هو پنهنجيون اڻڌايون ۽ ڏاڍايون به

سنڌ ۽ فلسطين جي حالتن جي هڪجهڙائيءَ جي حوالي سان....

○

○

○

○

○

○

○

○

# ياسر عرفات جي نالي

# نجم عباسي هڪ صفحي ۾

جنم ڏينهن: ١٨- آڪٽوبر ١٩٢٧

جنم هنڌ: خانواهڻ، تعلقو ڪنڊيارو، ضلعو نواب شاهه

مئٽرڪ: لوڪل بورڊ هاءِ اسڪول نواب شاهه ١٩٤٦

انٽر سائنس: سنڌ مسلم سائنس ڪاليج ڪراچي ١٩٤٨

ايم- بي- بي- ايس: ڊو ميڊيڪل ڪاليج ڪراچي ١٩٥٣

نوڪري: سنڌ سرڪار ١٩٥٣-١٩٥٨

خانگي علاج گهر: گاڏي ڪاتو حيدرآباد ١٩٥٨ کان

منهن مهانڊو: ڪڻڪ رنگو، اڇو مٿو، ڪشادو نرڙ، موڪرو منهن، وچولو قد، وچولي هاڻي .... ميٺي ۾ ماٺ مٺڙي ۾ ماٺ.

شادي: فيبروري ١٩٥٤ع .... طلاق: فيبروري ١٩٧٥

ڪٽنبي تخليق: (١) نديم ١٩٥٦ (٢) غزاله ١٩٦١ (٣) ڪونج ١٩٦٩

ذهني لاڙا: ترقي پسندي، سنڌيت، سوشلزم، سائنس.

ادبي تخليق: (١) طوفان جي تمنا ١٩٦٩

(٢) پٿر تي ليڪو ١٩٧٣

(٣) ڪاڙهو لالٽين (ٻ ڇاپا) ١٩٧٤

(٤) جهڪي منهنجي ٻن ۾ آهي ١٩٧٧

(٥) ناچڻي ١٩٧٨

(٦) ايڏو سور سڄي ١٩٧٨

(٧) مون ٻڌ ڪاڏيو هو ١٩٧٩

(٨) ڏنم اڻ ڏٺل ١٩٨٠

- هڪ ناول جو هيرو ٩
- پراڻن ڪاڳرن ياد ڏياريو ٢٩
- وک وک تي وهم جو ڏيک ٦٦
- ڏٺم اڻ ڏٺل (لنڊن جو اڻ پورو سفر) ٨٢
- عظيم ڪهاڻيڪار سان ملاقات (انٽرويو) ١٤١
- جن وٽ سودو سچ جو (انٽرويو) ١٤٧
- ڪهاڻيءَ بابت سوچون ١٦٣
- ذاتي نوٽبڪ مان ١٧٥



ڄام شورو:
١١- جولاءِ ١٩٥٥ع

# هڪ ناول جو هيرو

انگريزي ناول نويس سامر سيٽ ماهام جو ناول ، آف هيومن بانڊيج (Of Human Bondage) ويٺي پڙهيم . پڙهندي مون محسوس ڪيو ته ناول جي هيري جي ڪردار ۽ منهنجي ڪردار ۾ ڪيتريون هڪجهڙيون ڳالهيون آهن؛ هن جي ۽ منهنجي طبيعت، خيالن، حياتيءَ جي حالتن ۽ گهٽنائن ۾ تمام گهڻي مشابهت آهي. انهيءَ ڪري ان ڪتاب کي ڏاڍي دلچسپيءَ سان پڙهيم. ان کان پوءِ ئي هيءُ ليک لکڻ جو خيال پيدا ٿيو.

فلپ جو هڪ پير ڄائي ڄم کان مُڙيل هو، جنهن ڪري هو منڊ ڪائي هلندو هو. منڊائپ هن جي شخصيت ۽ نفسيات تي گهرو اثر ڪيو هو. دنيا ڪنهن جي خوبيءَ جو ايترو اعتراف نه ٿي ڪري، جيترو ڪنهن جي عيب جي مذاق تي اُڏائي. اهو احساس عيبدار ۾ ٻيا ويهه عيب پيدا ڪيو ڇڏي. فلپ شرميلو ۽ لڄارو هو، دوستن جو دائرو صفا محدود، ڪنهن وٽ اچڻ وڃڻ يا رلڻ ملڻ تمام گهٽ، ٿور ڳالهائو ۽ منجهيل ۽ ننڍ ماڻهپي جي احساس جو شڪار.

منهنجي پڳل ڏندن، مون تي به ساڳئي نموني اثر ڪيو آهي. (ڪجهه سال ٿيا جڙتو ڏند وجهرايا اٿم.) ١٩٤٠ع ۾، مان ٻئي درجي انگريزيءَ ۾ هوس ۽ تازو تازو ڳوٺ مان شهر ۾ پڙهڻ آيو هوس. هڪ رات بورڊنگ هائوس وارن کي فلم ڏسڻ جي اجازت ملي. نواب شاهه شهر جي هيءَ سئنيما، اسٽيشن جي ٻئي طرف هئي. مان حياتيءَ ۾ پهريون پهريون دفعو فلم ڏسي رهيو هوس. ان جو نالو هو "دل جو درد". رات جو دير سان پئي موٽياسين. ان وقت اسٽيشن تي ڪا ريل گاڏي بيٺي هئي. ريلوي لائين پار ڪندي، جڏهن مان گاڏيءَ جي صفا سامهون پهتس، تڏهن گاڏيءَ زور دار سيٽي وڄائي. حالانڪ گاڏيءَ کان ڪافي پريرو هئاسين ۽ ٻيا ڇوڪرا به لائين پار ڪري رهيا هئا، پر مون سيٽي ٻڌي سمجهيو ته گاڏي ٿي مٿان اچي، مٿان لنگهي، مٿان پوي. انهيءَ ڊپ ۾ وٺي ڊوڙيس. پير تارن ۾ وچڙي پيا، ڪري پيس ۽ وات وچي لوهي پٽي تي لڳو. سامهون وارا مٿيان ٻه ڏند اڌ مان ڀڄي پيا.

فلپ جو چاچو پادري هو ۽ منهنجو مامو مولوي آهي. فلپ اجا ننڍڙو هو، جو هن جا پيءُ ماءُ گذاري ويا. هن جو سنڀاليندڙ ۽ پاليندڙ هن جو چاچو هو. چاچس جي مرضي هئي ته هو به هن وانگر پادري بڻجي. انهيءَ ڪري شروعات کان ئي، هن کي مذهبي مڪتب ۾ وهاريائين. جڏهن فلپ ڪجهه وڏو ٿيو ۽ ان راهه کان

ٻيهاري ڏيکاريائين، ۽ تصوير ڪشيءَ جي فن جي خواهش ڪيائين، تڏهن چاچس ان چيز جي ڏاڍي مخالفت ڪئي. چاچس جو چوڻ هو ته پادري بڻجڻ دنيا ۽ آخرت ٻنهي کي سنوارڻو آهي، انهيءَ ڪري هر قيمت تي هن کي ان طرف لاڙو رکڻ گهرجي. فلپ ان لاءِ ڪنهن به صورت ۾ تيار نه هو، هن جو ته آسماني ڳالهين مان ئي اعتقاد نڪري ويو هو.

هن وچي تصوير ڪشي ۽ مجسمي سازيءَ جي اسڪول ۾ داخلا ورتي. پوءِ اتان به ڇڏي، ڊاڪٽري پڙهڻ لڳو. انهيءَ ڪري پادريءَ جي پاڻتي مان دل ڪٽي ٿي پئي. هن کي ڪابه مدد ڪرڻ کان انڪار ڪيائين. ايتري قدر جو هڪ دفعي، فلپ کي کيسي خالي هجڻ ڪري ٻه ٽي ڏينهن لاڳيتو لنگهڻ ڪيڻو پيو، هن چاچي کي مدد لاءِ لکيو، پر چاچس کي ڪجهه به رحم نه آيو.

منهنجو مامو مولوي آهي. هو اسان ڀائرن ۽ سوٽن تي انگريزي پڙهڻ ڪري سخت ناراض آهي. هن جي دلي تمنا رهي آهي ته اسين پڪا مسلمان بڻجون، يعني ڏاڙهي رکايون، نماز روزو ڪريون، سُوٽ نه پايون، تسبيح پڙهون، طوطي جيان قرآن جي تلاوت ڪريون، مذهب ۾ عقل کي دخل نه ڏيون، انگريزي نه پڙهون ۽ سائنس کان پري ڀڄون. سڀ کان ڀرين ڳالهه ته هن واري مرشد جا مريد بڻجون. هر فرقي وانگر هن جو به عقيدو آهي ته ڪوبه پاڻ کي ايستائين ڪو مسلمان

سڏائڻ جو حقدار نہ آهي، جيستائين هن، هن جي پير کان چيگ نہ ورتي آهي.

هن جو مرشد هڪ پنجابي پير آهي. هيءُ ويهارو سال کن اڳ سنڌ ۾ وارد ٿيو هو. مونکي اهو زمانو اڃا ياد آهي. هو مامي جي دعوت تي اسان جي اوطاق ۾ اچي رهندو هو. هن جي بدن تي ٿي ڪپڙا هئا. مطلب آهي تہ اهائي سندس ڪل ملڪيت هئي. هاڻي هو هميشه لاءِ هتي اچي رهيو آهي. ڪن مريدن کي چوندي ٻڌو اٿم تہ پير صاحب صرف سنڌين کي فيض رسائڻ لاءِ پنهنجو وطن ڇڏي، هجرت ڪري هتي آيو آهي.

هن وقت هو هڪ شهر ۾ بنگلي ۾ رهي ٿو. عمر ستر جي لڳ ڀڳ ٿيندس. چار زالون اٿس. هن جو پٽ بہ هتي اچي رهيو آهي، هو بہ هيل تائين ٻہ شاديون ڪري چڪو آهي. هنن وٽ مال ملڪيتون، جايون جائدادون، پستول ۽ بندوقون بہ آهن، خبر ناهي ٻيو ڇاڇا آهي؟ پير روزن جو مهينو ڪوئٽيا وچي گذاريندو آهي، ڇو تہ سنڌ ۾ ان وقت گرمي هوندي آهي.

آءُ سوچيندو آهيان تہ هيءُ پير، پنهنجو وطن ڇڏي، هتي ڇو آيو آهي؟ اتي جي رهاڪن کي ڇو نہ ٿي فيض رسايائين، جن کي اُن جي هتي جي رهاڪن کان وڌيڪ ضرورت آهي.

هن پير جا مريد عجيب غريب قسم جون حرڪتون ڪندا آهن، جنهن کي هو "جذبو" چوندا آهن. مان

اسان جي ڪٽنب ۾ پهرين پهرين منهنجو وڏو ڀاءُ، جو هن وقت فوج ۾ ڪپتان آهي (هاڻي هو ڪرنل ٿي چڪو آهي) انگريزي اسڪول ۾ وهاريو ويو. مامي ڏاڍي مخالفت ڪئي ته انگريزي پڙهڻ ڪفر آهي، ائين هرگز ٿيڻ نه گهرجي. پر بابو سائين، جو گهر جو وڏو هو، تنهن هن معاملي ۾ هن جي هڪ به نه ٻڌي.

مامي جو حڪم هو ته مٿو ڪوڙيل رکو ۽ ڪانئچ پيڏين کان مٿي هجي. يعني پورا پورا مسخرا ڏسڻ ۾ اچو. پلي هڪ جيڏن جي ٽوليءَ جو نشانو بڻجو، پلي ڪل جهڙا ڏسڻ ۾ اچو، پر توهان کي ثواب ملندو. حالانڪ منهنجي دل چوندي هئي ته انگريزي نموني وار ڪٽايان ۽ لباس به پنهنجي سنگتين جهڙو هجيم. انهن ڳالهين به مون ۾ ننڍماڻهپي جو احساس پيدا ڪيو.

جڏهن پڙهائين ته اسان سئنيما به ڏسڻ لڳا آهيون، تڏهن ته خون ڪرڻ جو سانباهو ڪري آيو. هن کي اسان جي "سندو" ۽ "ڪهاڻي" رسالا ۽ سندر ساهيتہ ۽ ڏيپلائيءَ جي ڪتابن پڙهڻ تي به اعتراض هو. هندن جي هٿ جون ٺهيل شيون کائڻ کان اسان کي روڪي ڇڏيائين.

مامي جي اهڙي روش ڪري، مان سوچڻ لڳندو هوس: راڳ ته مونکي وڻي ٿو ۽ ٻڌي خوشي ٿي ٿئي. اسان جي گهر ۾ سهرا نه ڳائبا هئا ۽ فونو نه هو ته جتي اهي شيون هونديون هيون، اتي ويندا هئاسون. منهنجي

هن ائين ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيو ته مونکي وقت ڪونهي. حالانڪ هو ڪو ڪم ڌنڌو ڪونه ڪندو هو، سارو وقت پير جي خدمت ۾ رهندو هو ۽ عبادت ڪندو هو. عبادت ته هو شهر ۾ به ڪري ٿي سگهيو، پر پير کان پري ٿيڻ قبول نه هوس. ناني اندي ڏي رهي ۽ مرندي مري مري وئي، پر مامي هن جو بلو نه ڪيو. حالانڪ هن جهڙيون حديثون ته ”ماءُ جي پيرن هيٺان بهشت آهي“ پڙائي پڙائي ڪن ڪائي ويندو هو.

گورڪيءَ ڪيترو نه سچ چيو آهي ته ”هي مذهب جا ٺيڪيدار جيترو خدا جي ويجهو هجڻ جي دعوىٰ تا ڪن، اوترو ئي انسان ۽ انسانيت کان دور آهن.“

* * *

ها، هُو هو فلپ جو چاچو، ۽ هيءُ آهي منهنجو مامو.

فلپ، بائيبل ۾ پڙهيو ته ”جيڪڏهن توکي خدا ۾ پورو ايمان آهي، ۽ تون دل جي يقين سان دعا گهرين ته پهاڙن کي پڻ پنهنجي جڳهه تان هٽائي سگهين ٿو.“

اها آيت پڙهي هن جي خوشيءَ جي حد نه رهي. هن کي محسوس ٿيڻ لڳو ڄڻ ته هن کي پنهنجي منڊي ٽنگهه جو علاج ملي ويو هو. منڊاڻ هن جي زندگي زهر بڻائي ڇڏي هئي. هو اڃا ننڍي عمر جو هو ۽ معصوم. هن کي خدا ۾ پورو پورو ايمان هو. هر عبادت بعد، پنهنجي لنگڙائپ درست ٿيڻ جي دعا پنڻ لڳو. هن کي پڪ هئي ته هن

جو اهو عيب دور ٿي ويندو . سادگي ۽ معصوميت وچان، هڪ دفعي هن تاريخ مقرر ڪئي ته فلاڻي تاريخ منهنجو پير ٺيڪ ٿي وڃڻ کپي. هو دعائون گهرندو رهيو . نيٺ اهو ڏينهن به آيو . اها رات هن ڏاڍيءَ بيچيني ۽ بيقراريءَ ۾ بسر ڪئي . هن کي يقين هو ته صبح جو اٿڻ سان هو بلڪل چڱين ڀلين ٽنگن وارو انسان هوندو . پر هن جون هڙئي اميدون خاڪ ۾ ملي ويون .

اهوئي هو اهو واقعو ، جنهن بعد هن سوچڻ شروع ڪيو ، خدا ۽ مذهب جي باري ۾.

هو جڏهن ڊاڪٽري ڪاليج ۾ پڙهندو هو ، تڏهن ، هڪ ڏينهن هڪ سرجن ، هن جو پير ڏسي چيو ته "مان تنهنجي پير جي آپريشن ڪري، ڪنهن حد تائين اهو عيب دور ڪري سگهان ٿو ."

هن آپريشن ڪرائي ، سؤ في سيڪڙو ته نه پر هن جو پير گهڻو ڪجهه ٺيڪ ٿي ويو . هن جي چپن تي مسڪراهٽ نچڻ لڳي . سعادت حسن منٽو وانگر هو به سوچڻ لڳو ته "خدا وڏو آهي يا انسان .... !"

* * *

پيو انگريزي پڙهندو هوس . هڪ ڏينهن مسيت جي پيش امام کي چوندي ٻڌم ته دعا ۾ آيت الڪرسي پڙهي، جيڪو به ڏاڍيءَ ڪان سوال ڪيو ته اهو ضرور قبول پوندو . اها ڳالهه منهنجي دل تي نقش ٿي وئي ، ٻئي ڏينهن ئي قرآن مان اها آيت ياد ڪيم .

اها آيت اهو اثر ڪونہ ٿي ڏيکاري، ان جو سبب هيءُ آهي تہ شايد مون هڪ بہ دفعو پليد ڪپڙن سان پڙهي هئي .... "

هائي اهي ڳالهيون ڪهڙيون نہ ڪل جهڙيون ٿيون لڳن.

* * *

هڪ دفعي، بنگال جي ڏڪر جي زماني ۾، ڪنهن کي چوندي ٻڌم تہ "جيڪڏهن خدا رزاق آهي ۽ سڀڪنهن کي روزي رسائي ٿو تہ پوءِ بنگال ۾ بک وگهي هزارين انسان ڇو موت جو شڪار بڻجي رهيا آهن!"

شايد اهوئي پهريون موقعو هو جو مون سوچيو تہ هڪ انسان بہ خدا جي باري ۾ ان قسم جي گفتگو ڪري سگهي ٿو.

* * *

فلپ، تصوير ڪشيءَ جي فن ۾ مهارت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، مان وري ڪهاڻيون لکڻ جي فن ۾ طبع آزمائي ڪري رهيو آهيان.

هو بہ مون وانگر ڊاڪٽر هو. ڊاڪٽري پاس ڪرڻ کان اڳ تائين هن کي مالي مشڪلات سان منهن ڏيڻو پيو. مان بہ سنڌي ماستر جو پٽ آهيان.

هن جي طبيعت ۾ جستجوءَ جو شوق، خيالن ۾ بيچيني ۽ دل ۾ بي اطمياني رهندي هئي. معمولي معمولي ڳالهين تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ سوچيندو رهندو هو

فلپ، جڏهن مذهب ۽ مذهبي هستين کان باغي ٿي
چڪو، تڏهن اهي مذهبي رسمون ياد اچڻ لڳس، جي
هن کي ادا ڪرڻيون پونديون هيون. عبادت دوران هن جا
عضوا اڪڙجي پوندا هئا. ديول ڏانهن ويندي رستي تي
برف ۽ سرديءَ ڪري هن جا هٿ پير ٺري سُن ٿي
ويندا هئا. اسڪول ۾ پوڄا جي پابندي، هن جي سخت
پريشانيءَ جو باعث بڻجندي هئي. ڪيڏي نه ذهني ڪوفت
۽ جسماني تڪليف سهڻي پوندي هئي! .... اهو ويچار
ڪري ته هو هاڻي انهن سڀني چيزن کان آجو ٿي ويو،
هن جي دل خوشيءَ کان اڇلون ڏيڻ لڳي.

هو خيالي خوفن ۽ تعصب کان آزاد ٿي چڪو هو.
هاڻي دوزخ جي باهه جي انديشي کان سواءِ، پنهنجي راهه
اختيار ڪري ٿي سگهيو. هو پاڻ کي هلڪو ۽ مطمئن
محسوس ڪرڻ لڳو، ڇڻ ته هن جي مٿي تان مڻن جو
بوجهه لهي ويو هو.

ڪتاب جو اهو ٽڪرو پڙهي، منهنجي نظر پنهنجي
ماضيءَ طرف مڙي ويئي.

اهو ته ياد نه اٿم ته مون پهرين نماز ڪڏهن پڙهي.
ٽئين درجي سنڌيءَ ۾ هوس ۽ منهنجي عمر ڏهه سال کن
هئي. انهن ڏينهن ۾ مامو ڪنهن مدرسي مان ديني تعليم
حاصل ڪري موٽيو هو. هو روز رات جو، گهر جي
ڀاتين کي ميڙي، حديثن جا ڪتاب پڙهي ٻڌائيندو هو.
انهن ۾ گهڻيون حديثون اهڙيون هيون، جن ۾، دوزخ

جي باهہ ۽ بلائن جو بيان هو. پڙهڻ وارو سخت هراسجي ۽ ڏپ ۾ پرجي تي ويو. مان دل ئي دل ۾ پنهنجي بي عمل زندگيءَ کري ڪنبڻ لڳس ان وقت کان وٺي باقاعدي نماز پڙهڻ شروع ڪيم. ماضيءَ جي تلافي ڪرڻ لاءِ، قضا نماز به ادا ڪرڻ لڳس. ان سال مون سڀ روزا رکيا.

صبح جو گهري ننڊ ڇڏي نماز پڙهندو هوس، سمجهندو هڪ اکر به نه هوس تڏهن به ڪلاڪ سوا قرآن جي تلاوت ڪندو هوس. مسيت ۾ ڪنهن مولويءَ جو وعظ هوندو هو ته اڌ رات تائين جهوٽا کائيندي به محض ثواب حاصل ڪرڻ خاطر، ان محفل ۾ شريڪ رهندو هوس. مولوي پيو من گهڙت قصا ٻڌائي، ماڻهن کان داد تحسين حاصل ڪندو هو. اهڙا وعظ ٻڌڻ واسطي وقتي مامي سان گڏجي پر وارن ڳوٺن ڏانهن، ٻه چار ڪوهه پنڌ ڪري به وڃو هو.

روزن جي مهيني ۾ رات اڌ تائين، سيءَ ۾ ڏڪندي، تراويحون پڙهيون پوندڙيون هيون. وري اسر جو ماني کائڻ لاءِ اٿڻ؛ سارو ڏينهن بک، اڃ ۽ ٿڪ ۾ بيحال.

جڏهن هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيس، تڏهن به مذهب جي سخت پابندي رهي. بورڊنگ هائوس ۾ نماز پڙهڻ ۽ روزا رکڻ لازمي هئا. ماسڪ مانيٽر (مسجد جو مانيٽر) مقرر هوندو هو، جنهن جو ڪم هو وقت تي گهنڊ وڄائڻ، ڇوڪرن کي نماز لاءِ اٿارڻ ۽ مسجد ۾ حاضري وٺڻ. پيو

هو مولوي صاحب، جو پيش امام به هو ۽ نماز کان گسائيندڙن کي سزا به ڏيندو هو. سزا انهن کي ملندي هئي جي يا ته نماز تي صفا ڪونه ايندا هئا، يا دير سان پهچندا هئا، مثال طور ٻي رڪعت ۾ پهتا يا فرض پڙهجي وڃڻ بعد. سزائون هي هيون: پاڻيءَ جا ڏول ڀري اسڪول جي وڻن کي ڏيڻ. هڪ رڪعت ۾ نه پهچڻ لاءِ هڪ ڏول، ٻن لاءِ ٻه، عادتي گوسڙن تي پيٺو ڏنڊ، نماز جي سزا نماز، يعني چار نفل، اٺ نفل، ويهه نفل جي هن کي ماسڪ مانيٽر جي سامهون پڙهڻا پوندا هئا. مانيءَ جو ويلو بند. چهبڪ ۽ چماٽون.

اها حقيقت وري ٿو دهرايان ته جهڙي طرح ڪو ڏوهه ڪرڻ ڪري جيل جي سزا ملندي آهي، اهڙيءَ ريت مسيت ۾ دير سان اچڻ جي جرم ۾ اسان کي "نماز پڙهڻ" جي سزا ملندي هئي. نماز، سزا جو هڪ قسم هو.

فجر جو ۽ اونهاري ۾ ٻيهريءَ جو، جنهن مهل، ماسڪ مانيٽر نماز لاءِ اچي گهري ۽ مٿي ننڊ مان ڌونڌاڙي اٿاريندو هو، تنهن مهل دل چوندي هئي ته گولي ماري اتي ختم ڪري ڇڏجيس. ڪيترا اهڙا واقعا به ٿيا جو ڪن خارباز شاگردن، ننڊ ڦٽائڻ ڪري ماسڪ مانيٽر جي نڙگهٽن سان مرمت ڪئي. سياري ۾ پرهه ڦٽيءَ وقت گرم هنڌ ڇڏڻ ائين لڳندو هو، ڄڻ ته موت جو سڏ ٿيو هجي.

مشڪل، موچڙو جو مٿان پيو لٽڪندو هو. حاضري پچارڻ ۾ ورتي ويندي هئي. ٽَڪُ ۽ ننڊ جا جهوٽا. پٺوئي ڪونه پوندو هو ته امام سڳورو ڪڏهن ٿو رڪوع ۾ وڃي ۽ ڪڏهن ٿو سجدو ڏئي. قرآن جي عربي ته اسان جي سمجهه ۾ ائين ئي ڪونه ٿي آئي. وقت ايترو هوندو هو جو ڪي ڇوڪرا ته وڃي، سئنيما جو پيو شو ڏسي وري اچي نماز ۾ شريڪ ٿيندا هئا.

اسر جو وري مانيءَ تي اٿاريو ويندو هو. اف ! ان وقت ته اهڙي حالت هوندي هئي، جو سڄي دنيا جي بادشاهت بخشي وڃي ته ان ڪي لت هڻي ڇڏجي، پر پياري ننڊ نه ڦٽي ڪجي!

منجهند کان پوءِ بک ۽ پياس ڪري ماڻهو نه پڙهي سگهي، نه ڪو ڪم ڪار ڪري سگهي ۽ نه ڪيڏي سگهي. سچ ڪي پيو پئبو هو ته ڪڏهن ٿو گرم ٿئي. وري شام جو ايترو پاڻي پئبو هو ۽ کاڌو کائبو هو جو نشا چڙهي ويندا هئا، ۽ اهڙي حالت ۾ گهلجندو، بي دليو، تراويحن لاءِ وڃڻو پوندو هو. هن مهني ۾ گهڻو ڪري ڦٽن، دستن ۽ پيٽ جي سور جي بيمارين جو شڪار رهبو هو.

ڇوڪرن جو نماز ۽ روزن کان بچڻ لاءِ اٽڪلون سٽڪلون ڪرڻ ڏيکاري ٿو ته انسان ڪي مڪاري ۽ منافقيءَ جو پهريون سبق ڪهڙي ميدان ۾ ملي ٿو.

مان پهرين ته خدا جي ڊپ ۽ دوزخ جي دڙڪي کان خوفزده ٿي، نماز روزي جي پابندي ڪندو هوس.

وقت گذرڻ ڪري موسمن، گرمي، سردي، ڪڪرن ۽ مينهن جي اثر ڪري، پنا ڦاٽي پيا هئا ۽ پيرُٽا به ٿي پيا هئا. هٿ لڳائڻ سان جهري ٿي پيا. جڏهن ٻهن طبعي طاقتن يعني اڌوهي، موسم، وغيره جو ان تي اثر پوي ٿو ته باقي باه جو ڪيئن نه پوندو!

* * *

آهستي آهستي احساس ٿيندو ويم ته مان بورڊنگ هائوس ۾ سزا جي ڊپ ڪان، ۽ گهوٽ مائٽن ڪي ڏيکارڻ خاطر نماز جا ٽڪر هڻان ٿو. پنهنجي مذهبي پهلوءَ تي سوچيندو هوس ته مون ڪي پنهنجي حالت ان شخص جهڙان لڳندي هئي، جنهن سارو ڏينهن بنا ڪنهن مقصد جي شهر جي گهٽين ۾ آواره گردي ڪئي هجي، جنهن جي ڪابه منزل مقصود نه هجي.

هڪ خوبصورت خيال هو، هڪ حسين حقيقت هئي، جنهن مٿان جهالت، وهم پرستي، ماحول، مائٽن جي اثر ۽ مذهب پسنديءَ جا تهه چڙهيل هئا. اهي تهه لهندا ويا.

ڪتابن جي اڀياس ۽ ڪن سمجهو ماڻهن سان اٿڻ ويهڻ جي دوران، مون کي اهڙيون ڳالهيون معلوم ٿينديون رهيون، جن لاءِ مان محسوس ڪرڻ لڳس ته جڻ ازل کان انهن جي تلاش ۾ هوس.

فاپ وانگر، مونکي به جڏهن خيال ايندو آهي ته هاڻي هزارين وهمي چيزن کان آجو ٿي ويو آهيان ۽ اها ذهني غلامي ختم ٿي چڪي آهي، يا گهٽي حد تائين

حيدرآباد سنڌ:
٢٩ سيپٽمبر ١٩٦٧ع

# پراڻن ڪاڳرن ياد ڏياريو

ننڍي هوندي کان ئي پنهنجي ڳوٺ کان ٻاهر رهيو آهيان. مئٽرڪ تائين لوڪل بورڊ هاءِ اسڪول نواب شاهه ۾ پڙهيس. ١٩٤٦ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪيم. پوءِ ٻه سال سائنس جي ۽ پنج سال ڊاڪٽريءَ جي تعليم ڪراچيءَ ۾ حاصل ڪيم. ١٩٥٣ع کان ١٩٥٨ع تائين سرڪاري نوڪريءَ ۾، سنڌ جي جدا جدا شهرن ۾ بدلي ٿيندو رهيس. ان کان پوءِ حيدرآباد ۾ پنهنجي خانگي اسپتال هلائي رهيو آهيان.

* * *

ننڍپڻ کان ئي ڪتابن سان لڳاءُ رهيو آهي. ڪتاب ۽ ڪاڳر ڳوٺ واري گهر ۾ ئي رکندو ۽ سانڍيندو ويندو هوس. منهنجي شخصي سنڀال نه هجڻ ڪري، آهي ڪتاب هيٺ مٿي ٿيندا رهيا ۽ اڌهي ۽ ٻيا جيت جڻيا به انهن کي پنهنجو کاڄ بڻائيندا رهيا.

ٻه سال کن ٿيا ته هڪڙي جهوني ڪٻٽ ۾ پنهنجي خزاني کي ڏسي رهيو هوس ته هاءِ اسڪول جا ڪجهه

پراڻا ڪاڳر نظر آيا. اهي ڪيڏي حيدرآباد ڪٽي آيس ۽ ڏاهي ڏڪي، ترتيب سان فائيل ۾ لڳائي ڇڏيم.

اهي پراڻا ڪاڳر ڏسي، هاءِ اسڪول جي زماني جون ڪيترين ئي ڳالهين دل تي تري اينديون اٿم. اڄ آهي لکڻ ويٺو آهيان.

ان دور کي چوٿيهه، پنجٽيهه سال ٿي چڪا آهن. يادگيريون ماضيءَ جي ڏنڊ ۾ ويڙهيل آهن ۽ هاڻي ته حافظو به اڻ ڇٽ هٿ لڳو آهي. پر تنهن هوندي به ڪن ڳالهين جو ٿورو گهڻو عڪس اکين آڏو پيو ڦري. هر هڪ ڪاڳر سان ڳنڍيل يادگيريون الڳ الڳ ڏيان ٿو.

منهنجي حياتيءَ جو سڪئي ۾ سکيو ۽ سٺي ۾ سٺو حصو نواب شاهه جي لوڪل بورڊ هاءِ اسڪول ۽ بورڊنگ هائوس ۾ گذريو آهي. اهو ان ڪري نه ٿو چوان ته پنهنجو ماضي هر ڪنهن کي مٺو لڳندو آهي. منهنجو ماضي ته سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچي (سائنس) ۽ ڊؤ ميڊيڪل ڪاليج ڪراچي ۽ ڪراچي شهر به آهن، پر ان دور جون مشڪل سان ئي اهڙيون ڳالهيون هجن، جي منهنجي واسطي ڪشش رکندڙ هجن ۽ پين کي پڙهائڻ واسطي شوق سان ويهي لکجن.

نواب شاهه اسڪول ۾ مونکي تعليم ملي، تربيت ملي، عزت ملي، پيار مليو، اهميت ملي.

اسان جا استاد ڏاڍي محنت ۽ باقاعدگيءَ سان پڙهائيندا هئا. ماحول به اهڙو هو جو اسين شاگرد به پڙهڻ ۾ پورو

هڪ ٻئي جا همدرد ۽ پائيوار، گڏ اُٿڻ وهڻ، گڏ کائڻ پيئڻ، گڏ لکڻ پڙهڻ، گڏ ٽپڻ ڪڏڻ، گڏ گهمڻ ڦرڻ. ڄڻ هڪ گهر جا ڀاتي هئاسين. آچر جي موڪل واري ڏينهن صبح جو اسڪول جي نلڪي وٽ "ڌوٻي گهاٽ" جو ڏيک هوندو هو. اتي سيمنٽ جا اوچا دڪا ٺهيل هوندا هئا، جتي اسين بورڊنگ وارا پنهنجا پنهنجا ڪپڙا ڌوئيندا هئاسين. ڪپڙا سٽڻ وقت پاڻ ۾ ڪچهري ۽ ڪل ٻوٽ جاري رهندا هئا. چانڊوڪين راتين ۾ رانديون ڪندا هئاسين يا بيت بازيون. ڪمرن ڪي ٻهاري پاڻ ڏيندا هئاسين، پاڻ پاڻي ڀريندا هئاسين، ڪپڙا پاڻ ڌوئيندا هئاسين ۽ انهن کي استري به پاڻ ڪندا هئاسين.

گهڻو ڪري سڀ غريبن جا ٻار هئاسين. وڏيرن جا پٽ به هئا، پر ڪڏهن به طبقاتي فرق محسوس ڪونه ٿيو. پاڻ وڏيرن جا پٽ اسان جا محتاج هوندا هئا، جو هو پڙهڻ ۾ جڏا هئا ۽ اسان کان سبق سکندا هئا. عزت جو معيار دولت نه هو. ماسترن توڙي شاگردن ۾ عزت ان کي ملندي هئي جو پڙهڻ ۾ هوشيار ۽ اخلاق وارو هوندو هو؛ ۽ مان پنهي خوبين جو مالڪ هوس.

ان اسڪول ۾ استادن وٽان، شاگردن وٽان، ساٿين وٽان ۽ شهر جي ماڻهن وٽان جيڪا عزت مونکي ملي، سا اڄ تائين نه ملي اٿم. ان عزت افزائيءَ مون جهڙي ٻهراڙيءَ جي ٻار جا حوصلا بلند ڪيا ۽ زندگي سنوارڻ ۾ مدد ڪئي.

* * *

ڀيريون ڪاڳر منهنجي هڪ عام سياسي جلسي ۾ ڪيل تقرير آهي. مان پنهنجي اسڪول جي مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو پريزيڊنٽ هوس. ان وقت سڄي هندستان ۾ آزاديءَ جي هلچل هلي رهي هئي. جتي ڪٿي انگريزن خلاف جلسا، جلوس، ڌهراءَ، احتجاج، هنتاڙون، بک هڙتالون ۽ بائڪاٽ ٿي رهيا هئا. قومي ۽ سياسي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن سان ڏڙا ڏڙ جيل ڀرجي رهيا هئا.

اسان شاگرد به فيڊريشن طرفان اسڪول ۽ شهر ۾ جلسا ڪندا، جلوس ڪڍندا ۽ نعرا هڻندا هئاسين. نعرن جي ڳالهه تي معشوق علي خواجه ياد ٿو اچيم، جو اڄ ڏينهن تائين "ماشا" جي نالي سان مشهور آهي. هو ڏاڍي جوش مان اپ ڦاڙ نعرا هڻندو ۽ هڻائيندو هو. جلسي کي گرمائي ڇڏيندو هو. نعري هڻڻ وقت سڄو بدن پيو لڏندو هوس، لڏڻ ڇا اصلي ڇڙيون پيو هڻندو هو. سينو ٻاهر نڪري ايندو هوس ۽ بند ٿيل مٺ مٿي هوا ۾ ائين زور سان بلند ٿيندي هئس جڻ آسمان ۾ ٽنگ ڪري وجهندو. وات مان گف وهڻ لڳندي هئس. سهڪو وٺي ويندو هوس. پگهر ۾ شل ٿي ويندو هو. ان وقت هن کي ڏسي انديشو ٿيندو هو نه ڪٿي جوش ۾ ڦوڪڻي وانگر ڦاٽي نه پوي. هر جلسي ۽ جلوس ڪانپوءِ هن جي نڙي صفا ويهي ويندي هئي.

ان وقت عمر جي لحاظ کان ٻيءِ اسان جي جذبن ۾ معصوميت هئي. انهيءَ زماني ۾ منهنجي ذهن ۾ جيڪو آزاديءَ جو مفهوم يا تصور هو، سو ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. سمجهان ٿو ته اهو هن ڪان ڪنهن به ٻي طرح نه ٿو ٿي سگهي:

اسين ڌاري قوم جا غلام آهيون. هنن اسان تي پنهنجي ٻولي مڙهي آهي. هتي جي واپار، نوڪرين ۽ پيدائش جي ٻين ذريعن تي هنن جو قبضو آهي ۽ انهن مان جيڪا دولت پيدا ٿئي ٿي، سا هو سميٽي پنهنجي ملڪ انگلنڊ ڏانهن کنيو ٿا وڃن. ان ڪري آزادي وٺڻ جو مقصد ٿيو ڌارين کي پنهنجي ديس مان ڌڪي ڪڍڻ.

سياسي سرگرمين جي سلسلي ۾ اسان کي پس پردي سائين خواجه صاحب ڏي هدايتون ڏيندو هو ۽ رهنمائي ڪندو هو. فيڊريشن جي صدر ۽ شاگردن جي نمائندي جي حيثيت ۾ مونکي سياسي پارٽين جي عام جلسن ۾ جيڪي تقريرون ڪرڻيون پونديون هيون تن جي باري ۾ به نقطا هو ئي ٻڌائيندو هو يا تقرير لکي ڏيندو هو. هيءَ جيڪا هن پراڻي ڪاڳر تي تقرير لکيل آهي، سا خواجه صاحب پنهنجي هٿ سان لکي مونکي ڏني هئي ۽ مون اها ميڙ ۾ اسٽيج تي مائڪروفون سامهون پڙهي هئي. مونکي ياد اچي ٿو ته هي عام جلسو مسلم ليگ طرفان نواب شاهه جي چڪري ۾ ٿيو هو. ڪاڳر تي تاريخ لکيل ڪونه آهي، پر پڙهڻ مان اندازو ٿئي ٿو ته

سال ١٩٤٥ع جو ڪو مهنو هو، جڏهن سنڌ صوبائي اسيمبليءَ جي چونڊن ۾ نواب شاهه ضلعي جي مسلم ليگ جي پنجن اميدوارن مان چڻن ڪٽيو هو.

نواب شاهه شهر ۾ پهريون هاءِ اسڪول: ولس هاءِ اسڪول هو. ان ۾ ڪانگريسي شاگردن جي پارٽي هئي. هو سياست ۾ ڏاڍا سرگرم هئا ۽ ڪيترا شاگرد جيلن ۾ واڙيا رهيا هئا. هڪ ڀيري هنن ڪو احتجاجي جلوس ڪڍيو. اهو جلوس رستن تان ٿيندي اسان جي اسڪول سامهون اچي بيٺو ۽ نعرا هڻڻ لڳو. اسين فيڊريشن جا ٻه ٽي عهديدار ٻاهر نڪري هنن جي اڳواڻن سان وڃي ملياسين. ياد نه اٿم ته اهو ڪهڙي ڳالهه تي احتجاج هو. هنن جو چوڻ هو ته ان ۾ مسلم ليگ وارن کي اعتراض نه هجڻ گهرجي، ان ڪري توهان به ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪري، ٻاهر اچو ته شامل ٿي گڏيل احتجاجي جلوس ڪيون. اسان ته خواجه صاحب جي صلاح يا اشاري کانسواءِ اهڙو قدم کونه کڻندا هئاسين. مان وڃي خواجه صاحب کي سنڌس آفيس ۾ ساري ماجرا ٻڌائي. هن مرڪي چيو "ڇورا، ضرور وڃو پر منهنجو نالو نه کڻجو."

اسان سڀني شاگردن کي ڪلاس مان ڪڍيو ۽ جلوس ۾ شامل ٿي وياسين. ڪافي وڏو جلوس هو. جلوس هلڻ شروع ڪيو. انگريزن خلاف نعرا لڳي رهيا هئا. خان محمد ميمڻ، جو شايد فيڊريشن جو سيڪريٽري هو، تنهن مونکي ڪن ۾ چيو ته هي خطرناڪ معاملو آهي، پاڻ هن جلوس مان نڪري هٽي پاسي ٿا هلون. مون چيو ته

مولوي صاحب ڏاڍو دلچسپ ماڻھو ھو. ھن جي ڪچھري علمي ۽ ڏاھپ جي ڳالھين سان ڀرپور ھوندي ھئي. ھو سياست جي باري ۾ به ڏاڍو يقين ڏيارينڌڙ ڳالھيون ڪندو ھو، جن جو اسان وٽ ڪو جواب ڪونه ھوندو ھو، سواءِ ھلڪڙائيءَ جي. ھو ڪتابن جو عاشق ھو ۽ ھن جو سڄو ڪمرو ڪتابن سان ڏٽيل رھندو ھو. ڪٻٽن ۾ ڪتاب، ميز تي ڪتاب، کٽن تي ڪتاب فرش تي ڪتاب، ھو فرصت جو سارو وقت پڙھندو رھندو ھو. چانھه جو ڏاڍو شوقين ھو. اڄ به ھو جئرو آھي ۽ ساڳئي اسڪول ۾ عربي پيو پڙھائي، سندس ڪمري جو ساڳيو حال آھي ۽ ڪتابن ۽ چانھه سان اھوئي لڳاءُ اٿس.

جڏھن مان وڏو ٿيس ۽ مولانا آزاد جا ڪجھه ڪتاب پڙھيم، خاص ڪري سياسي، تڏھن سائين مولوي صاحب سان ڪيل بدتميزين تي افسوس ٿيندو ھو.

ان دور ۾ ئي ڪامريڊ گھنشيام داس سان واقفيت ٿي. جيڪو به سياسي ماڻھو، سياسي نيت سان بورڊنگ ۾ ايندو ھو، تنھن سان مونکي ئي منھن ڏيڻو پوندو ھو. ڪامريڊ گھنشيام قد جو ڊگھو، بت ۾ سنھون، ڳل اندر پيٺل، منھن جا ھڏا ظاھر، چپن تي مرڪ، اکين تي عينڪ، گھڻو ڪري ھلڪي ناسي رنگ جا ڪپڙا پھريل. ھو طبيعت جو نھٺو ۽ ڌيرج وارو ھو. ھن جي ھٿ ۾ سدائين ھڪ ڪپڙي جي ڳوٿري ھوندي ھئي، جنھن ۾ ڪجھه ڪتاب ۽ پمفليٽون پيل ھونديون ھئس.

هو اڪثر اسان وٽ ايندو رهندو هو. هن جو بحث دايلن دلائلن وارو هوندو هو. هن جون ڳالهيون دل ۾ چڀندڙ ۽ دل سان لڳندڙ هونديون هيون. هو پڻ سياسي اڳواڻن وانگر هر ڳالهه کي مذهب جي نالي ۾ يا مذهب جو رنگ ڏئي مچرائڻ وارو نه هو.

بعضي بعضي سوچيندو آهيان ته ان زماني ۾ اسان شاگردن ڪي مولوي علي محمد ۽ ڪامريڊ گهنشيام جي خيالن کي اها اهميت ڏيڻ کپندي ئي، جنهن اهميت جا اهي حقدار هئا.

*　　　*　　　*

محمد ايوب کهڙو ۽ يوسف هارون شهر ۾ آيل هئا. يوسف هارون مرڪزي اسيمبلي ۾ اميدوار بيٺو هو، ان سلسلي ۾ ورڪ ڪري رهيا هئا. هنن شهر ۾ جلوس ۽ جلسا ڪيا. اسان کي شوق ٿيو ته هنن کي اسڪول ۾ آڻيون ۽ تقرير ڪرايون. سائين خواجه صاحب جي صلاح سان هنن کي دعوت ڏيڻ وياسين. هنن چيو ته جي ٻن ڪلاڪن اندر چوڪرا گڏ ڪري سگهو ته اسين ايندا سين ورنه اسان کي ٻئي شهر ڏي اسهڻو آهي. جيئن ته اسان جو اسڪول گورنمينٽ جو نه، پر لوڪل بورڊ جو هو، ان ڪري اسڪول تي سياسي پابنديون ڪونه هيون.

اسان جلدي جلدي اسڪول جي ميدان ۾ جلسي جو انتظام ڪيو ۽ چوڪرا گڏ ڪيا. پوري وقت تي ايوب

ڪونہ ويس. سائين خواجہ صاحب پڇائيندو منهنجي ڪمري تي اچي نڪتو. مان ادب سان اٿي بيٺس. سائينءَ چيو:
"ڇورا، اڄ توکي ڇا ٿي ويو؟"
مان چپ رهيس.

۽ اڄ تائين چپ آهيان. اهو ڏينهن اڄوڪو ڏينهن وري ڪنهن جلسي يا ميڙ ۾ تقرير ڪرڻ جي همت نہ ٿي اٿم، سواءِ ١٩۴٦ع جي، صوبائي چونڊن جي دور ۾ جڏهن مان علي ڳڙهہ مان آيل شاگردن جو ترجمان ٿي، ٽلٽيءَ پاسي ڳوٺن ۾ ورڪ ڪرڻ ويو هوس.

ڪراچيءَ سائنس ڪاليج ۾ داخل ٿيڻ ڪانپوءِ بہ منهنجي سياست سان دلچسپي قائم رهي. مان مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو ميمبر رهيس ۽ مسلم نئشنل گارڊ جو رڪن بڻجي ڪجهہ وڙهڻ جي سکيا پڻ ورتم.

ان دور ۾ ئي منهنجي ڪوشش سان منهنجي ڳوٺ خانواهڻ ۾ مسلم ليگ جي برانچ قائم ٿي.

١٩۴٦ع جي سنڌ جي صوبائي چونڊن ۾، علي ڳڙهہ يونيورسٽيءَ جا شاگرد خاص جي - ايم سيد خلاف هن جي تڪ ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ موڪليا ويا هئا. مان ان وقت سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچيءَ ۾ پڙهندو هوس. علي ڳڙهہ مان آيل شاگردن مان ڇهن ڇهن ڄڻن جا جٿا ٺاهيا ويا ۽ هر هڪ جٿي سان گڏ هڪ سنڌي شاگرد ملايو ويو، جيئن هنن جون ڪيل تقريرون جو سنڌي ترجمو ڪوڻائن

سائين خواجہ صاحب اسڪول کي ترقي ڏياري چڪو هو. هي اسڪول، جنهن وقت سائينءَ چارج ورتي هئي، ان ۾ چاليهہ ڇوڪرا هئا ۽ اسڪول هڪ خانگي گهر ۾ هو، جنهن ۾ رڳو ٽي ڪمرا هئا. هن وقت اسڪول جي نئين عمارت ٺهي چڪي هئي، جنهن ۾ سڀ ڪجهہ هو: ست ڪلاسن جا ڪمرا، ڊرائنگ هال، سائنس هال، آفيس جا ڪمرا، ماسترن جي وهڻ جو ڪمرو، لئبرريءَ جو ڪمرو وغيرہ. اسڪول ۾ پڙهندڙ شاگردن جو شمار ٻہ سؤ ڪان وڌيڪ ٿي ويو هو. اسڪول جي اها ترقي سائين خواجہ صاحب جي شخصي محنت ۽ لياقت جو نتيجو هئي.

ڪنهن بہ ملڪ جي ۽ خاص ڪري سنڌ جهڙي علائقي جي تعليم جو نظام ايستائين اڻپورو چئبو، جيستائين تعليم ٻهراڙيءَ وارن تائين نہ پهچائي وئي آهي.

اصل ۾ اسان سنڌي مسلمانن جي پوئتي رهجي وڃڻ جو وڏو سبب اهو آهي تہ اسين شهرن کان پري پئي رهيا آهيون.

اڳئين دور ۾ بہ شهرن ۾ هندن جو غلبو هو. مسلمان گهڻو ڪري ڳوٺن ۾ رهندا هئا. اتي هنن جو مهندار، مالڪ ۽ حاڪم وڏيرو هو. وڏيري شهر ۾ اچڻ نہ ٿي گهريو، ڇو تہ شهر ۾ هن کي ايتري عزت، اهميت ۽ حاڪميت حاصل ٿي نہ ٿي سگهي. تنهن ڪانسواءِ اهو خيال ٿي ٿيس تہ متان سندس غير حاضريءَ ۾ هاري ايتري

جو فائدو وٺي هنن کي ڦرين ٿا، ۽ انهي هٿن سان لٽين ٿا. جي ڳوٺن ۾ مارڪيٽ هوندا ته شهر جي انهن واپارين کي پاڻ ڳوٺن ۾ اچڻو پوندو. ان ڪري نه رڳو ڳوٺن جي اهميت وڌندي، پر هاري ۽ آبادگار ڪافي حد تائين ڦرمارڪان بچي پوندا.

شهر ۾ رهڻ جي سهوليت ملي وڃي ته ٻهراڙيءَ جا گهڻا ڇوڪرا ۽ شاگرد ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ تائين پڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويندا، ۽ تعليم سنڌين جي بنيادي ضرورت آهي. مان سمجهان ٿو ته اهو شخص، سنڌ جو وڏو سڄڻ ۽ وطن دوست آهي، جو اسڪولن ۽ ڪاليج لاءِ وڏيون ۽ سٺيون هاسٽلون ٺهرائڻ لاءِ جاکوڙ ڪري ٿو.

سائين خواجه صاحب هاسٽل ٺهرائڻ لاءِ وڏي ڪوشش ڪئي. نيٺ هڪ جاگيردار نواب ڪانئيو خان ان واسطي پيسا ڏيڻ لاءِ تيار ٿيو. اهو به سائين خواجه صاحب جو تاريخي ڪارنامو هو. مان ته ٽيهتائين مئٽرڪ پاس ڪري، اسڪول ڇڏي ويو هوس، پر اتي عاليشان هاسٽلون ۽ عظيم لطيف هال ٺهي ويو. انهن هاسٽلن جي ڪري ڏهه هزارين ڳوٺن جا شاگرد تعليم پرائي چڪا آهن.

* * *

باقي سڀ ڪاڳر شاگردن جا ڏاهپ ۽ پنهنجي هٿ سان لکيل شعرن جا آهن. اهي شعر هنن اسڪول ۾ ٿيندڙ مشاعرن ۾ پڙهيا هئا. مان ۱۹۴۴ع کان ۱۹۴۶ع تائين اسڪول جي بزم مشاعره جو سيڪريٽري هوس.

اسين مهني ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ طرحي مشاعرو ڪندا هئاسين. مصرع طرح مقرر ڪئي ويندي هئي ۽ اڳ واٽ اهڙو سرڪيولر سيني ڪلاسن ۾ موڪليو ويندو هو، ساڳئي ڏينهن تي مشاعري کانپوءِ بحث مباحثو به ٿيندو هو. ان جو موضوع به مصرع طرح سان گڏ چوڪرن کي ٻڌايو ويندو هو.

اهي بحث مباحثا اسڪول جي ڊبيٽنگ سوسائٽيءَ طرفان ٿيندا هئا. مان ان سوسائٽيءَ جو به سيڪريٽري هوس.

مشاعري ۾ پڙهيل شعرن جي ڪاپي، سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾ مونکي ملندي هئي ۽ مان اهي رکندو ويندو هوس. انهن مان گهڻا ڪاڳر ته گم ٿي ويا، جيڪي هٿ لڳم سي هن فائيل ۾ لڳايا اٿم.

اسان شاگردن جا شعر، ان دور جي عام شاعرن وانگر روايتي انداز جا هوندا هئا. رديف، قافيي ۽ علم عروض جي ٻين قاعدن جي پوري پابندي ڪئي ويندي هئي. عربي ۽ پارسيءَ جا ڏکيا ۽ سمجهه ۾ نه ايندڙ لفظ زوريءَ پنهنجي شعرن ۾ ٽنبڻ ۾ فخر ۽ قابليت سمجهندا هئاسين. موضوع جي لحاظ کان انهن ۾ گل بلبل، روايتي عشق، هم جنس پيار، نصيحت بازي ۽ مذهب جا روايتي وعظ هوندا هئا. البت انهن ۾ نوان به ڏسبي هئي، نوان هئي قومي آزاديءَ جا جذبا. مزاحي شعر به چيا ويندا هئا. بورڊنگ جي دال ۽ ڪانگريسي مسلمان ٽوڪ ۽ چرچي جو نشانو بڻيا هئا.

ماسٽر خـواجہ صاحب پنهنجي آفيس ۾ گهرايو ۽ چيائين:

” قريشي صاحب اخبار تعليم ۾ تنهنجو شعر ’بي علم عورت جو فرياد‘ پڙهيو ۽ ڏاڍو متاثر ۽ جڏهن خبر پيس ته تون هن اسڪول جو شاگرد آهين ، هن کي شوق ٿيو ته توسان ملي . هو صاحب هن وقت تو کي ڏسڻ ۽ آفرين ڏيڻ آيو آهي“ .

دستور آهي ته سيني اسڪولن ۾ صبح جو پهرين اسيمبلي ٿيندي آهي ۽ ان ۾ دعا جو گيت ڳايو ويندو آهي. اسان جي اسڪول ۾ به ائين ٿيندو هو. پر اهو گيت روايتي انگريز شهنشاهہ جي سلامتيءَ جي دعاگهرڻ وارو نه هوندو هو . شاگردن جا ٺاهيل دعا جا گيت به، خواجہ صاحب جي اجازت سان ڳايا ويندا هئا . مون به کي اهڙا گيت ٺاهيا ، جي الهنداد ۽ گل بيگ لغاري اسيمبليءَ ۾ ڳائيندا هئا.

ڪتابن ، ادب ۽ لکڻ پڙهڻ سان دلچسپي وڌندي رهي ۽ اڄ تائين قائم آهي. سوچيندو آهيان ته ان دلچسپيءَ ڪانسواءِ منهنجي حياتي ڪيڏي نه بي‌سي هجي ها. لکڻ پڙهڻ ۽ ڪتابن ئي منهنجي واسطي زندگيءَ کي رهڻ لائق بڻايو آهي .

مٿي لکيو اٿم ته ملڪ آزاد ٿيڻ کانپوءِ عملي سياست ۾ منهنجي دلچسپي هڪدم ختم ٿي وئي، مئٽرڪ پاس ڪرڻ ۽ ڪاليج ۾ گهڙڻ کانپوءِ شعر مون کان ڇڏائجي

ويو . نه رڳو شعر ڏاهڻ بند ٿي ويو، پر شعر پڙهڻ جو چاهه به ختم ٿي ويو . اڄ ڏاڻهن به شعر پڙهڻ ايترو ڪونه وڻيم .

باقي ڪهاڻيون لکندو رهيو آهيان. ڪل ١٢٠ (هيل تائين ١٧٠) ڪهاڻيون لکيون اٿم ، جن مان گهڻيون اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن ۾ ڇپجي چڪيون آهن. شايد ئي ڪو ٻيو اهڙو سنڌي زبان جو ڪهاڻيڪار هجي ، جنهن جون ايتريون ڪهاڻيون ڇپيون هجن يا جنهن لکڻ جو سلسلو ايترو وقت جاري رکيو هجي. مان ٣٥ سالن کان لاڳيتو ڪهاڻيون لکي رهيو آهيان. منهنجي ڪهاڻين جا ٽي ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. اهي هي آهن:

(١) طوفان جي تمنا ١٩٦٩
(٢) پٿر تي ليڪو ١٩٧٣
(٣) جيڪي منهنجي من ۾ آهي ١٩٧٧

هن مضمون لکڻ کان پوءِ منهنجا ٻه ٻيا ڪهاڻين جا ڪتاب به شايع ٿي ويا آهن :

(٤) ناچڻي ١٩٧٨
(٥) ايڏو سور سهي ١٩٧٨

* * *

مون کان اڳ اسڪول جي بزم مشاعري جو سيڪريٽري محمد صالح راهو هو . مون هن کان ئي ان عهدي جي چارج ورتي هئي . هوئي مون ۾ شاعريءَ لاءِ اتساهه، پيدا

ڪندڙ ۽ ان ڏس ۾ منهنجي رهنمائي ڪندڙ هو ۰ هن وقت سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جو چيئرمن آهي۰ (.... هو ٨- ڊسمبر ١٩٧٨ تي لاڏاڻو ڪري ويو .... )

* * *

جن شاگردن جا شعر هن فائيل ۾ آهن ، تن ڪي ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو ۰

انهن مان گهڻن ڪي ته اهو به ياد ڪونه رهيو هوندو ته هنن ڪنهن زماني ۾ شعر ڏاهيا هئا ۽ شاعر بنجڻ جي ڪوشش ڪئي هئي۰ گهڻن ڪي ته پنهنجو تخلص به ياد ڪونه رهيو هوندو ۰ اهي پنهنجي هٿ سان لکيل هي شعر ڏسندا ته ڏاڍو عجب لڳندن ۰

انهن مان گهڻن سان، اسڪول ڇڏڻ کان پوء يعني ٽيهه سال گذرڻ تي به ملاقات ڪا نه ٿي آهي ، ڪن بابت ٻين دوستن کان پڇو پڌبو آهي ۽ ڪي لاڏاڻو ڪري ويا آهن ۰

انهن مان گهڻا شعر يا ادب جي دنيا ۾ وڌي ڪونه سگهيا ۰ اسڪول مان نڪرڻ کان پوء سندن ان شوق يا ڏات يا ڏانو جو خاتمو ٿي ويو ۰

## الهڏنو شاهه :

هن پنهنجو تخلص ”مسافر“ رکيو هو ۰ هو پوء ظفر علي شاهه جي نالي سان مشهور ٿيو ۰ هو سنهڙو ، سپاجهڙو ۽ مائيٽي طبيعت جو هو ۰

خبر ناهي ڇو خاموش ٿي ويو ، جيتوڻيڪ هن ۾ هڪ سٺي شاعر ٿيڻ واريون خوبيون هيون .

### سردار علي شاهه:

هن جو تخلص "ذاڪر" هو. هو اول ڪنهن ٻئي هنڌ پڙهندو هو، پر مئٽرڪ ۾ اچي هن اسڪول ۾ اسان جو هم ڪلاسي ٿيو هو. هن جون مڇون ڏاڍيون وڏيون وڏيون ۽ گهاٽيون هيون، ڇاتي ويڪري ۽ قد ڊگهو. ٻين ڇوڪرن جي سامهون ائين لڳندو هو، جڻ ڇامڙن جي وچ ۾ ديو. هو خاڪسار هو.

هن پوءِ صحافت جو ڌنڌو اختيار ڪيو . هن وقت سنڌي روزاني اخبار "مهراڻ" جو ايڊيٽر آهي. سياسي لحاظ کان هو ساڄي ڌر جي خيال جو آهي. هو سياست کي مذهب جي بنياد تي هلائڻ جو حامي آهي. سنڌيءَ جي ترقي پسند اديبن سان هن جو اصل کان اختلاف رهيو آهي. هن کي، هنن کان سخت چڙ آهي، جو، هن جي چوڻ موجب اهي اديب اسلام جو نه پر سنڌيت جو پرچار ڪن ٿا، سنڌ جي ترقيءَ کي عرب جي زمين کان وڌيڪ پاڪ سمجهن ٿا ، ۽ محمد بن قاسم کي نه پر راجا ڏاهر کي پنهنجو سورمو مڃن ٿا .

١٩٧٥ع ۾ جڏهن پيپلس پارٽيءَ جي حڪومت هڪ ڏي وقت سنڌيءَ جي ٽي سؤ ڪتابن تي بندش وڌي ، تڏهن سردار علي شاهه ۽ سندس هم خيال دوستن، حڪومت جي ان قدم کي ساراهيو. اهڙين خصلتن ڪري هو

اردو پريس ۾ چڱي نموني ياد ڪيو ويندو آهي. اها به حقيقت آهي ته ان ئي حڪومت ان اخبار کي به بند ڪيو، جنهن جو هو ايڊيٽر هو ۽ ڪيس ڪجهه وقت لاءِ جيل به اماڻيو.

مان سمجهان ٿو ته انهن مڙني شاگردن مان جي مشاعرن ۾ شعر لکي ايندا هئا، هڪڙو سردار علي شاه ئي آهي، جو پنهنجي شاعري قائم رکندو اچي ۽ اڃا تائين شعر پيو لکي. البت هن جا موضوع پراڻا ۽ ڍنگ روايتي آهي.

## فضل احمد:

هن جو تخلص ”فضل“ هو. هن جي مادري زبان پنجابي هئي. قد جو ٻگهڙو، منهن جا هڏا ٻاهر نڪتل، اکيون ننڍيون، سنهڙو اهڙو جڻ ته هوا جي جهوٽي تي ڪري پوندو. هن ٻهرين ۽ ٽئي درجي ۾ هوندي به سنڌي شعر ٺاهيا.

هو ننڍپڻ ۾ ٽي سال جي بيماريءَ ۾ گذاري ويو.

## غلام نبي شيخ:

هن پنهنجو تخلص ”مظلوم“ رکيو هو. ڪڻڪ رنگو، قد لانئيرو، بدن پورو پنو. هو پڙهڻ ۾ ڏاڍو هوشيار هوندو هو، مون سان سخت مقابلو هوندو هوس، پر ڪڏهن ’وٽ‘ ڪونه ڏيوماس. مان امتحان ۾ سدائين ٻهريون نمبر ايندو هوس. نواب شاه ۾ اچڻ ڪانپوءِ منهنجي

ڀيرين دوستي غلام نبي شيخ سان ٿي، هڪ ٻئي سان ڏاڍي سڪ ٿيندي هئي.

هن وڪالت پاس ڪئي ۽ هن وقت نواب شاهه ۾ هڪ ڪامياب وڪيل آهي.

هو قومي خيالن جو آهي. هڪ ڀيري سياست جي سلسلي ۾ جيل وڃڻو پيس. جيل مان نڪرڻ ڪانپوءِ هن جو چوڻ هو ته "اسان سنڌين ۾ تنظيم اصل ڪانهي، ماڻهو جيل ويو ڇڏي ڪنهن جيل ويو. پٺيان ڪو سار سنڀال لهڻ وارو ڪونهي." ان ڪري دل ڪٽي ٿي پيس ۽ هاڻي عملي سياست ۾ بهرو ڪونه وٺي، باقي سياسي قيدين جي پوري پوري مدد ۽ بنا لالچ وڪالت ڪندو آهي. تازو منهنجي پٽ نديم کي، جيڪي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو ڪارڪن هجڻ ڪري ڊي - پي - آر هيٺ جيل موڪليو ويو. غلام نبيءَ هن جي ۽ هن جي ٻين سائين جي دل جان سان مدد ڪئي. نديم نواب شاهه ۾ انجنيري ڪاليج ۾ پڙهندو آهي.

مان سمجهان ٿو ته غلام نبيءَ اسڪول ڇڏڻ ڪانپوءِ وري شاعري ڪانه ڪئي.

محبوب الاهي:

هن پنهنجو تخلص "اختر" رکيو هو. سنهڙو، ڊگهو ۽ ڀورو. هن جي مادري زبان پنجابي هئي. اسڪول ڇڏڻ ڪانپوءِ هن سان وري گڏجي ڪونه سگهيو آهيان. ٻڌو اٿم ته سانگهڙ ۾ وڪيل آهي.

## شوڪت علي ٻروهي:

هن جو تخلص "شوڪت" هو. قد ننڍو، رنگ ڀورو، بدن سنهڙو، منهن تي ننڍي هوندي ئي پيريءَ وارا گهنج. اسڪول ۾ عاشق پيا به هئا، پر هو ڪجهه وڏيڪ ئي عاشق مزاج هو. شعر چڱا چوندو هو، ٻوليءَ ۾ رواني هئس. گهڻو ڪري چرچائي شعر ٺاهيندو هو ۽ مشاعري ۾ جڏهن پنهنجا شعر پڙهندو هو ته ٽهڪن مٿي ٽهڪ پيا گونجندا هئا، ٻين محفلن جي به هو وندر هو.

هو هن وقت ساڳئي هاءِ اسڪول ۾ ماستر آهي ۽ اسان کي ڪڏهن ڪڏهن رعب سان چوندو آهي ته "مون سان وڏيڪ بحث نه ڪريو. اوهين مڇو جيئن مان چوان ٿو، ڇو ته جتي توهان پڙهيا هئا، اتي مان ماستر آهيان."

هن کي سماجي ڪم ڪرڻ ۽ ٻين جي ڪم اچڻ جو به ڏاڍو شوق هوندو آهي. پر اها ٻين جي بدنصيبي آهي جو هنن جو ڪم ٺهڻ بدران ڊهي پوندو آهي.

هن جي سادهه لوحيءَ ڪري، ڪي سياستدان هن کي اوهين پيچ ڪري پاڻ سان کڻندا آهن، جيئن اڳئين زماني ۾ بادشاهه پنهنجي درٻار ۾ مسخرا رکندا هئا.

هن سياست ۾ به ڀرپور حصو ورتو. هڪ ڀيري اسيمبليءَ جي چونڊ به لڙيو. هارائڻ تي چيائين: "هن قوم جا ماڻهو اهڙا جاهل آهن جو لائق ۽ نالائق اميدوار ۾ فرق نه ٿا ڪري سگهن."

هن سان ملڻ سان محسوس ٿيندو آهي ته ذهني طرح

اٿي ڏي آهي، جتي ۳۰-۳۲ سال اڳي هو، يا ان کان به پوءِ ٿي.

ها، هن وقت ڊگهي ڏاڙهي اٿس. هن جي ڏاڙهي ڏسي خيال ايندو آهي ته اها جيڪا حديث آهي ته ته: ماڻهوءَ کي جيترو ڊگهي ڏاڙهي هوندي، اوترو ان ماڻهوءَ جو عقل وڏيڪ هوندو؛ ان حديث جي هن ڪمبخت شوڪت بروهيءَ پيڙي پوڙي ڇڏي آهي.

## علي بخش بلوچ:

هن پنهنجو تخلص ”پروانو“ رکيو هو. سنهڙو ۽ قد جو ڊگهو هو. سنڌ جي مشهور شخصيت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو ڀاءُ ٿئي.

هن سان ڪجهه ملاقاتون ٿيون آهن. شايد شاعري وري ڪونه ڪيائين. ٻانيان ٿو ته هن وقت سانگهڙ يا يا شهدادپور ۾ وڪالت ڪري ٿو.

هن کي بورڊنگ ۾ ”شهنشاهه“ جي لقب سان پڪاريو ويندو هو. اهو يا نه اٿم ته هن کي اهو لقب ڇا جي سلسلي ۾ عطا ڪيو ويو هو.

## مولا بخش مير:

هن پنهنجو تخلص ”مير“ لکيو آهي. ڊگهو، سانورو، منهن موڪرو، هرويرو ڪلندڙ ۽ ڳالهائڻ ۾ ڍلو. ڪنڏڙي جو رهاڪو هو. مئٽرڪ ڪانپوءِ ڪراچيءَ ڪاليج ۾ پڙهندو هو. اٿي مدي جو تپ ٿيس ۽ ان ۾ گذاري ويو.

محمد صابر ميمڻ:

سائينءَ جو تخلص "صابر" هو. هو اسان جو سائنس ٽيچر ۽ بورڊنگ هائوس جو سپرنٽينڊنٽ هو. هن جي شعرن ۾ ڪا به شاعراڻي خوبي ڪانه آهي. قد جو ننڍو ۽ ڏٻري جسم وارو هو. چڙ ايندي هئس ته شاگردن کي ڏاڍا پونبا ڏيندو هو، سي به گڏي ۽ گهرڙي. سادي طبيعت جو ۽ درويش صفت انسان هو. ان ڪري حياتيءَ جو پويون حصو ڏاڍو ڏکيو ۽ ڏتڙيل گذاريائين. گذر ڪئي به سال ڪن ٿيا اٿس.

محمد صادق راهو:

ڍگهڙو، سنهڙو، ڪبڙو، منهن تي ماتا جا ڪَٻَ. هن وقت ڪنهن هاءِ اسڪول ۾ ماستر آهي. ايم- اي ڪيل اٿس. کيس شڪايت آهي ته خوشامدڙين، رشوت ڏيندڙن ۽ سفارشين کي ترقي ملي ٿي، باقي حقدارن کي نظر انداز ڪيو پيو وڃي.

غلام احمد مخدوم:

پنهنجو تخلص "غلام" رکيو هئائين. هڪ ڀيري اسڪول جو ساليانو ڊرامو ٿيو ته ان ۾ عربي پارٽ به رکيو ويو. ان ۾ هن کي ۽ مونکي ڪردار مليو، ڇو ته اسين ٻئي عربيءَ ۾ ڏاڍا هوشيار هئاسين.

هن اسڪول ڪانپوءِ به ڪجهه وقت شاعري ڪئي، هينئر هو هڪ هاءِ اسڪول ۾ هيڊ ماستر آهي. ڏاڙهي

ڪڏهن رڪائيندو آهي، ڪڏهن ڪوڙائي ڇڏيندو آهي. ريڊيو تان ڪڏهن ڪڏهن هن کي قرآن جو تفسير پڙهائيندي ٻڌبو آهي.

**ڪريم بخش نظاماڻي:**

خبر ناهي ڪيس ياد آهي يا نه ته پنهنجو تخلص "مقتول" رکيو هئائين. ڏسڻ ۾ هلت چلت ۾ صفا ٻروچڪو يار. سياسي طرح خاڪسار. ادب سان ڪافي دلچسپي هئس.

ڪيئي سال اڳ حيدرآباد ۾ منهنجي اسپتال ۾ عرض محمد ٽالپر سان گڏجي آيو هو. ٻڌايائين ته انگريزيءَ ۾ ايم - اي ڪئي اٿائون ۽ ٽنڊي الهيار ۾ ڪنهن ڪاليج ۾ پروفيسر آهي. ڳالهين مان محسوس ٿيو ته ادب جو چڱو اڀياس ڪيو اٿس.

١٩٧٠ع وارين چونڊن ۾ جماعت اسلاميءَ جي اڳواڻ جي حيثيت ۾ هن جو نالو اخبارن ۾ ايندو رهيو. هن جي تقريرن ۽ بيانن کي اردو ۽ جماعت اسلاميءَ جي اخبارن ۾ ڪافي اهميت ڏني وئي. هو سنڌيءَ جي ترقي پسند اديبن تي به ڇوهه ڇنڊيندو رهيو. جماعت اسلاميءَ جي ٽڪيٽ تي چونڊ لڙيائين پر هارايائين.

ويجهڙ ۾ يا ١٩٧٧ع وارين چونڊن دوران هن جو نالو ٻڌڻ ۾ ڪونه آيو آهي.

**الهه بخش شاهه:**

هن پنهنجو تخلص "فدا" رکيو هو. حيدرآباد جي

ريڊيو اسٽيشن ۾ ”بخاري“ جي نالي سان مشهور آهي. ريڊيو جو ماحول علم ۽ ادب وارو ٺهي ٿو ۽ ماڻهو اديبن، عالمن، شاعرن، دانشورن، سياستدانن، سائنسدانن ۽ راڳيندڙن سان لهه وچڙ ۾ اچي ٿو. الهه بخش شاهه چڱو ذهين آهي، هن گهڻو ڪجهه پڙهيو آهي ۽ ڪيترن ئي خوبين جو مالڪ آهي. هن وقت هو ريڊيو ۾ سينيئر پروگرام پروڊيوسر آهي.

## محمد صالح سمون:

هن جو تخلص ”سائل“ هو. رنگ ڪارو، قد ننڍو، ڏند اڇا ۽ چمڪندڙ، منهن موڪرو، ذهين ۽ هوشيار. غربت ڪري انجنيئريءَ جي ڊگري پڙهي ڪونه سگهيو. انجنيئريءَ جو ڊپلوما پاس ڪيائين. ادب ۽ ڪتابن سان اڇا ڏائين چاهه اٿس. هن وقت سرويئر آهي.

## گل بيگ:

قد پورو پنو، ڪڻڪ رنگو، بدن سنهون، وات وڏو. اسڪول ۽ بورڊنگ هائوس جو مسخرو هوندو هو. جتي وهندو اتي کل ڀوڳ لڳو پيو هوندو. هن جي گفتن تي ٽهڪن جي گونجار پئي اڀرندي. محفلن جو مور هو. ڳائيندو به ڏاڍو سٺو هو، اسڪول ۽ بورڊنگ جي ڊرامن، محفلن ۽ جلسن ۾ هن جو مٺو آواز گونجندو رهندو هو، اسڪول جي اسيمبليءَ ۾ به دعا جو گيت ڳائيندو هو. مشاعرن ۾ جيڪي شعر پڙهندو هو سي به چرچن

سان پريل هوندا هئا. هن وقت لوڪل ڪائونسلن جو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر آهي.

### محمد دائود هيسباڻي:

هن پنهنجو تخلص "دادن" لکيو آهي. پڙهڻ ۾ هوشيار ۽ سٺو دوست هو. رلڻو ملڻو، خوش مذاق، حاضر جواب ۽ ڪچهريءَ جو ڪوڏيو. پنهنجون ڳالهيون ۽ چرچن سان محفل گرمائي ڇڏيندو هو. دل ٿي چوي ته هن بابت گهڻو ڪجهه لکان، گهڻو ڪجهه ياد ڪريان پر حافظو ساٿ نه ٿو ڏئي.

اسڪول ڇڏڻ کان پوءِ هن سان فقط هڪ ڀيرو ملي سگهيو آهيان. هن وقت جيڪب آباد جو مشهور وڪيل آهي.

### طفيل حسين:

"احقر" تخلص رکيو هئائين. قداور، پورو، گول چهرو، مرڪندڙ چهرو. هن جي مادري زبان پنجابي هئي. ڏاڍو پيارو انسان هو. ڪجهه وقت اڳ هتي حيدرآباد ۾ ڪمشنر جي آفيس ۾ ڪلارڪ هو. ڇهه مهنا ٿيا، اوچتو خبر پئي ته هو لاڏاڻو ڪري ويو. ڏاڍو صدمو پهتم.

### نصر الله عباسي:

منهنجو ننڍو سوٽ آهي. هاڻي ته خواب ۾ به ياد ڪونه هوندس ته ڪڏهن ڪو شعر چيو هئائين. هن جو ادب يا ڪتابن سان چاهه ڪونهي. ٻه سال اڳ حج ڪري

آيو آهي. هن وقت سکر ۾ چيف انجنيئر جي آفيس ۾ سپرنٽينڊنٽ آهي.

**محمد جان بروهي :**

هن کي اهو به ياد نه آهي ته هن کو شعر ٺاهيو هو ۽ نه اهو ياد اٿس ته پنهنجو تخلص "مجروح" رکيو هئائين. غريب ته اسين سڀ هئاسين، پر محمد جان جي غربت پنهنجو مٽ پاڻ هئي. نه پيءُ ماءُ، نه ڀاءُ ڀيڻ نه سوٽ چاچا. ننڍ پڻ ۾ ئي يتيم ٿي ويو هو. اسڪول جي زماني ۾ سندس مامو کيس پاليندو هو، جو خود مسڪين خانه بدوش ڪوٺاڙو هو.

اسان ٻنهي جي گهاٽي دوستي هئي ۽ اڃا تائين قائم آهي. مون ڏٺو آهي ته اسڪول جي زماني ۾ جيڪي دوستيون قائم ٿيون اهي اڄ تائين هلنديون اچن. اسڪول ڇڏڻ کان پوءِ ڪي به نوان دوست پيدا ڪري ڪو نه سگهيو آهيان. بس انهي ئي اسڪول جي وقت وارن دوستن سان ناتو نڀندو اچي.

مئٽرڪ جو امتحان ڏيڻ ۽ ڪاليج ۾ داخلا وٺڻ جي وچ واري ڇهن مهينن جي عرصي ۾ اسان ٻنهي ڄڻن سائين خواجه صاحب جي چوڻ تي اسڪول ۾ ماسٽر ٿي ڪم ڪيو.

محمد جان ۽ مان ڪيترن ورهين کان پاڙيسري آهيون. اسان لطيف آباد، حيدرآباد ۾ گڏ پلاٽ ورتا ۽ اتي ئي پنهنجو پنهنجو گهر اڏايو سين. مرحيات خان محمد

ميمڻ به اسان سان لاڳيتو پلاٽ ورتو هو، پر عمر هن سان وفا نه ڪئي.

محمد جان، مان، عرض محمد ٽالپر ۽ علي گوهر ٽنهي ڄڻن ڪڏهن هڪ هنڌ گڏ ٿيندا آهيون، گهڻو ڪري محمد جان يا علي گوهر جي گهر ۾. پوءِ ويهي ڪلاڪن جا ڪلاڪ اسڪول جي زماني جون ڳالهيون ڪندا آهيون: اسان جا استاد، اسان جا ڪلاسي، اسان جا ساٿي، بورڊنگ وارا، بورڊنگ جا نوڪر، بورڊنگ جا بورچي. ڳالهيون ڪندي ٿڪبا ڪونه آهيون. مزي جي ڳالهه ته ساڳيون ساڳيون ڳالهيون سوين ڀيرا ورجايون هونديونسين، پر اسان کي ساڳيوئي مزو پيون ڏين.

محمد جان غربت هوندي به محنت ڪري هڪ سال وارو انجنيري ڊپلوما پاس ڪري ورتو. نوڪريءَ ۾ ترقي ڪندو ايس. ڊي. او ٿي ويو. طبيعت جو خود دار آهي. پنهنجي بالا آفيسرن کي به منهن تي سڌيون ٻڌائيندو هو. ان ڪري ٿي وقت کان اڳ رٽائر ڪرايو ويو. هاڻي ٺيڪا ڪندو آهي.

هو رلڻو ملڻو، يارويس، درياهه دل ۽ سچو دوست آهي. بيماريءَ ۾ اسان جي، مائٽن کان وڌيڪ خدمت ڪندو آهي.

## گل محمد:

هن جو تخلص ”گل“ هو. چڱو هوشيار شاگرد هو. تعليم کان پوءِ ريڊيي جو اناؤنسر هو. پوءِ ڪن

سنڌي فلمن ۾ به ڪم ڪيائين. ڪڏهن ڪڏهن سندس مضمون ۽ ڪهاڻيون سنڌي رسالن ۾ ڏسبيون آهن. منهنجي گهڻن ورهين کان هن سان ملاقات نه ٿي آهي. انڪري پتو نه اٿم ته اڄڪلهه ڪهڙي مشغوليءَ ۾ آهي.

*　　　*　　　*

هن فائيل ۾ ٻن اهڙن ڇوڪرن جا شعر شامل آهن، جن جا تخلص ”باغا“ ۽ ”غافل“ آهن. حافظي تي زور ڏيڻ سان به هنن ٻن ساٿين کي ياد ڪري ڪونه سگهيو آهيان.

حيدرآباد سنڌ :

١٢- مئي ١٩٧٧ع

# وک وک تي وهم جو ٻيڪ

.... هيءَ سينگاريل ۽ فرحتي ڪمري ۾ ته مونکي اَمنگن پريا گيت جهونگارڻ کپندا هئا، پر مان پنهنجي ذهن ۾ دنيا جي ڏکن سورن جو دفتر کولي ويٺو آهيان. ٽاڪ منجهند آهي. ٻاهر ڏاڍي گرمي آهي. اهڙي لوءِ پئي لڳي جڻ باهه جون ڄڀيون پيون ساڙين. رستي جو ڏامر جڻ ڏنڀي پيو. موٽر اهڙي تپي وئي هئي جڻ ماڻهو ڪوري ۾ ويٺو هو. پر هتي نرم گاديلي واري پلنگ تي ليٽيو پيو آهيان. ٽيوب لائيٽ جي کير جهڙي روشني آهي. ايئرڪنڊيشنر ڪري هوا جو ٿڌڙو ڇهاءُ وڻندڙ احساس پيو پيدا ڪري. ٽيپ رڪارڊر جو هلڪو مٺڙو سنگيت ٻاهر جي اڻ وڻندڙ آوازن کان پڻ بچايو ويٺو آهي. ڪمري جي پوري فرش تي پٿاريل، رنگارنگي ۽ بخملي غاليچو وڇايل آهي. ڀتين تي دل ريجهائيندڙ مورتون ٽنگيل آهن. اهڙي سينگاريل ۽ فرحتي ڪمري ۾ ته مونکي امنگن پريا گيت جهونگارڻ کپندا هئا، پر مان دنيا جي ڏکن سورن جا دفتر کولي ويٺو آهيان.

... منجهند جا ٽي وڳا آهن، مان هينئر اسپتال مان موٽيو

... بس ۾، ريل گاڏيءَ ۾، هوائي جهاز ۾ سفر ڪندي جي همسفرن کي خبر پئجي وڃي ته هي ڊاڪٽر آهي ته پوءِ ڦاسي وڃبو. ٻروارا مسافر ٻي ڳالهه ئي ڪونه ڪندا ۽ واري واري سان پنهنجي ۽ پنهنجي مٽن مائٽن جي بيمارين جا داستان ڇيڙي ويهندا. نسخا لکرائيندا؛ آڏيون پڇائون ڪندا ته اها بيماري ڇو ٿي آهي، فلاڻي علاج فائدو ڇو نه ڪيو آهي، ان لاءِ ملڪ ۾ ڪهڙا ماهر ڊاڪٽر آهن. منهنجي دل چوندي آهي ته زماني جون ڳالهيون ٿين، ادب ۽ سياست تي گفتگو ٿئي ته سفر به ڪٽجي ۽ مونکي ڪجهه وقت لاءِ بيمارن جي دنيا مان ڇوٽڪارو به ملي. پر همسفرن کي پنهنجيون ورهين پراڻيون بيماريون ياد اچي وينديون ۽ سوال پڇي پڇي مونکي خود ڪشي ڪرڻ جهڙو بنائي ڇڏيندا.

.... ٻر مان اڄ ڇو هي ڳالهيون ڪٽڻ ويٺو آهيان؟ ڇو پنهنجي روح جا عذاب پيو ورجايان؟

.... ها، سو شل نه ڪو بيمار رستي ويندي يا بازار جي وچ ۾ ڏسي وٺي، هڪدم اچي پڪڙيندو:

سائين اڄ دوا وٺڻ وقت ڪري پڇڻ وسري وئي، اها ته ٻڌائجو. سائين اڄ پاءُ جي ٽپ جي دوا وٺي ويو هوس، ٽپ ته ٺيڪ اٿس پر پيٽ ۾ سور ٿي پيو اٿس، ڇا ڪجي؟ ڪي اتي بيٺي ئي ٻانهن ڏيندا هٿ ۾ ته سائين توهان واري دوا ڏهه ڏينهن واپرائي اٿم، آهيان ته ٺيڪ

ٻہ خبر هوندي آهي تہ اهي دوائون هن ڳڙٽ ۾ ملنديون ڪونہ ۽ گھڻن بيمارن جي ايتري پهچ ڏي ڪانہ هوندي آهي جو دوائون خريد ڪري سگھن. ڪي ٿورا بيمار شهر مان اهي دوائون گهرائيندا آهن. انهن سڀني ڳالهين جو احساس هوندي ٻہ مان ڪنهن کي ڏسڻ کان انڪار نہ ڪري سگھندو آهيان ۽ پوءِ ايترو جلدي بيزار ٿيندو آهيان جو رٿيل پروگرام کان اڳ ڏي ڳوٺ مان هليو ايندو آهيان.

.... اسان کي سوسائٽيءَ ۾ اٿڻ ويهڻ ۽ رلڻ ملڻ جو موقعو ٻہ گھٽ ملي. ستن ڏينهن هٽ واڻي وانگر دڪان تي ويٺا آهيون. صبح جو تہ سانجهيءَ جو ٻہ، ويندي رات جو ڏهين يارهين تائين. هاڻي رات جو يارهين ڪانپوءِ ڪيڏن ملاقات لاءِ مائٽن يا دوستن جو در کڙڪائبو. اسين جو ڪنهن وٽ ڪونہ وڃون تہ اسان وٽ ڪير ڪيستائين ايندو. نہ وري ڪنهن جو مرڻي يا پرڻي جو سڏ پري سگھجي. شام جو مشغول هجڻ ڪري ڪنهن ڪلب ۾ ٻہ وڃي ڪونہ سگھون، جتي سنگت سان ملڻ ۽ راند ۽ تفريح ڪرڻ جا موقعا هوندا آهن.

.... سو سائين، ڊاڪٽر جو وقت پنهنجو وقت نہ آهي. جنهن وقت بيمار اچي، يا بيمار ڏسڻ لاءِ سڏ ٿئي، يا بيمار جو ٽيليفون اچي تہ پنهنجو آرام، پنهنجي تفريح، پنهنجي ڪچهري ڇڏي مريض سان منهن ڏيڻو آهي.

.... گهر ۾ ٽيليفون وڏو عذاب آهي. وقت بيوقت بيمار يا بيمار جا مائٽ ڪري ۽ وزن جي باري ۾ فضول ۽ بڌايل ڳالهيون وري وري پڇندا آهن. مثال طور ڪريءَ جي باري ۾ هڪڙو مريض جو مائٽ وري وري ٽيليفون ڪندو رهيو:

”بيمار کي مڇي کارايون يا نه؟“

ٿوري دير ڪانپوءِ وري فون تي پڇيائين:

”مڇي تري ڏيونس يا ٻوڙ پچائي؟“

وري فون ڪيائين:

”ٻوڙ ۾ مرچ وجهون؟“

وري گهڙيءَ ڪانپوءِ فون تي دريافت ڪيائين:

”ڳاڙها مرچ استعمال ڪريون يا ڪارا؟“

هڪ لڳا هي فون آيو:

”منهنجي مڙس واسطي توهان جيڪا ننڊ جي ٽڪي ڏني هئي سا ڪائڻ کان اڳ ئي هو ننڊ پئجي ويو آهي. هاڻ هن کي جاڳائي اها ٽڪي کارايان؟“

نه رڳو ڏينهن جو پر رات جو ڪنهن به وقت ٽيليفون تي چيو ويندو ته هڪدم هليا اچو ۽ اچي مريض کي ڏسو. پوءِ سڄي رات ننڊ آرام حرام.

...دوست ۽ مائٽ مبارون ڏيندا رهندا آهن ته اسان وٽ اچين ڪونه ٿو. پر جڏهن هنن جي گهر وڃبو آهي، تڏهن

هر هڪ ٻاتيءَ جي بيماريءَ جو داستان ٻڌڻو پوندو آهي، طبيعت ڏسڻي پوندي آهي ۽ نسخو لکڻو پوندو آهي. پوءِ جيڪڏهن ٿورو وقت بچندو به آهي ته مٿين ڪارروائي ڪچهريءَ جو مزو اڳهين ئي ڦٽائي ڇڏيندي آهي. بيماري، بيماري، بيماري: ڇا ماڻهن وٽ ڊاڪٽر سان ڳالهائڻ لاءِ ٻيو موضوع ئي ڪونهي!

.... دنيا جي چوند بدصورتي اچي اسپتال ۾ گڏ ٿئي. گهڻو ڪري ڪهڙا ڪهڙا چهرا اسان کي ڏسڻا پون ٿا: ڪارا ڪوجها، بي رنگ، بي نور، زرد، پيلا، سنگهڻ ۽ لينگهڻ پريل، اکين ۾ پچيون، چپ مهارون زبان ۽ ڏند پاڻ سان اهڙو ثقيل چڻ وات مان حيض آيو اٿن، گوبي ۽ ڪانگهاري پريل نڪ ۽ نڙي، وارن ۾ جوئن جا ٻڪ، ڪي سامهون ئي ڦٽي ڪري ڏيندا.

... سڪل، سڙيل، ڏبرا ۽ بدزيبا جسم، ڪي ته صفا گندگيءَ جا ڍير. گندي جسم ۽ گندن ڪپڙن مان ڇيڻن، مٽ، گونهه، ۽ الٽيءَ جي ڌپ پيئي ايندي. ڪن جي ساهه مان بدبوءِ جا ڀڙڪا پيا اٿندا. ڪن جي ڦٽن مان پونءِ پئي وهندي ۽ باس پئي نڪ ساڙيندي. اهڙن جسمن کي نه رڳو پري کان ڏسڻو آهي، پر هٿ لڳائي چڱيءَ ريت چڪاس ڪرڻي آهي. وچڙندڙ بيمارين جي بيمارن مان بيماري لڳڻ جو خطرو به هر وقت موجود هوندو آهي.

.... روز اٺ ڏهه ڪلاڪ اسان کي ڇا ٻڌڻو پوي ٿو: ڪنجهڻ ڪرڪڻ، آهون دانهون؛ ڪنگهه، بخار، دست،

بيمارين الڳ الڳ ۽ بيمار ٿيڻ جا ڪارڻ الڳ الڳ هوندا آهن. شاهوڪار، خاص ۽ ماهر ڊاڪٽرن کان علاج ڪرائيندا آهن. هنن جون فيون اهڙيون ڳريون هونديون آهن جو غريب انهن تائين پهچڻ جو سوچي به نه ٿو سگهي. شاهوڪار خانگي اسپتالن ۾ علاج ڪرائيندا آهن، جتي ملڪ جا بهترين ڊاڪٽر هوندا آهن، علاج جون وڏي ۾ وڏيون سهوليتون ميسر هونديون آهن، ايئرڪنڊيشنڊ ۽ فرحتي فرنيچر وارا خلاصا ڪمرا هوندا آهن، هوشيار ۽ تجربيڪار عملو هوندو آهي. غريب طبقي کي سرڪاري يا خيراتي اسپتالن ۾ علاج ڪرائڻو پوندو آهي. اتي ڏاڍي ڀيڙ هوندي آهي، ان ڪري ڊاڪٽر پوري طرح چڪاسي ڪونه سگهندو آهي. سرڪاري اسپتالن ۾ به شاهوڪارن لاءِ خاص ۽ ايئرڪنڊيشنڊ ڪمرا هوندا آهن ۽ خاص ڊاڪٽرن جون خدمتون حاصل هونديون اٿن ڇو ته هو پيسو ڀري سگهندا آهن. غريبن کي هتي به ڪٽ خلق سمجهي جنرل واردن ۾ رهايو ويندو آهي، جتي نه ايترو توجهه هوندو آهي ۽ نه اهڙو علاج. ساڳيءَ بيماريءَ لاءِ شاهوڪار لاءِ الڳ دوائون لکيون آهن ۽ غريب لاءِ الڳ، ڇو ته جيڪي ترت ۽ ڀرپور ۽ اثر واريون دوائون هونديون آهن، سي اهڙيون مهانگيون هونديون آهن، جو غريب خريد ڪري نه سگهندو. اهي فقط شاهوڪار ماڻهو خريد ڪري سگهن ٿا. غريبن لاءِ اهي دوائون تجويز ڪيون آهن جي هو خريد ڪري سگهن. انهن جو فائدو ايترو جلد نه ٿيندو

# ڏٺم اڻ ڏٺل

هوائي جهاز :

١ – جون ١٩٧٨

هينئر هينئر ٻڌايو ويو آهي ته اسين تهران مٿان اڏامي رهيا آهيون. مان هن وقت سنڌ کان تمام پري تمام مٿي پهچي چڪو آهيان.

لطيف سائين پنهنجي حياتيءَ جي پوئين حصي ۾ حج ڪرڻ نڪتو. هو پوڙهو ۽ ضعيف ٿي چڪو هو. ڪنهن چيس: شاهه سائين ڇو ٿو پنهنجو مڙهه پرديس ۾ رلائين. شاهه کي اها ڳالهه دل سان آئڙي. هن موت کان پوءِ به غير ملڪ جي مٽيءَ ۾ پورجڻ نه ٿي چاهيو ۽ هن حج ڪرڻ جو ارادو ڇڏي ڏنو .... هوائي جهاز جي مسافريءَ ۾ موت جو ڪجهه وڌيڪ انديشو هوندو آهي. هوائي جهاز جي حادثي ۾ ڪنهن جو بچڻ ناممڪن هوندو آهي. هن وقت مون کي به شاهه لطيف وارا مٿيان ويچار دل ۾ اڀري رهيا آهن.

هوائي جهاز جو اندريون ڏيک سئنيما هال جهڙو لڳي رهيو آهي. ايئر ڪنڊيشنڊ صفو آهي، جنهن ۾ ٽي چار سؤ کن ماڻهو آهن. هلڪي روشني آهي. ڪي ڪچهري

پيا ڪن. ڪي پنهنجي سيٽ واري بتي ٻاريو رسالا يا ڪتاب پڙهي رهيا آهن. ٻارڙن جي رڙ جو آواز به آهي. ٻاهر رات جي اونده کان سواءِ ڪجهه نظر نه ٿو اچي.

مان ايئر هوسٽيس لاءِ سنڌي لفظ سوچڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو: فضائي ميزبانڻ کان سواءِ ڪو ٻيو لفظ ذهن تي ڪو نه ٿو چڙهي.

عام طرح فضائي ميزبانڻيون سهڻيون هونديون آهن. پر هن جهاز واريون چارئي مون کي نه ٿيون وڻن. آهن ڀوريون، پر نه رنگ نه روپ، نه هڏ نه ڪاٺ. رنگ اڇو پر چهرو نمڪ، چمڪ ۽ مٺيا کان خالي. قد ضرورت کان وڌيڪ ڊگهو. منهن تي لالاڻ به اٿن، پر صفا پولڙيون پيون لڳن.

هي يا هنن جا مالڪ پيسا وٺي ميزباني ڪن ٿيون. پر سنڌي ٻارڙن ٻچڙن، زالين مڙسين صدين کان وٺي بنا پيسي ميزبان ٿي پئي رهيا آهن. فضائي ميزبانڻين جا مهمان مسافر منزل تي پهچڻ سان جهاز مان هليا ويندا آهن. سنڌ ۾ به اڄ تائين ٻاهريان هتي رهي ئي نه هليا پئي ويا آهن، پر هاڻي اهڙا مهمان آيا آهن جي خود مالڪ ٿيڻ جا ارادا ڪري رهيا آهن ۽ سنڌي پنهنجي ميزبانيءَ واري عادت مٽائڻ لاءِ سوچي رهيا آهن.

جهاز ڏاڍي فرحتي طرح هلي رهيو آهي. لوڏو ڪونهي. ٿورو گهڻو جو لوڏو اچي ٿو سو به وڻندڙ لڳي ٿو. ائين

ٿو لڳي ته جڻ جهاز هڪ هنڌ بيٺو آهي. پر جڏهن ته خبر آهي ته فضا ۾ آهيون، ان ڪري ان جي هڪ هنڌ ٽڪيل هجڻ جو احساس ٿئي ٿو. ان جو هوا کي چيريندو هلڻ جو آواز ڪڏهن گهٽ ٿئي ٿو ڪڏهن وڌ.

منهنجي دل چاهي ٿي ته فضائي ميزبانڻ سان سنڌيءَ ۾ ڳالهايان يا سنڌ جي باري ۾ ڪجهه گفتگو ڪريان. منهنجي پرسان ويٺل مسافر هن کي ڪتاب يا رسالا آڻي ڏيڻ لاءِ چوي ٿو. مون کي خيال اچي ٿو ته چوانس ته منهنجي لاءِ ڪا سنڌي اخبار يا ڪتاب کڻي اچ. جي چوي ته اسان وٽ ان زبان جا ڪتاب نه آهن ته ڏوراپو ڏيانس ته اسين توهان جي جهاز ۾ سفر ڪريون ٿا ته به سنڌي ڪتاب نه ٿا رکو. اهڙي پي به هن ڪان آڏي پڇا ڪريان ۽ پڇاڙيءَ ۾ چوانس ته مان ڳوٺ واپس وڃي پنهنجا ڪجهه ڪتاب توهان جي ڪمپنيءَ کي جهاز ۾ رکڻ واسطي سوکڙي ڪري موڪليندس.

مسافرن مانيءَ کائي بس ڪئي آهي. گهٽيون بتيون وسايون وڃن ٿيون. سامهون پردو لڳائي فلم شروع ڪئي وڃي ٿي. شور جي ڪري ڪردارن جو آواز ٻڌي ڪو نه ٿو سگهجي، جڻ گونگي فلم آهي. فلم ٻن بنيادن تي آهي: مزاح ۽ Action. مزاحي حرڪتن ڪري آواز نه ٻڌجڻ جي باوجود به فلم ڪافي دلچسپ لڳي ٿي. ڪي ماڻهو ننڊ ۾ پئجي ويا آهن ۽ ڪي فلم ڏسي رهيا آهن. ڪن ماڻهن جهاز وارن وٽان Far Pieces ٻڌڻ جا

اوازر ورتا آهن ، جي سيٽ ۾ لڳل بٽڻ سان ڳنڍيل ٿيو پاسو ڪنن ۾ وجهي ، فلم جي ڪردارن جي گفتگو ٻڌي سگهن ٿا.

هوائي جهاز بلندي ۽ رفتار جو اهڃاڻ آهي. اهي ئي قومون بلندي ۽ رفتار حاصل ڪنديون جن جا هاري ۽ پورهيت هوائي جهاز ۾ سفر ڪري سگهندا. سائنس عوام لاءِ هجڻ گهرجي ۽ نه هڪ طبقي واسطي. ٻڌو اٿم ته روس ۾ ريل توڙي هوائي جهاز جو ساڳئي مفاصلي لاءِ ڀاڙو هڪجيترو آهي ۽ انهن ۾ ڪلاس به ڪونه ٿين.

ڏينهن جو سوجهرو ٿيو آهي. ڳڙڪين جي شيشن مان ڏسان ٿو. جهاز ڪڪرن مٿان اڏامي رهيو آهي. ڪڪر گهٽو هيٺ ڪپهه جي ڍيرن يا ڦيڻ جي پهاڙن وانگر ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ايترو ڊنڊ آهي جو زمين جو پتو ڪونه ٿو پوي. ڪڏهن ڪڏهن جهاز ڪڪرن جي وچ مان اڏامي ٿو. ان وقت لوڏو اچڻ لڳي ٿو. هڪ هنڌ منٽ به لاڳيتو جهاز لڏندو رهيو. مون ڏٺو ته جهاز جا پاسي وارا ”پر“ آلا ٿي ويا هئا. مينهن پئجي رهيو هو. جهاز جلد ئي مينهن پوڻ واري ٽڪري مان پار پهچي ويو.

سوچيان ٿو يورپ ڇو پيو وڃان؟ گهمڻ جو شوق هوندو اٿم پر پڇندو ڪو نه اٿم. سفر ڏاڍو ڏکيو لڳندو اٿم. پنهنجي سنڌ جا به مشهور ۽ تاريخي هنڌ ڪو نه ڏٺا اٿم. موهن جو دڙو پنجويهه سال اڳ ڏٺو هوم. حيدرآباد ۾ ويهن ورهين کان پيو رهان، پر اجا ڪچو قلعو اندر

وچي ڪو نہ ڏنو اٿم. يوءِ يورپ جي هيڏي ڊگهي سفر تي ڇو اسهيو آهيان؟ نئين دنيا ڏسڻ جي شوق ۾، جا اسان جي ملڪ کان صفا نرالي آهي. هي ادبي سفر نہ آهي! ڊائري لکڻ لاءِ يا ڏٺل شين ۽ انهن بابت دل ۾ پيدا ٿيندڙ ويچار پڻي تي اوتڻ لاءِ. سئا سنا ڪتاب خريد ڪرڻ تہ منهنجو پهريون ڪم ٿيندو. يا انگريزي ڪتابن ۾ يورپ جي ملڪن جي باري ۾ جيڪي پڙهيو اٿم، اهو ڏسبو. شايد اتي جي ماڻهن جي رهڻي ڪرڻي ۽ هلت چلت ڏسي، آئيندي انگريزي ناولن جا ڪردار ۽ جڳهين جا نالا وڌيڪ سمجهہ ۾ اچن.

اها بہ خبر اٿم تہ سفر لکڻ جو اتساهہ ڏياري ٿو. ڪهاڻي نويسي لاءِ سفر ضروري ۽ ڏاڍو ڪارائتو آهي. منهنجي پسند جا بہ وڏا، جڳ مشهور ۽ ڪامياب ڪهاڻيڪار، جي ڊاڪٽر بہ هئا، تن پنهنجي حياتيءَ جو گهڻو وقت سير سفر ۾ گذاريو. اهي هئا: انگريز سامرسيٽ ماهام ۽ روسي چيخوف. سنڌيءَ جو بزرگ ۽ گهڻو لکندڙ اديب الطاف شيخ بہ وڏو سيلاني آهي.

* * *

## ڪوپن هيگن:

١- جون ١٩٧٨

جهاز ڪي هتي ترسڻو هو، ان ڪري هي شهر گهمڻ لاءِ ٽي ڪلاڪ ڪن مليا آهن. شهر ڏاڍو ڪليل ۽ پکڙيل

آهي. رستا صاف سترا. ماڻهو صحتمند، ٿلها متارا ۽ خوش نظر اچن ٿا. ڇوڪريون ۽ عورتون بدن ۾ پريل، پوشاڪ اهڙي پهريل جو ڏاڍيون ٺاهوڪيون (smart) پيون لڳن. البت جيستائين ڇهري جو واسطو آهي ته هو سهڻيون نه ٿي لڳيون. رنگ به گورو ۽ گلابي پر ان ۾ نمڪ ڪو نه ۽ چمڙيءَ تي ناسي داڻ داڻ ۽ ننڍڙا داغ.

رستن تي، بزارن ۾، بسن ۽ ريل اندر عورتون وڌيڪ ٿيون نظر اچن، پوڙهين عورتن جو تعداد به ڪافي آهي ۽ پوڙهيون ڏاڍيون اڻ وڻندڙ آهن ۽ اڪين تي بار بڻجن ٿيون.

هتي غير ملڪي ماڻهو کو ايڪڙ بيڪڙ ڏسجي ٿو.

* * *

لنڊن:

١- جون ١٩٤٨ع

هڪ رستي تان لنگهي رهيا هئاسين ته هڪڙي ديول نظر آئي: بلند ۽ عاليشان عمارت، انساني محنت، هنر ۽ فن جو بهترين ثبوت. ان جا دروازا بند هئا ۽ ائين ٿي نظر آيو ته سالن کان ڪونه کليا آهن. انهن تي مٽي ۽ ميراڻ چڙهي وئي هئي، رنگ ڦٽي ودو هو. ڇاپوڙا لٽل هئا.

دوست ٻڌايو: هتي ديولون وڪڻن پيا، ماڻهو انهن ۾ عبادت واسطي اچن ڪونه ٿا ۽ نه ايتري دلچسپي وٺن ٿا يا چندو ڏين ٿا جو انهن جو خرچ پکو هلائي سگهجي. ان ڪري اڄڪلهه ديولون وڪامن پيون، ماڻهن خريد

ڪري انهن کي ڊهرائي يا تبديل ڪري پنهنجا گهر يا دڪان ٺهرايا آهن. رستو پڻ رستن وانگر وڏو ، ويڪرو ۽ عاليشان هو. مونکي حيدرآباد جا رستا ياد آيا. خاص ڪري اهو رستو جنهن جي وچ ۾ مسجد اچي وئي آهي. ان رستي کي ويڪرو ڪرڻ واسطي پيون اڏاوتون ته ڊهرايون ويون ، پر مسجد کي هٿ لائي نه سگهيا. مسجد جي ٻنهي پاسي رستو ٺاهيو ويو ، ان ڪري نه رڳو رستي جي سڊائيءَ ۾ فرق آيو ، پر ان هنڌ حادثا به ٿيندا رهن ٿا ۽ آمدرفت ۾ وڏي رڪاوٽ آهي.

ڪنهن وقت ڪراچيءَ ۾ هڪ وڏي ايراضيءَ تي نيون جايون اڏائڻ واسطي جهوپڙيـن ۽ انساني گهرن تي ته ٽرئڪٽر ۽ بلڊوزر گهمائي انهن کي زمين دوز ڪيو ويو ، پر وچ ۾ آيل مسيت کي هٿ نه لاتو ويو. ان واقعي کان متاثر ٿي رباني‌ءَ هڪڙي ڪهاڻي لکي هئي.

*    *    *

لنڊن :

٢- جون ١٩٧٨ع

رات جهڙي گهري ننڊ ضدين ڪانپوءِ ڪئي اٿم. جنهن پاڙي ۾ رهان پيو ، اتي ڏاڍي مانٺ ۽ سڪونُ آهي. نه ريڊين ۽ گاڏين جو آواز ، نه ٻارن جو شور غوغاءُ ، نه مسجدن جي لائوڊ اسپيڪرن تان ٻانگون ، سيءَ هجڻ ڪري گهرن جون در دريون بند آهن. ماڻهن جو آزار ڪونهي، مانٺ ڪجهه حد ڪان وڌيڪ محسوس ٿئي ٿي ، رستي جي

ٻنهي پاسي گهر آهن. ٻار به رستي تي رانديون ڪندي يا شور مچائيندي نظر ڪونه ٿا اچن، شايد هن ملڪ ۾ ٻارن جو تعداد گهٽ آهي.

هتي صفائيءَ جو ڪمال آهي. رستا صاف، گهر صاف. گهرن جي پٺين ۽ درن دربن جا شيشا هر وقت صاف شفاف لڳا پيا آهن. انهن مان نظر ايندڙ پردا ڏاڍا نفيس ۽ وڻندڙ پيا لڳن. هر گهر جي آڏو توڙي پٺيان وڻ ۽ ٻوٽا آهن. هيءَ قوم گلن جي عاشق ٿي ڏسجي. قسمين قسمين گل ٽڙيل آهن. مينهن پوڻ ڪري ۽ ماڻهن جي عادتن ڪري رستا، گهر ۽ وڻ ٻوٽا هر وقت ائين ٿا لڳن ڄڻ ته هينئر هينئر وهتا آهن.

اڄ قاديانين جي ڪانفرنس ۾ ويس. موضوع هو: حضرت عيسيٰ صاحب تي نه مئو هو!

تقريرن جو تت:

حضرت عيسيٰ کي صليب تي چاڙهڻ ڪانپوءِ، هن کي مئل سمجهي، هن کي سندس مريدن جي حوالي ڪيو ويو. مريدن ڏٺو هن ۾ اڃا ساهه آهي. ان ڪري هن کي نوبنو ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪيائون. هو بچي پيو. دشمنن کي کي اهو ڏيکارڻ لاءِ ته عيسيٰ مري ويو آهي، مريدن هن جي هڪ جڙتو قبر به ٺاهي. جيئن حضرت عيسيٰ جي هاڻي فلسطين ۾ رهڻ ۾ سلامتي نه هئي، ان ڪري هو ڪجهه ڪوهه ۾ پنهنجي ملڪ مان نڪتو ۽ سفر ڪندو اچي هندستان پهتو. نيٺ اچي ڪشمير ۾ سهڙيو، اتي يهودين جو

هڪ وچڙيل قبيلو آباد هو. هو انهن وٽ رهيو ۽ تبليغ جاري رکيائين ۽ ١٣٠ سالن جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪيائين. هن جي قبر سرينگر ويجهو اڃ به صحيح سلامت آهي.

ڳالهه آهي ته هو تاريخي ثبوتن سان اهو ڏيکارڻ به ته حضرت عيسيٰ صليب تي نه مئو هو، پوءِ پلا ڇا؟ ڇا هو عيسائي مذهب کي ڪوڙو يا ان جي اخلاقيات جي بڻ بنياد کي غلط ثابت ڪرڻ چاهين ٿا؟ ان مان اسلام تي ڪهڙو اثر پوندو؟ يا ان مان انسانيت کي ڪهڙي هٿي ملندي؟ وڏي ڳالهه ته اسان جي دور جي سوچ جي سطح مطابق ان ڪري اسان جا ڪهڙا اقتصادي، سياسي يا عالمي مسئلا حل ٿيندا؟

دنيا جي جدا جدا ملڪن مان سوين ماڻهو پنهنجو وقت سيڙائي ۽ لکين رپيا خرچ ڪري هن ڪانفرنس ۾ اچي شريڪ ٿيا آهن. خود ڪانفرنس جي بندوبست ۾ ڪيترن مهينن جي محنت ۽ لکين رپيا لڳايا ويا آهن؛ پر آخر ڇا واسطي؟

هڪڙي قاديانيءَ سان ان باري ۾ ڳالهه ٻولهه ٿي. پڇيومانس:

”اهو ثابت ڪري ته حضرت عيسيٰ صليب تي ڪونه مئو ۽ پوءِ طبعي موت مئو ۽ دفن ڪيو ويو، توهين ڇا ٿا ثابت ڪرڻ چاهيو؟

وراڻيائين: ”ان سان يهودين، عيسائين ۽ عام مسلمانن جو اهو عقيدو غلط ڏابت ٿئي ٿو ته حضرت عيسيٰ صليب

ها، مون هن قاديانيءَ کان هڪڙو ٻيو سوال پڻ پڇيو:
”حضرت عيسيٰ جي جنم بابت توهان جو ڇا چوڻ آهي؟“

وراڻيائين: ”اهوئي جيڪو ٻين مسلمانن جو آهي“.

مون دل ۾ چيو: ها، جڏهن ڪنهن کي پنهنجي مقصد لاءِ ضرورت پوندي ته هو به توهان وانگر لکين ڪروڙين رپيا خرچ ڪري، ڪانفرنس ڪوٺائي، اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو ته حضرت عيسيٰ جي پيدائش به ائين ئي ٿي هئي جيئن ڪنهن ٻئي انسان جي.

* * *

لنڊن:

-- جون ١٩٧٨ع

بڪنگهام پئلس ڏسڻ وياسين. اتفاق سان اڄ راڻيءَ جو ڇٽ ڀرڻ جو سالگرهه هو ۽ راڻيءَ جو جلوس لنگهڻو رهيو هو. هزارين لکين ماڻهو رستن جي ٻنهي پاسي راڻيءَ جو ديدار ڪرڻ واسطي بيٺا هئا. اسين به بيهي رهياسين. جلوس اچي لنگهيو. راڻي ڏٺيسين. منهنجي ميزبان چيو:

”مان پندرهن سالن کان ٻيو لنڊن ۾ رهان ۽ راڻيءَ کي جيئرو جاڳندو اڄ ڏٺو اٿم. تون خوش نصيب آهين جو هتي پهچڻ سان پهرين ڏينهن ئي راڻي ڏٺئي.“

مان دل ۾ سوچيان ٿو: ڪهڙي خوش نصيبي؟

ونڊسر محل ڏسڻ وياسين. اهو ٿيمس نديءَ تي آهي.

جڏهن ان نديءَ جي ڪناري تي وڃي ويٺاسين ته مونکي خيال آيو ته هن هند مونکي رڳو انگريزي ڳالهائڻ کپي. پوءِ جڏهن ڳالهائڻ جي ضرورت پئي ته انگريزي ئي پئي ڳالهايم. ان ويچار ۽ روش جو سبب:

مان جڏهن به سکر، ڄام شوري، لطيف آباد واري بند يا ٻئي هند سنڌوءَ جي ڪناري تي ويندو آهيان ۽ اتي ڪنهن کي ۽ خاص ڪري انهن کي جي سنڌ ۾ رهن ٿا، تن کي سنڌيءَ ڪانسواءِ ٻي ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندي ٻڌي ائين محسوس ٿيندو اٿم ڄڻ مسيت ۾ سوئر جو گوشت کاڌو پيو وڃي.

جيتوڻيڪ فرق به آهي: هڪ ته ٿيمس ندي، سنڌو درياهه وانگر ”ان داتا“ نه آهي، ڇو ته ان جي پاڻيءَ تي اناج جو فصل ڪونه ٿئي. ٻيو مان هن ملڪ تي پنهنجي ٻولي مڙهڻ نه ٿو چاهيان.

* * *

لنڊن:

٤ـ جون ١٩٧٨ع

هتي مهانگائي اينتري آهي جو هوٽل، کاڌي ۽ ٽئڪسيءَ جو خرچ ڏهاڙي هزار کن کپي. بسن ۽ زير زمين ريل جا ڀاڙا به ڏاڍا ڳرا آهن.

هتي هر شيءِ جو مقدار گهڻو آهي. ڪي ڪي دڪان ۽ اسٽور ايڏا وڏا آهن، جو حيدرآباد يا ڪراچيءَ جي پوري

بزار ان ۾ اچي وڃي. ميوزم ايڏو وڏو آهي جو هر شئي غور سان ڏسڻ لاء ٻه مهنا لڳي وڃن. ڪيو گارڊن ۾ سڄي دنيا جا سڀ وڻ ۽ ٻوٽا پوکيا ويا آهن. ان کي مزي سان ڏسڻ واسطي ٻه مهنو کپي. ڪتابن جي دڪانن ۾ ايترا ڪتاب آهن جو سڀ ڪتاب ڏسڻ لاء هفتا کپن.

مان سمجهان ٿو تہ پورو لنڊن ڏسڻ ۽ هتي جي رهاڪن جو اڀياس ڪرڻ لاء گهٽ ۾ گهٽ ڇهہ مهينا هتي رهجي ۽ ان واسطي هيٺيون سهوليتون هجن: هتي پنهنجو ڪو مائٽ يا دوست هجي جنهن وٽ پنهنجو گهر ۽ پنهنجي موٽر هجي. هن وٽ اچي رهجي. ان سان گڏ ڪنهن هم خيال ۽ گهري ساٿيءَ سان اچجي، جو گهمڻ ۾ هر وقت گڏ هجي ۽ اهو اڳواٽ ئي ولايت جو واقف هجي. اهي سهوليتون نہ هجڻ ڪري مان هتي چئن ڏينهن ۾ ئي بيزار ٿي پيو آهيان.

هيتر جيڪو گهمڻ آهي سو فقط نالي خاطر. بڪنگهام پئليس ۽ پارليامينٽ هائوس ٻاهران ئي ڏٺم. ڪيو گارڊن ۾ اڌ ڪلاڪ ۽ هائيڊ پارڪ ۾ ڏهہ منٽ ترسياسين. رات جو پڪاڊلي سرڪس جون بزاريون ڏٺيوسين. دڪان ڏاڍا روشن ۽ رستا رنگين روشنين سان جهرمر ڪري رهيا هئا. مون وارو همسفر ناچ گهرن ۾ هلڻ تي پڪراه نہ ٿيو.

* * *

لنڊن :

٥- جون ١٩٧٨

هي شهر ايڏو وڏو ۽ وسيع آهي جو هتي جي اصلي رهاڪن يا اسان جي ملڪ وارا اهي ماڻهو جي سترهن ارڙهن سالن کان هتي رهن ٿا تن کي به ان جو پورو پتو ڪونه ٿو پوي. هو ڪيترين ئي جڳهين بابت اهو ڪونه ٿا ٻڌائي سگهن ته اهي ڪٿي آهن يا انهن تائين ڪيئن پهچجي. ان ڪري ماڻهن کي هر وقت لنڊن جون ڊائريڪٽريون گائيڊبون ۽ نقشا موجود رکڻا پون ٿا. اسان جن کان به ڪو ڏس پڇيو ٿي تن انهن ڪتابن جي مدد سان ئي اسان کي پار پتا ٿي ٻڌايا.

* * *

لنڊن :

٦- جون ١٩٧٨

لنڊن ايندي، ڪوپن هيگن جي هوائي اڏي تي چار ڪلاڪن ترسڻو پيو. اڃ لڳي. پاڻيءَ جي تلاش ڪئيسين. ڪٿي نظر ڪونه آيو. دڪاندارن کان پڇيوسين. هنن چيو ته هوٽل ۾ وڃي ڪوڪو ڪولا پيو. مون کي مٺي شيءِ کان پرهيز آهي. ٻين دوستن ڪوڪو ڪولا پيتو. مون پاڻي گهريو. چين پاهر نلڪو آهي، ان ۾ وات وجهي وڃي پاڻي پيءُ. پوءِ منرل واٽر وٺڻو پيو. اها ڪاري سوڍا هئي. پيئڻ سان ڏڪو اڃ لٿي ۽ نه مزو آيو.

ڏڪري ويو هو . هتي پلاسٽڪ جا سنهاگلاس ٽنگيل آهن، جن ۾ هڪ پيرو پائي، شربت يا ڪافي پيئڻ ڪان پوءِ اڇلائي ڇڏبا آهن . هن ڪي اهو خالي گلاس ائين ملي نہ سگهيو تہ هنڪري ڪافي وٺي پيس . پاڻ ڪافي ان ڪري نہ پيتائين جو پيٽ ۾ وڪڙ ٿي پيس .

عورتون جام ڏسجن ٿيون: بزارن ۾، بسن ۾، ريل گاڏين ۾ . پوڙهيون عورتون پڻ جهجهي تعداد ۾ آهن ۽ نظر کي ڏاڍو ناگوار لڳن ٿيون: تمام ٿلهيون، ڪي صفا سنهڙيون، بي ڊوليون، ڪُبيون، ڪل پاروٿي انب جهڙي: پيلي ۽ گهنجيل .

* * *

لنڊن:

١١- جون ١٩٧٨

هتي وارن ماڻهن ۾ مرد يا زال هجڻ جو گهٽ احساس ڪونهي. گهڻيون ڇوڪريون ۽ عورتون مردانو لباس پهرين ٿيون . مردن ۽ عورتن جو هلڻ، جتيءَ جو نمونو، وارن جي ڪٽ سڀ گهٽو ڪري ساڳيا . سيني ڏنڊن ۾ ٻئي جنسون نظر اچن ٿيون .

ڪلهہ Kent طرف وياسين . ڀرارڙي ڏاڍي خوبصورت آهي: باغ باغيچا، کيت، جهنگل ۽ وڏي گاهہ تہ غربت ڪٿي بہ نظر ڪا نہ آئي . گهولا ڪرڻ ۽ پڇا ڪرڻ تي بہ ڪٿي ڪچو گهر يا جهوپڙي ڪا نہ ملي . هاريءَ جو

۽ جاگيردارن جو مٿيون طبقو پر عوام پڻ پرمار آهي. يعني قوم به پرمار ٿي سگهي ٿي. هن قوم جي هارين ۽ مزورن اهو احتجاج نه ڪيو ته ٻين ملڪن يا قومن جي پورهيتن ۽ عوام جي پرماريت ۽ انهن تي ظلم نه ڪيو وڃي. جهڙي ريت سنڌ ۾ غير سنڌي مزور ۽ هاري، سنڌي هارين ۽ مزورن جي پرماريت ۾ ڀاڱي ڀائيوار آهن.

رستا ڏاڍا صاف آهن. ڪنهن به قسم جي گندگي ڪانهي. ماڻهو ميوي جي کل يا ککڙي ائين اڇلائي نه ٿو سگهي. ٽڪ يا ڪانگهارو ڦٽو ڪري نه ٿو سگهي. ان مقصد لاءِ جتي ڪٿي دٻا رکيل آهن. البت هڪڙي گندگي گهڻي نظر اچي ٿي ۽ اها آهي ڪتي جو گونهه، خاص ڪري فوٽ پاٿن تي. هتي جي ماڻهن کي ڪتن جو شوق آهي. انهن تي ايترو خرچ ڪن ٿا ۽ انهن کي ايتري لاڏ ڪوڏ سان پالين ٿا، جيترو پنهنجي ٻارن کي به نه.

همسفر چيو: ”يورپين ڪهڙا نه بي حيا، بي شرم ۽ بد اخلاق آهن، جو وهندڙ رستي تي ٻيا چميون ڏين.“

مون کي خيال آيو: اسان جي ملڪ وارن بابت ڪهڙو خيال آهي جي رستن تي مٽن ٿا، ڪانگهارا ۽ ٽڪون ڦٽيون ڪن ۽ گندو پاڻي ۽ ڪچرو رستن تي اڇلائن ٿا. چمي ته پيار جي پڌرائي آهي ۽ هڪڙو خوبصورت عمل.

همسفر چيو: ”هتي ڪي مرد ڪيڏا نه بي شرم آهن جو قميص يا گنجيءَ بنا چاڙي ۽ پٺاڙا اگهاڙا ڪيو رستن ۽ بزارين ۾ هلندا وتن.“

مون کي خيال آيو: هي ماڻهو ته گرمي يا فئشن ڪري اگهاڙا هلن ٿا، پر اسان جي ديس ۾ غربت ڪري رڳو گوڏ ۾ هلڻ تي مجبور ٿين ٿا، باقي سڄو بدن پيرن سميت ننگو هوندو اٿن. ڪن ڪنگال عورتن جي ڦاٽل ڪپڙن ڪري اگهاڙپ ظاهر پئي ٿيندي آهي.

مان سوچيان پيو: مون سچائي سنگ نه ڪيو. همسفر سان تي پيا به آيا آهن، جن مان، هڪ مان به آهيان. ٻه چٽا ”ساٿي“ هوندا آهن پر وڏيڪ ”هجوم“ ٿي پوندا آهن.

همسفر ۽ منهنجي طبيعت ۽ پسند ۾ وڏو فرق آهي. هو مذهب ۽ نماز جو پابند قادياني آهي ۽ هن جي پروگرام ۾ هتي جي مسجدن ڏسڻ کي اولين حيثيت حاصل آهي. مان لنڊن مسجدون ڏسڻ ڪو نه آيو آهيان. هو جئن ته هتي اڳي ڪيترا سال رهي چڪو آهي ۽ اسين صفا اڻ واقف آهيون، ان ڪري هن جي پٺيان هلڻو پوي ٿو. هن کي هتي گهمڻ ۽ جڳهيون ۽ نظارا ڏسڻ جو شوق نه ٿو ڏسجي. اهو منهنجي شوق جي ابتڙ آهي.

هن کي تکي هلڻ جي عادت آهي. بزار ۾ به سامهون نظر رکي اهڙو تکڙو هلي ٿو جو اسان کي هن سان پڄڻ لاءِ ڊوڙڻو پوي ٿو. مان چاهيندو آهيان ته رستن ۽ بزارن ۾

هلندي ماڻهو دڪان ۾ پيون شيون ڏسندو هلي، پر همسفر جي تڪي هاڻ ڪري ڪجهہ ڏسي نہ ٿو سگهجي ۽ هر وقت هن جي پرسان رهڻو پوي ٿو تہ متان پرڏيهہ ۾ گم نہ ٿي وڃون. هن جي وري عادت اها آهي جو پڻيان اهو بہ ڪونہ ڏسي تہ پيا ساٿي اچن پيا يا پوئتي رهجي ويا.

هن کي ڪائڻ جو ۽ پراڻن دوستن سان ڪچهري ڪرڻ جو بيحد شوق آهي. ميوي ۽ ڪاڏي جي دڪانن پرسان هن جا پير رڪجيو وڃن. پيو بندوقن جا دڪان ڏسندو هلندو. مان تہ سڀ دڪان ڏسڻ چاهيندو آهيان ۽ خاص ڪري ڪتابن جا، پر هو موقعو ئي نہ ٿو ڏئي. مان لنڊن جي رات جي تفريحن وارن هنڌن تي وڃڻ چاهيندو آهيان: سئنيما، ٿيئٽر، ناچ گهر. پر همسفر لاءِ اهو ڪم گناهہ جو آهي.

مون ميوزم، لئبررين ۽ آرٽ گئلرين ڏسڻ ٿي چاهيون. هن کي انهن ۾ ڪا دلچسپي ڪانہ هئي.

مان ڪانچ قميص پائي ٻاهر نڪرڻ ٿي چاهيو تہ همراهہ ڪاوڙجي پيو. چي: ماڻهو ڪلرائيندين، اسان تي ٺوڪرا ڪيا ويندا. جيتوڻيڪ ڪيترائي عرب، آفريڪي ۽ سک پنهنجي قومي لباس ۾ نظر اچن ٿا. مان هڪ نہ پئي ڏينهن سيرب لاهڻ لڳس. جنهن ڏينهن ڏاڙهي نہ لاٿم تہ همسفر چڙي پيو. چي: ڪلٽهاب ڪنديں، ماڻهو چوندا تہ هيپي آهن.

ڪاليهہ ڪئنٽربريءَ ۾ نديول Cathedral ڏسڻ وياسين.

هيءَ انگلنڊ جي دنيا جي پرو ٽوسٽنٽس جي وڏي ۾ وڏي ديول آهي. هتي Arch Bishop رهي ٿو. اٺ سؤ سال پراڻي عمارت آهي ۽ پورهيت جي عظمت ۽ فنڪار جي فن جو اڻ مٽ شاهڪار: اڏاوت، پٿر تي ڪم، مجسمهسازي، مورت سازي، شيشي تي ڪم. اهي ڏسي مون کي فخر جو احساس ٿيو ته هي شيون هتي جي پراڻي ڪاريگريءَ جو عظيم نمونو هوندي به سنڌ جي پراڻي ڪاريگريءَ جو مقابلو ڪري نه ٿيون سگهن.

همسفر ديول ۾ اندر هلڻ لاءِ تيار نه هو ۽ چيائين ته اندر ڪا خاص شيءِ ڪانهي. پر منهنجي ضد تي مس مس رضامند ٿيو. پوءِ ديول جي هر چيز مان ڏوڻ وڏون ڪيندو رهيو. اندر بي شمار ماڻهو هئا. رونق ۽ چهچٽو هو.

هو ووڪنگ مسجد ڏسڻ هليا.

مان ته هنن ماڻهن مان اڙجي ويو آهيان. سارو زور اٿن مسجدن ڏسڻ تي. مسجدون ڏسي هنن جا چهرا خوشيءَ کان ٻهڪي ٿا اٿن. مون کي ته انهن ۾ ڪا خاص شيءِ نظر ڪا نه ٿي اچي. هنن مسجدن کان هزار ڀيرا سٺيون ۽ خوبصورت مسجدون اسان جي ملڪ ۾ موجود آهن. هتي وُريون مسجدون ته مون کي پاڪستاني قبرستانن جهڙيون ڀُسيون، بي رونق ۽ ويران ٿيون لڳن. هنن مسجدن کان ٻاهر ۽ انهن جي چوڌاري هن ملڪ ۾ ڪيتري نه رونق، رنگيني، تازگي، زنده دلي، سرهائي،

سونهن، سوٻيا ۽ سندرتا آهي! هي مسيتن جا شيدائي واقعي ڏي اندا ٻوڙا ۽ گونگا آهن.

*　　　*　　　*

هوائي جهاز ۾:

١٦- جون ١٩٧٧

”شايد توهان ڪراچيءَ تائين سفر ڪري رهيا آهيو.“ هن مرڪي پڇيو.

”ها.“

”پوءِ وقت گذارڻ لاءِ هنن اخبارن ۽ رسالن مان ڪي کڻو“ هن اخبارن ۽ رسالن سان ڀريل آندل گاڏيڙي طرف اشارو ڪري چيو.

”ڪهڙين ٻولين جا آهن اهي رسالا ۽ اخبارون؟“ مون پڇيو.

”توهان کي ڪهڙي ٻوليءَ جا کپن؟“

”سنڌي.“

”سنڌي؟“

”ها، سنڌي.“

”سنڌي ڪتاب ته ڪو نه آهن.“

”توهان کي سنڌي ڪتاب رکڻ کپن، ڇو ته سنڌي مسافر به توهان جي ڪمپنيءَ جي جهاز ۾ چڙهن ٿا.“

”جئن ته ٿائي ايئر ويز ڪمپني اسان جي ملڪ ٿائيلنڊ جي آهي ۽ اتي جي قومي ٻولي ٿائي آهي، ان

ڪري اسين مسافرن لاءِ ٿاڻي ٻوليءَ جا رسالا ۽ ڪتاب مهيا ڪندا آهيون ۽ انگريزي زبان جا به ڇاڪاڻ ته اها عالمي زبان آهي. اهڙي طرح هي ڪتاب رکو ٿائي ۽ انگريزي زبان جا آهن."

مسافرن کي هدايتون ڏيڻ لاءِ لائوڊ اسپيڪر تي جيڪي اعلان ٿين ٿا، سي پڻ انهن ٻن ٻولين ۾ آهن.

هيءَ فضائي ميزبانڻ ڇگي سهڻي ڇوڪري آهي: گورو رنگ، وچولو قد، اکيون ڪجهه چنجهيون، وات ننڍڙو ۽ چپ سنهڙا. هن جي سٿيٽر تي هن جي نالي جي چٽڪي لڳل آهي: Shingula (شنگولا). هن کي انگريزي ۽ ٿائي گڏيل سڏيل وردي پهريل آهي. لنڊن جي هوائي اڏي تي جڏهن جهاز ۾ ويٺاسين ته فضائي ميزبانڻ هرهڪ مسافر کي ٿائيلنڊ جو تازو گل ڏيندي وئي. گل واڱڻائي رنگ جو آهي ۽ چڱو ٿو لڳي. سرهاڻ ڪا نه اٿس. مون پنهنجي ڪوٽ تي لڳائي ڇڏيو آهي.

مان اڄ اڪيلو هي هوائي سفر ڪري رهيو آهيان. هيڏو ڏکيو ۽ وڏي خرچ وارو سفر ڏاڍي شوق سان شروع ڪيو هوم. نه رڳو انگلنڊ پر يورپ جا ٻيا ملڪ گهمڻ جو سڌاءُ هو. ان واسطي سئٽزرلنڊ، هالنڊ، جرمني ۽ فرانس جا ويزا به وڏا خرچ ۽ الاهي پنڌ ڪري ورتا هئاسين.

لنڊن پهچڻ جي پهرين ڏينهن ئي همسفر پنهنجي اڏنگي روش ۽ ڇهڙاڪ طبيعت جو ايترو مظاهرو ڪيو جو

هئاسون اتان کو نگهائي ويو. ان ڪري پاڻ مون لاءِ وڏيڪ بدمزگي پيدا ٿي.

* * *

ورهين کان وٺي ڏاڍي بي آرامي ٿي رهي. نه ڳوٺ ۾ آرام نه شهر ۾، نه گهر ۾ آرام نه اسپتال ۾. نه دوستن وٽ آرام نه اڪيلائيءَ ۾. هي ولايت جو چڪر چالاءِ هو؟ .... منهنجي بيقرار روح جو پڙڪو....

مان محسوس ڪريان ٿو ته همسفر جي چونڊ جي معاملي ۾ مون پهريون ڀيرو غلطي ڪئي آهي. پهريون ڀيرو شاديءَ جي رشتي ۾ ۽ ٻيو ڀيرو هينئر لنڊن جي سفر ۾.

* * *

مان جن ٽن ڄڻن سان يورپ جي سفر تي نڪتو هوس، سي ٽيئي پاڻ ۾ پيادر ۽ قادياني آهن ۽ خاص ان قادياني ڪانفرنس لاءِ هليا هئا، جنهن جو بيان مٿي ڪري آيو آهيان.

قاديانين جي ”تعداد ۽ تبليغ“ جي باري ۾ بار بار خيال ايندو رهيو. ست سالن کان هنن جو لنڊن ۾ تبليغي مرڪز قائم آهي ۽ هنن جا پگهاردار مبلغ خاص تبليغ جو ڪم ڪندا رهيا آهن. جڏهن ته هيءَ ڪانفرنس لنڊن ۾ ٿي هئي، ان ڪري ضرور ذري گهٽ سڀ انگريز قادياني مسلمان ان ۾ شريڪ ٿيا هوندا. پر مون ڏٺو ته

ٻه اڍائي هزار آيلن ۾ فقط چار پنج يورپين مسلمان هنن ۾ شريڪ هئا ۽ نماز هنن سان گڏ ٿي پڙهيائون. انهن ۾ ٻه سڀ انگريز ڪو نه هوندا، ڪو جرمن، فرينچ يا اسپيني ٻه هوندو. پوءِ ايڏي ڊگهي عرصي کان ۽ هيڏو زبردست خرچ ڪرڻ جو ڪهڙو فائدو يا مقصد؟ قاديانين جي اها ڄڻڪ ته ٻڌبي آهي ته اسان دنيا ۾ هيترا مسلمان بڻايا آهن، پر اهي ڪير آهن؟

ان جي ڀيٽ ۾ عيسائي پرچارڪ ايتري عرصي دوران هندستان ۽ آفريڪا ۾ لکين ماڻهن کي عيسائي بڻائڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهن. شايد مذهب مٽائڻ جو بنيادي ڪارڻ غربت ۽ جهالت آهي، ۽ انگلنڊ ۾ نه غربت آهي ۽ نه جهالت.

سوچيان ٿو صدين کان وٺي آفريڪي شيدي عيسائيت ۽ اسلام جي آغوش ۾ آيل آهن، پر هو پاڻ کي غلاميءَ مان آجو ڪري نه سگهيا. مگر موجوده دور ۾ سوشلزم ۽ ڪميونزم جي نظرين سان هٿيار بند ٿي مارڪس، لينن ۽ مائوزي تنگ جي سکيا جو سهارو وٺي ۽ هنن جي ورتل عملي راهه اختيار ڪري، آفريڪا جا ڪيترا ملڪ قومي آزادي ۽ طبقاتي ڇوٽڪارو حاصل ڪري چڪا آهن ۽ ٻيا ڪيترا ڪن پيا.

ٻي ڳالهه جا مون کي نظر آئي سا هيءَ هئي ته قاديانين جي هن ڪانفرنس ۾ آيلن ۾ ڪو به سنڌي مون کي ڏسڻ ۾ ڪو نه آيو. ٿورا گهڻا پناهگير هئا، باقي

هڙئي قادياني گهڻو ڪري پنجابي هئا. هتي اها ڳالهه ٻڌائڻ ضروري آهي ته قاديانيت جو باني ۽ پيغمبر پنجاب جو هو. سوچيان ٿو: قوميت مذهب جي محتاج آهي يا مذهب قوميت جو؟

آيلن ۾ ڪجهه ماڻهو انڊونيشيا ۽ آفريڪا جا به نظر آيا ٿي ۽ اهي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا هئا.

هڪ دلچسپ ڳالهه جو خيال ٿو اچيم: منهنجي همسفر مون کي ڪانئچ ۽ قميص ۾ لنڊن جي رستن تي هلڻ کان منع ٿي ڪئي، اصل پاڻيءَ مان نڪري ٿي ويو، پر سنڌس مذهب جو خليفو مرزا صاحب جڏهن ڪانفرنس ۾ آيو ته هن کي ڪانئچ پهريل هئي ۽ مٿي تي ڪُلهِ سان پٽڪو پيل هوس.

سوچيان ٿو قاديانين جي باري ۾ سنڌ جي حوالي، سان ڪهڙي ڳالهه ڪرڻ جهڙي آهي. ها، ڪجهه قادياني چوڌري انهن مان آهن، جن شروع شروع ۾ اچي سنڌ جي زمين جون وڏيون وڏيون ايراضيون هٿ ڪيون ۽ اتي پنهنجا فارم ۽ ڪالونيون قائم ڪيون. اهڙي ريت هو سنڌ ۾ اينڊز اوائلي سامراجي جاگيردارن مان آهن.

* * *

مان اهو سوچيندو رهيس ته لنڊن يا ولايت ۾ جيڪي اسان جي ديس جا ماڻهو گهر بنائي ويٺا آهن، سي پنهنجي ملڪ جي ڪهڙي خدمت ڪري سگهن ٿا يا ڪن ٿا؟

ڪي ماڻهو تعليم. فوجي سکيا، سائنس، ٽيڪنالاجي، فن ۽ هنر ۾ ماهر بڻجڻ لاءِ ڏينهن رات محنت ڪن ٿا ۽ انهيءَ مقصد سان تہ هو ملڪ واپس وڃي پنهنجي ان مهارت سان ديس واسين جي مدد ڪندا ۽ ملڪ کي ترقي وٺائيندا. اهڙا ماڻهو سائنس جي ميدان ۾ ۽ خاص ڪري هٿيار ۽ بارود ٺاهڻ ۽ انهن کي استعمال ڪرڻ جي سکيا ڏيڻ ۾ مٿاڇري طبقي ۽ پيڙهيل قوم لاءِ وڏو سهارو ثابت ٿي سگهن ٿا.

اتي رهيل صحيح سياسي ساڃهہ رکندڙ پنهنجي ملڪ جي مظلوم قوميتن جي باري ۾ دنيا کي باخبر ڪري سگهن ٿا ۽ دنيا جي راءِ مٿئين ۽ حڪومتي طبقي جي پروپيگنڊا خلاف، اصلي حقيقتن طرف موڙي سگهن ٿا.

اتي آباد ماڻهو پرڏيهي ناڻو ڪمائن ٿا ۽ اهو پنهنجي ملڪ واسطي ميسر ڪري سگهن ٿا. ان ناڻي مان پنهنجي ملڪ واسطي مشنري خريد ڪري سگهجي ٿي. ان ناڻي مان هٿيار خريد ڪري سگهجن ٿا.

پر اتي رهندڙ يا آباد ٿيل گهڻا ماڻهو فقط پنهنجي ذات لاءِ ئي سوچن ٿا. هو جو ڪجهہ ڪن ٿا، جو ڪجهہ ڪمائن ٿا، رڳو پاڻ واسطي. سُکي ۽ عيش واري جيون گذارين ٿا. پنهنجي ملڪ ۾ وڏا وڏا بنگلا ٺهرائين ٿا. پرڏيهي ناڻو بہ ڪوشش ڪري چور بازار ۾ وڪڻن ٿا.

هڪ ڳالهہ تي ڏاڍو عجب ٿو لڳيم. هتي غلاظت ۽ گندگيءَ جو تصور ئي ڪونهي. پٽيون بہ ڏاڍيون

انقلاب دور ناهي ۽ شهنشاهيت جي ڪوٺن ۾ ڏار پوڻ شروع ٿيا آهن.

اهو مون کي ان ڪري به خيال اچي ٿو جو مون ٻڌو آهي ته شهنشاهه اهڙو سخت ۽ ظالم آهي جو جي ٿوري به خبر پويس ته ولايت ۾ ڦلاڻي شاگرد سندس خلاف ڪنهن هلچل ۾ حصو ورتو آهي يا ڪنهن انقلابي پارٽيءَ جو ميمبر آهي يا ڪنهن انقلابي سرگرميءَ سان واسطو اٿس ته ايران ۾ ان شاگردن جي مڙني مائٽن کي ڪهاڻي چڙهيندو آهي. اهي خبرون هوندي به جو هي شاگرد ايترو اڳتي وڌي رهيا آهن، تنهن مان صاف ظاهر آهي ته ايران جو رنگ مٽجڻ وارو آهي.

اٿين پرڏيهه ۾ رهندي به ماڻهو پنهنجي ملڪ ۽ قوم واسطي سياسي ۽ انقلابي ڪم ڪري سگهي ٿو.

هوچي من جي باري ۾ پڙهيو هوم ته پئرس ۾ رهندي ئي انقلابي خيالن جو بڻيو هو. اتي ڪيپل ويٽنامي پورهيت انقلابي ويچارن جا بنجندا رهيا ۽ ڪيترو وقت آيو جو اتي ئي هنن پنهنجي هڪڙي ويٽنامي انقلابي پارٽي ٺاهي ۽ اها زير زمين پنهنجي ڪارروائي ڪندي رهي. پوءِ هن پارٽيءَ ۾ تيار ٿيل ڪارڪنن ئي وڃي ويٽنام ۾ فوجي ۽ انقلابي تنظيم ٺاهي، جنهن اڳتي هلي جپاني، فرينچ ۽ آمريڪي سامراجين سان جنگ لڙي ۽ نيٺ قومي آزادي حاصل ڪئي ۽ سامراجين کي شڪست ڏئي پنهنجي ملڪ مان تڙي ڪڍيو.

سو اهڙي طرح پرڏيهه ۾ رهڻ وارا پنهنجي ڏيهه لاءِ سياسي قومي جاڳوڙ ڪري سگهن ٿا.

* * *

همسفرن جي ڪري لنڊن ۾ رڳو پناهگيرن ۽ پنجابين سان ملاقاتون ٿيون. انهن مان ڪي پنجويهن ڇويهن سالن يا ان کان به وڌيڪ عرصي کان هتي آباد آهن. هنن جو هاڻي ٽيون نسل وجود ۾ اچي ويو آهي. يعني هنن جي اولاد جو اولاد به هتي ڄائو ۽ پليو آهي.

هنن کي شڪايت آهي ته هنن جي اولاد کي پنهنجي ملڪ سان ڪو انس ڪونهي ۽ مذهب هنن لاءِ اوپري چيز آهي ۽ تهذيب هتي جي ۾ رڱجي ويا آهن. هنن جون ڌيئر اڪيلمون ڏاڙين ڇوڪرن سان راتين جون راتيون وچيو گذارين ۽ هنن جي آڏو هڪ ۾ ٻئي ڀڪ وجهي پيا نچن. شراب پيئڻ ۾ به ڪو حجاب ڪونه ڪن ۽ لباس به انگريزن جهڙو پهرين. اهي ڳالهيون ڪري پڇن پيا ته اسان جي هن اولاد جو مستقبل ڇا ٿيندو.

مون همسفر ۽ سنڌس سائين جي ڳالهين مان هي انومان به ڪيا: جنهن ته هنن پنهنجي ڌرتي پنهنجو ديس ڇڏيو يا ڇڏڻ تي مجبور ڪيا ويا، تنهن کان پوءِ هو ڪنهن به ڌرتيءَ جا، ڪنهن به ديس جا ٿي نه ٿا سگهن. ڪن جو اهو چوڻ هو ته پنهنجو ديس ڇڏڻ کان پوءِ پاڪستان ۾ به آرام نه آيو، يا پنهنجائي محسوس نه ٿي،

ان ڪري انگلنڊ ۾ اچي آباد ٿياسين ۽ هتي جي عيش ۽ پيسي ۾ پاڻ کي تسڪين ڏيڻ لڳاسين.

بهارين جو مثال آهي: هنن پنهنجو ديس بهار ڇڏيو. بنگال ۾ آيا. جڏهن بنگالي سجاڳ ٿيا ۽ ڌارين کي ڌڪي ڪڍيائون ته بهارين کي بنگال ڇڏڻو پيو. انهن مان ڪي برما وڃي ويٺا. اتي گڙ ٻڙ ڪيائون ته برما وارن هنن کي اگهاڙين پيرين ڪڍي ڇڏيو آهي ۽ هو دربدر آهن. بهارين مان جيڪي بنگال ڇڏي سنڌ ۾ آيا تن جو استقبال پٿين تي لکيل نعرا "بهاري نه کپن" ڪن ٿا.

هنن همراهن پاڻ ۾ اهي ڳالهيون ٿي ڪيون ته انگريز به هاڻي اسان کي نه ٿا سهن ۽ ڪيترا پيرا غير انگريزن تي حملا ڪيا اٿن ۽ ماريا اٿن ۽ ملڪيتون ۽ دڪان تباهه ڪيا اٿن. سو هن ملڪ ۾ به اسان جا پير پختا نه آهن.

مان سمجهان ٿو ته دنيا ۾ اڄ جيڪا بي آرامي ۽ بد امني، جنگ ۽ جهيڙو، فساد ۽ فتنو آهي، ان جو بنيادي ڪارڻ آهي "لڏ پلاڻ". لڏ پلاڻ مان منهنجو مقصد آهي ڪنهن قوم يا ٽولي جو ٻئي ملڪ ۾ وڃي اتي جي رهاڪن تي غلبو حاصل ڪرڻ، حڪومت ڪرڻ سياسي غلام بڻائڻ، اقتصادي محڪوم بڻائڻ، پنهنجي تهذيب ۽ ٻولي مڙهڻ جي ڪوشش ڪرڻ.

فلسطين ۾ جنگ آهي ڇاڪاڻ ته ڌاريا يهودي اچي اتي حاڪم بڻجي ويٺا آهن ۽ اتي جي اصلي رهاڪن

عربن کي پنهنجو ملڪ ڇڏڻ تي مجبور ڪيو اٿن. ويٽنام ۾ لڙائي ٿي ڇاڪاڻ ته ڏاريا آمريڪي سامراجيت قائم رکڻ واسطي اتي گهڙي آيا. روڊيشيا ۽ ڏکڻ آفريڪا ۾ بغاوت آهي ڇاڪاڻ ته ڏاري قوم: يورپين، اتي جي اصلي ۽ گهڻائيءَ واري قوم کي غلام بنايو ويٺي آهي. بيٺڪيت جو مطلب ئي اهو آهي ته ڪا ڏاري قوم اچيو ڪنهن قوم کي اقتصادي غلام بنائي ۽ هنن جي پيداوار جي ذريعن تي قبضو ڪري.

ڏاريا جڏهن لڏي ڪنهن ديس ۾ اچي وهن ٿا ته، آهستي آهستي ديسين ۽ ڏارين جا پاڻ ۾ خاص ڪري ٻولي، تهذيب ۽ معيشت جي بنياد تي تضاد اڀرن ٿا. پوءِ ڇڪتاڻ شروع ٿئي ٿي جا اڪثر گهرو لڙائيءَ جي صورت اختيار ڪيو وڃي ۽ ان ملڪ جو امن سدائين لاءِ تباهه ٿيو وڃي.

انگريز، پنهنجي ملڪ ۾ ڏارين کي ان ڪري برداشت ڪيو ويٺا آهن جو ان مان هنن کي معاشي فائدو ۽ اقتصادي ضرورت آهي. تهذيبي طرح هنن کي ڏاريا سخت ناپسند آهن. هو ڏارين جي رهڻي ڪرڻي، اٿڻ وهڻ، دين ڌرم ۽ خود شڪل صورت کان نفرت ڪن ٿا. هاڻي جو هنن ڏارين تي حملا شروع ڪيا آهن ۽ هنن خلاف هنگاما ڪن ٿا، ته ان جو مطلب آهي ته هنن کي احساس ٿيڻ لڳو آهي ته متان هي ڏاريا اقتصادي طرح اسان جي مٿي تي نه چڙهي وڃن يا معاشي طرح اسين هنن جا محتاج

نہ بنجي وڃون. يا ممڪن آهي تہ هنن کي پنهنجو روزگار ملڻ ۾ رخنو محسوس ٿيڻ شروع ٿيو هجي.

هڪ همراهہ ٻڌايو تہ جڏهن انگريزن جي مصرين سان سئيز جي جنگ شروع ٿي تہ انگريزن، انگلنڊ ۾ جيڪي مصري ورهين کان وٺي آباد هئا ۽ لکن جون ملڪيتون هئن، تن سڀني کي ٢٣ ڪلاڪن جو چتاءُ ڏئي، ملڪ مان زوريءَ ڪڍي ڇڏيائون. هنن کي ڪجهہ بہ سامان يا پيسو کڻڻ نہ ڏنائون ۽ نہ وري ڪو ملڪيت جو معاوضو ڏنائون ۽ نہ اڄ ڏينهن تائين ڏنو اٿن. اهڙا وسوسا ۽ انديشا مڙني ڌارين کي رهن ٿا.

دنيا جي بي آرامي، بد انتظامي ۽ بدامنيءَ جو هڪڙو حل اهو بہ آهي تہ دنيا جي ڌارين ۽ پناهگيرن کي پنهنجي پنهنجي اصلي وطن ۾ واپس وڃي آباد ٿيڻ ۾ مدد ڪئي وڃي ۽ جي خوشيءَ سان نہ وڃن تہ زور زبردستيءَ سان وڃڻ تي مجبور ڪيو وڃي. مثال طور انهن يهودين کي اسرائيل مان ڪڍيو وڃي جي ٻاهران اچي اتي ويٺا آهن.

اهڙن ڌارين، پرديسين ۽ پناهگيرن کي پنهنجي اصلي ملڪ ڏانهن موٽڻ منڍ ۾ ڏکيو لڳندو، پر پوءِ نيٺ احساس ٿيندن تہ ان ۾ ئي سندن سک، سلامتي ۽ امن آهي، ۽ دنيا تان پڻ هڪ وڏو ڏچو لهي پوندو.

ڌارين جو پرائو ملڪ نہ ڇڏڻ جو گهڻو ڪري اهو سبب هوندو آهي جو هو اتي اقتصادي غلبو حاصل ڪري

ويندا آهن. هو اتي سرمائيدار ۽ سامراج واري حيثيت حاصل ڪري ويندا آهن. اهڙي حالت ۾ قومي جنگ کان سواءِ هنن جا پير اکوڙڻ مشڪل هوندو آهي. چينين جپانين کي، ويٽنامين آمريڪنن کي، انگولين پورچوگيزن کي ۽ بنگالين غير بنگالين کي قومي جنگ ذريعي ئي پنهنجي ملڪ مان تڙي ڪڍيو. هن وقت فلسطيني يهودين کي، روڊيشا وارا اڇي چمڙيءَ وارن کي ۽ ٻيا ڪيئي ملڪ ۽ قومون پنهنجي ديس مان ڌارين کي ڌڪي ڪڍڻ لاءِ لڙي رهيا آهن.

ڌارين کي ڌڪي ڪڍڻ لاءِ قومن کي سجاڳ ٿيڻو پوندو آهي، قربانيون ڏيڻيون پونديون آهن، جنگ لڙڻي پوندي آهي ۽ خاص ڪري گوريلا جنگ جو سهارو وٺڻو پوندو آهي.

لنڊن ۾ مون ڏٺو ته هنن پناهگيرن جا اندر ڪاڙل آهن. هو دل جي گهراين ۾ اهو محسوس ڪن ٿا ته ڪابه ڌرتي ڌارئي کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. ان ۾ ڏهه سال لڳن يا ويهه سال يا پنجاهه سال يا سؤ سال پر نيٺ ڌرتي سجاڳ ٿي جوش ۾ اچي ٿي ۽ ڌارين کي ڌڪي لوڌي ڪڍي ٿي. هو انگريزن، بنگالين ۽ سنڌين جي ڪٽرپڻي کي لوڙيندا رهن ٿا. هو منهنجي موجودگيءَ ڪري فقط ڊبل لفظن ۾ ئي ڳالهائيندا رهيا پر مان آسانيءَ سان انومان ڪڍي ٿي سگهيس.

مون اهو به ڏٺو ته هي ماڻهو انگلنڊ ۾ "نيشنل فرنٽ"

جي نالي ڪان ائين ڇرڪن ٿا جيئن سنڌ ۾ ”جيئي سنڌ“ جي نالي ڪان. انگلينڊ ۾ نئشنل فرنٽ انگريزن جي اها تنظيم آهي جا غيرانگريزن جو دائمي طرح انگلنڊ ۾ آباد ٿي وڃڻ برداشت نه ٿي ڪري. هن تنظيم وارا ٿي گهڻو ڪري ڏارين تي حملا ڪندا رهندا آهن.

هنن همراهن اها شڪايت پئي ڪئي ته نئشنل فرنٽ وارن ڪي حملا ڪندي ۽ نقصان پهچائيندي ڏسي به انگريز پوليس خاموش رهندي آهي ۽ ڪو قدم نه کڻندي آهي ۽ ڪوبه انگريز پنهنجي پوليس خلاف ڪورٽ ۾ شاهدي ڏيڻ لاءِ تيار نه ٿيندو آهي .

*　　　*　　　*

جهاز جون هي ٿائي ميزبانڻيون ڪيڏو نه پنهنجي ڪم ۾ رڌل آهن . شيخ الطاف جو هڪڙو سفرنامو پڙهي منهنجي ذهن ۾ اهاڳالهه ويٺي هئي ته ٿائيلنڊ جون ڇوڪريون اڪثر ڇوڙيو پيون هلن . هي به ٿائيلنڊ جون آهن، پر سارو وقت پيچ پيچان ۾ آهن : مسافرن جي سار سنڀال لهڻ، ڪاڏو ڪارائڻ، ڪوڪا ڪولا پيارڻ، چانهه ۽ ڪافي ڏيڻ ڪتاب ۽ اخبارون پهچائڻ ، نڍڙا ٻار پرچائڻ. هو هڪ بيحد محنتي پورهيت وانگر ڪم ڪري رهيون آهن . هنن جو ته اڪثر ڏي خيال ڪونه ٿو ڏسجي. شايد ائين هجي نه هي روزگار سان آهن ۽ ٿائيلنڊ واريون اهي ڇوڪريون جن جو الطاف بيان ڪيو آهي سي معاشي

بد حاليءَ ڪري پيار ۽ تفريح بدران ڪمائيءَ لاءِ اگهڻ استعمال ڪنديون هجن.

* * *

حيدرآباد سنڌ:

١٢- جولاءِ ١٩٢٨

پنهنجو هڪ خواب پڙهائي ٻڌايان:

هوائي جهاز ۾ مٿين ڊائري لکي نو ٽيڪ بند ڪيو هوم. فلم اڃا هلي رهي هئي. منهنجي ساڄي پاسي وارو نوجوان هاڻي جاڳي چڪو هو. ڪابي پاسي کان هڪ پوڙهو پنجابي سوداگر هو. هو اڃا گونگهرا هڻي رهيو هو. مون هن پوڙهي سان ڪجهه ڳالهايو ٻولايو هو، پر ساڄي پاسي واري نوجوان سان واقفيت وڌائڻ جي ڪوشش ڪانه ڪئي هئم. مون فقط اهو ڏٺو هو ته هن جي هٿ ۾ هڪ عربي رسالو هو، جو هو لاڳيتو پڙهي رهيو هو. ماني کائڻ کان پوءِ، جڏهن فلم شروع ٿي ۽ جهاز ۾ اونده ڪئي وئي ته مان پنهنجي سيٽ واري بتي ٻاري ڊائري لکڻ لڳس ۽ هو پنهنجي سيٽ واري بتي روشن ڪري پڙهندو رهيو. پوءِ جلدي بتي وسائي پنهنجي سيٽ جو بٽڻ دٻائي، ٽيڪ پوئتي ڪري آهلي پيو ۽ ننڊ اچي ويس. مان لکندو رهيس. ڪلاڪ کن کان پوءِ ننڊ مان جاڳيو ۽ اٿي جهاز جي ڪاڪوس مان ٿي آيو.

هاڻي هن ٿي مون سان ڳالهائڻ جي شروعات ڪئي.

پوءِ ڪراچيءَ پهچڻ تائين اسين پاڻ ۾ ڪچهري ڪندا رهياسين .

قداور، سگهارو، ڦڙت ۽ رنگ جو گورو. عمر ٢٥ سال. ڳاڙهي ٽي شرٽ ۽ بلو جينس پهريل. هن جي ڏيا واري شخصيت هئي.

شروعات ڪندي چيائين:

”ايم هوسٽيس سان سنڌي رسالن جي باري ۾ توهان جي گفتگوءَ مان، مان سمجهي ويو آهيان ته توهان سنڌي آهيو. اسان جا ڪجهه فلسطيني شاگرد به سنڌ ۾ پڙهندا آهن.“

”ڪٿي؟“ مون پڇيو .

”ڪراچي، سنڌ ۽ مهراڻ يونيورسٽين ۾.“

”ته توهان فلسطيني آهيو. مان فلسطين بابت الاهي ڳالهيون ڄاڻڻ چاهيان ٿو. اچوڪي ملاقات ۾ توهان کان ڏاڍا سوال پڇندس.“

”سنڌ مان موئنجو دڙو سائين جي ڳالهين مان مون ڪاٿو ڪيو آهي ته سنڌ ۾ توهان سنڌين واسطي ٻاهرين اچي اهي حالتون پيدا ڪيون، يا پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪن پيا، جيڪي اسان جي فلسطين ۾ ڌارين يهودين اچي پيدا ڪيون. يهودين به پنهنجي رياست جو بنياد مذهب تي رکيو آهي. دنيا جي ٻين ملڪن مان يهودي لڏي اچي فلسطين ۾ آباد ٿيا ۽ جڏهن تعداد ۾ وڌي ويا ته فلسطين کي ورهائي جدا يهودي رياست قائم ڪرڻ

جي گهر ڪيائون ۽ نيٺ سامراجين جي سهاري ۽ سهائتا سان پوري فلسطين تي قبضو ڪري ويٺا آهن ۽ اتي جي اصلي رهاڪن اسان فلسطينين کي پنهنجو وطن ڇڏي ٻين ملڪن ۾ وڃي پناهگير بڻجڻ تي مجبور ڪيائون. ٻڌو اٿم ته توهان جي سنڌ ۾ به غير سنڌي اڏين تا مڙندا وڃن جنهن مثال تي ماڪوڙا ۽ هاڻي سنڌ کي ورهائي ڪراچيءَ جو جدا صوبو بڻائڻ جون سٽون سٽي رهيا آهن. ان مان ڏسجي ٿو ته توهان سنڌي هڪ ڪمزور قوم آهيو ۽ عمل جي اوڙاهه ڏي رخ ڪو نه اٿو."

مون هن کي سنڌين جي سياسي سجاڳيءَ بابت ٻڌايو ۽ اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته حالتون ايتري قدر نااميديءَ واريون نه آهن.

پوءِ پڇيو مانس: "توهان فلسطينين بي گهر، در بدر ۽ جلا وطن هوندي ۽ ٻين ملڪن ۾ پناهگيرن جي حيثيت ۾ ڪئمپن ۾ رهندي به پنهنجي قوم ۾ ايتري سجاڳي ۽ تنظيم ڪيئن پيدا ڪئي؟"

هن ڪجهه دير سوچيو.

"هڙي ڇڙوڇڙ زندگي گهاريندي به اسان جي اڳواڻن ٻن ڳالهين تي خاص ۽ مڪمل ڌيان ڏنو آهي: هڪ تعليم ۽ ٻيو فوجي سکيا. سمورن عرب ملڪن جي ڀيٽ ۾ اسان فلسطينين جو تعليم ورتلن جو سيڪڙو تمام وڌيڪ آهي. ڪوشش ڪري هر ڇوڪري ۽ هر ڇوڪريءَ کي تعليم سان مالا مال ڪيو ٿو وڃي. تعليم به خاص

ڪري سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ واري. دنيا جي وڏن وڏن ملڪن جي وڏين وڏين يونيورسٽين ۾ اسان جا نوجوان تعليم وٺي رهيا آهن ۽ پنهنجي پنهنجي سبجيڪٽ ۾ ماهر بڻجي نڪرن ٿا. مان بيروت يونيورسٽيءَ مان مڪينيڪل انجنيئرنگ ۾ گريجوئيٽ آهيان ۽ ان کان پوءِ ساڳئي سبجيڪٽ ۾ آمريڪا ۾ سکيا ورتي اٿم ۽ هاڻي لنڊن جي هڪ يونيورسٽيءَ ۾ ڪم ڪري رهيو آهيان. اسان جا نوجوان جتي ڪٿي مثالي محنت ۽ لڳاءَ سان تعليم حاصل ڪن ٿا ۽ انهيءَ احساس ۽ جذبي سان ته اها ساري تعليم اها ساري سکيا هنن کي پنهنجي ڌرتيءَ خاطر استعمال ڪرڻي آهي. اهڙي ريت اسان جا نوجوان ننڍي هوندي کان ئي هر قسم جي فوجي سکيا پڻ پوري ذوق شوق سان وٺن ٿا."

"دنيا جي ڪن سياستدانن اهو خيال ظاهر ڪيو آهي ته فلسطينين جتي جتي پناه ورتي آهي، ان ملڪ ۾ سدائين لاءِ آباد ٿي وڃن. توهان جي ٽيڪا ٽپڻي؟" مون پڇيو.

"اسين ڌرتيءَ جا ڌڪاريل ۽ سامراجي ذهنيت وارا نه آهيون جو ڪن پناهگيرن وانگر پنهنجي اصلي وطن ڏانهن موٽڻ جي نه ڪيون ۽ پناهه ڏيندڙ زمين لاءِ دائمي ناسور بڻجي وڃون. اسان ڀرين ڏينهن کان ئي پنهنجي وطن واپس وڃڻ واسطي جاکوڙ شروع ڪئي ۽ ايستائين مات ڪري نه وهنداسين جيستائين پنهنجي ملڪ ۾ ۽

پنهنجي ماڳن تي موٽي نه وڃون. جيتوڻيڪ جن ملڪن ۾ اسان پناهه ورتي آهي، اهي عرب ملڪ آهن ۽ انهن سان اسان جو تاريخي ۽ تهذيبي ناتو نهايت ويجهو آهي. تڏهن به ڏاريو ڏاريو آهي. اسان کي احساس آهي ته اسان هنن ملڪن تي اقتصادي ۽ سياسي بار آهيون ۽ هنن ۽ اسان ۾ ڪيترا تضاد آهن. ان ڪري ئي اسان جون اردن ۽ لبنان جي رهاڪن سان سخت لڙايون ٿي چڪيون آهن. اسين پنهنجن مهربان ملڪن جي امن، سک ۽ سلامتيءَ لاءِ دائمي خطرو بڻجڻ نه ٿا چاهيون. توهان جي انهن پاڪستاني پناهگيرن ڪري ئي يهودي گڏيل قومن ۾ ۽ دنيا وارن کي چوندا ٿا وتن ۽ دليل طور پيش ڪن ٿا ته جئن پناهگير پاڪستان ۾ آباد ٿي ويا آهن، تئن فلسطيني به جن جن ملڪن ۾ پناهه وٺي چڪا آهن، اتي جذب ٿي وڃن. اسان عربن جي پنهنجي ڌرتيءَ سان سنڌين جهڙي مثالي محبت ٿيندي آهي. ان ڪري تون منهنجي جذبن جو سولائيءَ سان ڪاٿو ڪري سگهين ٿو. جيڪي ڌاريا پاڻ کي ٻين ملڪن تي زوريءَ مڙهين ٿا، انهن آڏو ڇا انهن غير بنگالين جو حشر ناهي، جي بنگلاديش ۾ اڄي پڳ ٻڌي ويٺا هئا."

"توهين پنهنجي قومي آزاديءَ جي منزل ماڻڻ لاءِ ٻه خاص طريقا پڻ اختيار ڪيا آهن: گوريلا جنگ ۽ ڌمڪاءُ (Terrorism) انهن تي مان تفصيل سان ٻڌڻ چاهيان ٿو." مون چيو.

پوءِ هن ان باري ۾ ڪوڙ ۽ ڏاڍيون دلچسپ ڳالهيون ٻڌايون. دل ٿي چاهيم ته ان وقت ٽيپ رڪارڊر هجيم ها جو هن جيڪي چيو سو سانڍي سگهان ها. مان هڪ شاگرد وانگر هن کان سوال پڇندو ويس، ۽ هو هڪ ماهر استاد وانگر جواب ڏيندو ويو. هن جي ڳالهين مان جيڪي ٿورڙي نموني ياد آهن، سي هي آهن:

.... انهن طريقن جي ڪاميابيءَ جو ثبوت اهو آهي ته اسان دنيا وارن کان پنهنجو وجود ۽ پنهنجي ڌرتيءَ تي پنهنجو حق مڃرايو آهي.

.... گوريلا جنگ ذريعي گهٽ ماڻهن ۽ گهٽ هٿيارن جي باوجود به پاڻ کان وڏين طاقتن کي ڏونڊا چٻائي سگهجن ٿا. اڄ جي دور ۾ گوريلا جنگ جون ڪاميابيون ڏسي ستايل ملڪن ۽ قومن جي انقلابي قوتن جون دليون وڏي ويون آهن. گوريلا جنگ جاگيرداري نظام جا ترا ڪيدي رهي آهي، سرمائيداريءَ جو مٿو چٿي رهي آهي ۽ سامراجيت جو موت ثابت ٿي رهي آهي. گوريلا جنگ ظالم حاڪمن جي ننڊ حرام ڪري ڇڏي آهي. گوريلا جنگ انقلابي جنگ آهي، جا ملڪ جو عوام وڙهي ٿو ۽ وقت جي غاصب حڪومت جي فوج سان لڙي ٿو. گوريلا عوامي لشڪر آهي ۽ مٿين طبقي جي ظالم حڪومت سان ٽڪر کائي ٿو.

.... گوريلو هٿيارن جي زور تي نه وڙهندو آهي پر قوميت جي جذبي سان. هن جو هٿيار عام ماڻهوءَ ۽ قوم جي

پنيرائي هوندو آهي. عوام ئي گوريلي جو ڍڪ، پناھ، پورتي ڪرڻ وارو، پيسو ڏيڻ وارو، هٿيار ميسر ڪرڻ وارو، خبرون ۽ پيغام پهچائڻ وارو ۽ ڪاٿو ڏيڻ وارو آهي.

.... گوريلا جنگ آهي هٿيار بند چڪتاڻ ذريعي سياست هلائڻ. گوريلا جنگ سياسي انقلاب جو هٿيار آهي، جنهن ذريعي بي هٿيار عوام، هٿيار بند سرڪاري لشڪر تي فتح پائي ٿو. گوريلا تڏهن پيدا ٿيندا جڏهن عوام ۾ سياسي شعور ۽ قومي جذبو انتها درجي جو جاڳندو.

... شروعات ڪيئن ٿي ٿئي؟ ان لاءِ پختي سياسي پارٽي هجڻ ضروري آهي. اهائي گوريلن جا ٽولا تيار ڪري ٿي ۽ انهن جي فوجي سکيا جو بندوبست ڪري ٿي، ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي جو ظالمن ۽ غاصبن جي ظلم کان تنگ ٿي ڪجهه جوشيلا جوان پنهنجو زير زمين ٽولو ناهي، جهڙا تهڙا هٿيار ڪٺي، ظالمن تي حملا ڪندا آهن ۽ انهن ۾ ڪاميابي حاصل ٿيڻ تي هنن جي همت وڌندي آهي ۽ هو پاڻ ۾ وڌيڪ تنظيم پيدا ڪندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي ته ڪي حساس ۽ جوشيلا شاگرد شهرن ۾ نعرا ۽ تقريرون ٻڌي ٻڌي بيزار ٿي پوندا آهن ۽ ڪجهه ڪرڻ جي بيتابيءَ ۾ ڳوٺن ۾ اچي ظالمن جو نظام درهم برهم ڪرڻ لاءِ ڪارروايون ڪندا آهن ۽ پوءِ هنن کي سياسي پارٽيءَ جي سرپرستي به حاصل ٿي ويندي آهي.

.... جنهن ملڪ ۾ هارين جو جهجهو تعداد هوندو آهي، اتي گوريلا جنگ ڳوٺن ۽ ٻهراڙيءَ کان شروع ڪبي آهي. اتي سوپ ڪٽي پوءِ شهرن تي قبضو ڪبو آهي.

.... هڪ گوريلي کي پنهنجي ملڪ جي چپي چپي مان واقف هجڻ گهرجي: رڻ پٽ، جهنگل، نديون، واهه، پڪا رستا، ڪچا پيچرا، ريلوي لائينون، بجلي ۽ ٽيليفون لائينون، ڪاٺين جا هنڌ، پوليس ٺاڻا، فوجي چوڪيون، باروت خانا، چانوڻيون، هٿيارن جا ڪارخانا، فوجي اڏا وغيره. مان پنهنجي ملڪ جي اردن نديءَ جي ڀرسان ڪنارن تي سوين ميل پيرين پنڌ وچي ڏٺو آهي ۽ اتي جهنگل، جبل، لنگهه، لڪ، شهر، ڳوٺ ۽ پليون سڀ پنهنجي ذهن ۾ محفوظ ڪري ڇڏيون اٿم. اهڙي ريت ڪيتريون ئي ريلوي لائينون سون جا سو ميل پنڌ ڪري چڪاسيا اٿم.

.... گوريلا جنگ ۾ مڪمل سوڀ ضروري نه هوندي آهي. جزوي فتح ذريعي به دشمن کي صفا ڪمزور ڪري ۽ هن جي اندروني تضادن کي تکو ڪري هن کي ڳالهائڻ لاءِ ۽ آڻ مڃڻ تي آماده ڪري سگهجي ٿو.

.... لٽيندڙ طبقو ڪڏهن به پُر امن طريقي سان پنهنجو راڄ نه ڇڏيندو آهي.

.... گوريلا جنگ جو مقصد آهي سامراجي حڪومت ۽ سندس لشڪر کي ٿڪائڻ، بيزار ڪرڻ ۽ وٺ نه ڏيڻ. ان جو مقصد آهي سڄي قوم کي حڪومت خلاف اڀارڻ جيئن حڪومت پاڻ کي اڪيلو ۽ بيوس سمجهي. ساڳئي وقت حڪومت لاءِ اقتصادي مشڪل پيدا ڪرڻ. هر وقت رنگروٽن کي سکيا ڏئي نوان گوريلا پيدا ڪندو رهجي.

.... مان هٿيار بند جاڪوڙ جا عام اصول ۽ شرط ورجايان ٿو. انهن ۾ ملڪ جي حالتن آهر ڦير گهير ٿي سگهي ٿي. اهي اصول ۽ شرط هي آهن:

(١) هٿيار بند جاڪوڙ هڪ اهڙي سياسي سٿاءَ جو حصو هجڻ گهرجي جنهن جو مقصد ڦرمار، ظلم، سماجي اڻ برابري ۽ طبقاتي فرق جي هر صورت کي مٽائڻ هجي. اها سياست ترقي پسند، قوم پرست ۽ انقلابي هجي.

(٢) هن جاڪوڙ جو فوجي پهلو سدائين سياسي پهلوءَ جي هٿ هيٺ هجي ڇو ته قومي آزادي ۽ سماجي انقلاب لاءِ جنگ بنيادي طرح سياسي جنگ آهي. پارٽيءَ جي هر هڪ ميمبر کي هڪ ئي وقت سياسي ڪارڪن به هجڻ گهرجي ۽ فوجي سرويچ پڻ. پر بندوق کي سياست جي هٿ هيٺ هجڻ جڳائي ۽ نه سياست کي بندوق جي ماتحت.

(٣) آزاديءَ وارو لشڪر بنيادي طرح عوامي لشڪر هجڻ گهرجي. اهو پورهيتن جو لشڪر هجڻ گهرجي ۽ ان کي عوام جو سهڪار حاصل هجي. ان جي ڪارڪردگي مزورن ۽ هارين جي هٿ ۾ هجي.

(٤) هٿياربند جاڪوڙ جي ڪاميابيءَ لاءِ دشمن خلاف گڏيل محاذ ٺاهڻ کپي. ان ۾ هر طبقي، نسل ۽ مذهب جا ماڻهو شامل هجن.

(٥) هٿياربند جاڪوڙ ڊگهي جنگ جي حڪمت عمليءَ تي لڙي وڃي.

(٦) هٿياربند جاڪوڙ لاءِ پنهنجو پاڻ تي ڀاڙجي. ان

هوائي جهازن تي قبضو ڪندا آهن جن ۾ دولتمند طبقو سوار ٿيندو آهي. هو ڪروڙ پتين ۽ سرمائيدارن کي ڀڄائي ويندا آهن. هو سفارتخانن تي حملا ڪندا آهن ۽ وزيرن ۽ سفيرن کي يرغمال بنائيندا آهن.

.... دهشت گرديءَ جا محدود مقصد هوندا آهن: پنهنجا ساٿي گوريلا ۽ دهشت پسند قيد مان ڇڏائڻ ۽ پارٽي، هلچل ۽ جنگ واسطي رقمون هٿ ڪرڻ. دشمن کي ڇتاهه ڏيڻ. دنيا جو پنهنجي تحريڪ ڏي ڌيان ڇڪائڻ ۽ پنهنجو وجود مڃرائڻ ۽ پنهنجو حق تسليم ڪرائڻ.

.... ڏهڪاءُ ڏسندڙن لاءِ هوندو آهي ۽ نه انهن واسطي جي شڪار ٿيندا آهن. دهشت گرديءَ لاءِ سکيا: هٿيار هلائڻ، بم ٺاهڻ، بم اڇلڻ، واهه ٽوڙڻ، تيل جون پائيپون ڦاڙڻ، نقشو سمجهڻ، ڇهڙا پوش ڪرڻ، صورت بدلائڻ، نقلي پاسپورٽ ۽ ٻيا جعلي ڪاغذ بنائڻ، هوائي جهازن ۽ هوائي اڏن جي گهٽي ڪان گهٽي واقفيت، وائرليس جي استعمال جي ڄاڻ ۽ ترت فيصلي جي قوت ....

هن فلسطيني نوجوان ساري گفتگو دوران پنهنجي ڪا به ڳالهه اسلام جي حوالي سان نه ٿي ڪئي، ۽ نه ٻين عربن وانگر اسلام جي نالي ۾ رعب رکڻ جي ڪوشش ٿي ڪيائين. هو پنهنجي تحريڪ جو بنياد عرب قوميت جي حوالي سان ٻڌائيندو رهيو يا پنهنجي قوم کي فلسطيني قوم ڪوٺيندو رهيو.

پڇاڙيءَ ۾ چيائين: ”اهي اڻٿيِ حقيقتون ۽ تجربا اسان فلسطينين جي گوريلا جنگ ۽ دهشت گرديءَ جا. خبر ناهي منهنجي هيڏي ساري ڊگهي ڪتا جو توتي ڪهڙو اثر پيو!“

مان سڄاڳ ٿي چڪو هوس.

هن فلسطيني نوجوان جون ڳالهيون منهنجي دل ۽ دماغ، ذهن ۽ ضمير تي ڇانئجي ويون هيون. سوچيندي سوچيندي، فلسطيني اديبن ۽ شاعرن ڏي هيٺيون پيغام لکڻ لڳس:

ماريو.
ماريو.
ماريو.
اي فلسطين جا اديبو!
اي فلسطين جا شاعرو!
پنهنجون ڪهاڻين ۾،
پنهنجن شعرن ۾،
ور ور ڪري لکو،
هزار لڳا لکو،
ماريو!
ماريو!
ماريو!
لفظ اهو ورجايو ايترا پيرا

جو

پڙهندڙ پڇن
پڙهندڙ چاڙهڻ لاءِ آتا ٿين :
ڪنهن کي ماريون ؟
ڪنهن کي ماريون ؟
ڇو ماريون ؟
ڇو ماريون ؟
پوءِ ٻڌايو هنن کي
آهي جيڪي توهان جي دل ۾ :
ماريو
ماريو
ماريو
فلسطين جي ويرين کي ،
ديس جي دشمنن کي ،
ڌرتيءَ جي ڌارين کي .
بي ڪهڙي آهي وات ؟
اها گجگوڙ ، اهي ڪڙڪات !

*　　　*　　　*

حيدرآباد سنڌ :
٨- آگسٽ ١٩٧٨

ولايت مان واپس پهچڻ تي هتي جي ميڊيڪل ڪاليج جي شاگردن جو ڇپايل ڪتاب ”لطيف سوکڙي“ مليم.

جي چيزن بدران موهن جي دڙي ۾ ايڏي دلچسپي ڏيکاريندس.

پوءِ هو پاڪستان جي سياست تي ڳالهائڻ لڳو: هن کي به پنهنجي هم زبان وارن واري شڪايت اها هئي ته اسان جي ملڪ ۾ ڏاڍو تعصب آهي. ماڻهو پاڻ کي مسلمان سمجهڻ بدران سنڌي، پنجابي، بلوچ يا پٺاڻ سمجهن ٿا. هن اهو به خيال ظاهر ڪيو ته تعصب مٽائڻ لاءِ وري ون يونٽ قائم ڪيو وڃي ۽ صوبا صفا ختم ڪيا وڃن. هو ملڪ ۾ مارشل لا هجڻ جي ضرورت تي به دليل ڏيڻ لڳو. انهن ۾ بنيادي دليل اهو هو ته جمهوريت ۽ خاص ڪري يورپي قسم جي جمهوريت مسلمانن جي مزاج مطابق ئي ڪانهي.

مون اهو سوچي سانت اختيار ڪئي ته انگلنڊ ۾ ويهه سال رهڻ به هن پروفيسر جي ذهن ۽ ذهنيت جو ڪجهه بگاڙي نه سگهيو آهي.

پڇيائين: ”توهان ادب جي ڪهڙي شاخ ۾ لکندا آهيو؟“

وراڻيم: ”ڪهاڻي.“

چيائين: ”توهين اردوءَ جي ڪلاسيڪل ادب جو ترجمو ڇو نه ٿا ڪريو. انهيءَ جي سنڌيءَ ۾ ڪمي به آهي.“

پڇيم: ”مثال طور ڪهڙا ڪتاب؟“

وراڻيائين: ”چار درويش جو قصو، گل بڪاوليءَ جو قصو، حاتم طائيءَ جو قصو وغيره.“

وراٽيمر: ”ڀهرين ڳالهہ اهي ڪتاب اردوءَ جا ڪلاسيڪل نہ آهن، اهي اصل ۾ ٻين ٻولين ۾ آهن ۽ اردوءَ ۾ بہ ترجما ڪيا ويا هئا. ٻي ڳالهہ تہ اهڙا ڪتاب سنڌيءَ ۾ بہ ترجمو ٿيل آهن ۽ تعداد ۾ اردوءَ کان پاڻ سرس هوندا. ٽين ڳالهہ تہ هن دور ۾ اهڙن ڪتابن جي گهٽي ضرورت ۽ اهميت بہ ڪانہ رهي آهي. دانشور ۽ شهري طبقو تہ اهڙا قصا اصل ڪونہ ٿو پڙهي. ڳوٺن ۾ بہ انهن جو رواج گهٽجي ويو آهي. ٻهراڙيءَ ۾ بہ مون ڏٺو آهي تہ ڪچهرين ۾ سياست ئي گفتگوءَ جو مکيہ موضوع هوندي آهي.“

چيائين: ”مون انهيءَ ڪري چيو جو تازو هنگري ۽ رشين ٻولين ۾ اردوءَ جي انهن ڪتابن جو ترجمو ٿيو آهي.“

چيم: ”ائين هنن دنيا جو پراڻو ادب پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڪٿو ڪرڻ جي شوق ۾ ڪيو هوندو ۽ نہ اتي جي عام ماڻهن جي پڙهڻ واسطي ۽ نہ وري اتي جا عام ماڻهو اهڙا ڪتاب پڙهڻ پسند ڪندا.“

* * *

مون هن کي چيو تہ مان ڪتابن جو ڪو وڏو دڪان بہ ڏسڻ چاهيان ٿو. هن پڇيو تہ وهان ڪهڙي قسم جا ڪتاب ڏسڻ ۽ وٺڻ پسند ڪندا، جيئن تہ هتي ڪتابن جا تمام وڏا دڪان آهن، ان ڪري پسند جي ڪتابن وارو سيڪشن ئي هلي ڏسبو. مون هن کي ٻڌايو تہ مان

ڪهاڻي ۽ ناول تي تنقيدي ڪتاب ڏسڻ پسند ڪندس ۽ ٻيو تازي تاريخ ۾ جيڪي قومي جنگيون لڙيون ويون آهن يا قومي انقلاب آيا آهن يا قومي جاڳوڙ ڪئي پئي وڃي تن جي باري ۾ ڪتاب جهڙوڪ چين، ويٽنام، فلسطين، بنگلا ديش، ڪيوبا، انگولا، موزمبق، گني بساؤ ڏکڻ آفريڪا، روڊيشا وغيره ۽ خاص ڪري انهن قومن ۽ ملڪن جي تحريڪن جي عملي پهلو وارا ڪتاب.

منهنجي اها ڳالهه ٻڌي هن جو منهن پيلو ٿي ويو. ڪي گهڙيون مانڊ ۾ سوچيندي هلندو رهيو. نيٺ جواب ڏنائين ته تنقيدي ڪتاب ته پاڻ وٺجانءِ، پر انقلابي ڪتاب وٺي وڃڻ ٺيڪ نه آهي. مون چيو ته جن ڪتابن تي اسان جي ملڪ ۾ بندش پيل آهي سي ڪٿي نه وٺبا باقي ٻيا ڪتاب ڇو نه وٺجن. چيائين مٿان پنهنجي ملڪ جي ايئر پورٽ تي اعتراض نه ٿئي.

مون سوچيو ته هن شخص جو مطلب ڇا آهي؟ ويهن سالن کان انگلنڊ جهڙي آزاد ملڪ ۾ رهندي به هرو ڀرو ٻيو غلط انديشا ظاهر ڪري يا اُهين ته نه آهي هنن ماڻهن جو اندر ڪاڏل آهي ۽ هي هن جي بزدل ضمير جو آواز آهي!

* * *

ميوزم جي لئبرريءَ ۾ پهتاسين. مان ته پنهنجي خوابن جي دنيا ۾ پهچي ويس: ڪتابن جي دنيا. سهڻن سهڻن ڪتابن جي دنيا. ڪتاب ئي ڪتاب. چوڌاري ڪتاب.

فرش کان ويهہ فوٽ اوچي ڇت تائين ڪتاب. سهڻا سهڻا ڪتاب، سهڻن سهڻن ڪپڙن ۾ سينگاريل. سهڻيون سهڻيون ميزون ، سهڻيون سهڻيون ڪرسيون جن تي آرام سان ويهي ماڻهو ويٺو پڙهي . سانتيڪو سانتيڪو وايو منڊل . سهڻيون سهڻيون ڇوڪريون ڪتاب ڏيکارڻ ۽ ڪڍي ڏيڻ لاءِ تيار .

پروفيسر مون کي هڪڙي ڪرسيءَ تي وهڻ لاءِ چئي پاڻ هڪڙو فائيل وٺي آيو. هيءَ اتي رکيل سنڌي ڪتابن جي فهرست هئي. ڏيڍ سؤ کن ڪتاب هئا. موجوده دور جي سنڌي ڪتابن مان ڪو به ان ۾ ڪو نه هو. مون هڪڙي سندر ماحول ۾ سنڌي ڪتابن جي صورت ڏسڻ چاهي. هتي هر ڪتاب تي سهڻا سهڻا جلد چڙهيل هئا . ان ڪري هتي سنڌي ڪتاب ويتر سهڻا لڳندم . مون پروفيسر کي چيو ته مان هي سنڌي ڪتاب ڏسڻ چاهيان ٿو . پر هو لنوائي ويو .

چيائين: ”اهي ڪتاب سڀ ڊڪ هنڌ رکيل نه آهن ۽ مون کي ايترو وقت نه آهي.“

مون کي ڏاڍي نا اميدي ٿي .

اتان اٿياسين. پروفيسر چيو ته جيئن وقت ٿورو آهي، ان ڪري ميوزم ۾ توکي رڳو اسلامي پاڱو ٿو ڏيکاريان. مون چيومانس پهرين موهن جي دڙي واريون شيون ڏسڻ چاهيندس . هن چيو ته هتي موهن جي دڙي جي ڪا به شيءِ ڪانهي. ڳالهہ اعتبار جهڙي ڪانہ هئي. دنيا جو

ڪو بہ وڏو ميوزم، موهن جي دڙي جي چيزن کان سواءِ نامڪمل ٿي چئبو. اها بہ حقيقت آهي تہ موهن جي دڙي مان لڌل عجيب غريب ۽ سٺيون شيون انگريز پنهنجي ملڪ کڻي آيا هئا.

هو اسلامي پاڪي ۾ هليو. گهٽو ڪري پٿر ۽ صراحيون هيون. پٿرن تي عربي عبارتون لکيل هيون. منهنجي دل انهن ۾ ڪانہ لڳي. منهنجيون نگاهون پنهنجي ساڍيهہ جي موهن جي دڙي جي پنج هزار سال پراڻي، پڪي پختي، عوامي، ترقي پسند ۽ ترقي يافتہ تهذيب جا نشان تلاش ڪنديون رهيون، اها تهذيب جا اڄ بہ درباري تهذيب وارن ۾ ڪمتريءَ جو احساس پيدا ڪري ٿي.

* * *

”لطيف سوکڙي“ ڪتاب ۾ اعجاز قريشيءَ جي مضمون ۾ پڙهيم تہ برٽش ميوزم ۾ موهن جي دڙي جون ڪيتريون ٿي شيون رکيل آهن. روبرو بہ هن ٻڌايو تہ هو اهي شيون ان ميوزم ۾ پاڻ ڏسي چڪو آهي. هن اهو بہ ٻڌايو تہ لئبرريءَ ۾ سنڌي ڪتابن جو پاڱو جدا آهي، جتي سڀ ڪتاب گڏ رکيل آهن.

# سنڌ جي عظيم ڪهاڻيڪار سان ملاقات

(انٽر ويو)

جڳهه: حيدرآباد سنڌ.

تاريخ: ١٥ - سيپٽمبر ١٩٧٩

انٽر ويو وٺندڙ: نورمحمد عباسي، مرتب ”شهباز“

ڇپيل: ”شهباز“ آڪٽوبر ١٩٧٩

*　　　*　　　*

**سوال:** ڊاڪٽر صاحب! مهرباني ڪري اهو ٻڌائيندا ته توهان جو اصل ڳوٺ ڪهڙو آهي ۽ پنهنجي خانداني ۽ تعليمي پس منظر کان واقف ڪندا؟

**جواب:** مان خانواهڻ ڳوٺ جو رهاڪو آهيان، جو نواب شاهه ضلعي جي ڪنڊياري تعلقي ۾ آهي. منهنجي جيڪا اصل ذات آهي ان مان ته ڏسجي ٿو ته اسين موهن جي دڙي جي دور کان وٺي سنڌ جي ڌرتيءَ جا رهاڪو آهيون. منهنجو پيءُ پنهنجو نالو الهه آندو خان ڪنڀرو لکندو هو. پر اسين ڀاڙر ۽ سوٽ جو ڪاليج تائين پڙهي پياسون، سو پاڻ کي ”ڪنڀرو“ جي بدران ”عباسي“ لکڻ لڳاسين. حقيقت ۾ اسين نه ڪلهوڙا آهيون ۽ نه عباسي. اسان سنڌين ۾ اڄ به گهٽتائيءَ جو ايترو احساس

شوق هو ۽ نہ ادبي لاڙو، نہ پنھنجي ڪا سوچ ھئن ۽ نہ ڪجھہ لکي سگھندا ھئا، نہ غلاميءَ جو احساس ھئن نہ قومي شعور ۽ نہ سياسي چاڻ. مون کي ھڪڙو ئي عظيم استاد مليو ۽ اھو ھو سائين ايچ- ايم- خواجہ، جو ان وقت لوڪل بورڊ ھاءِ اسڪول نواب شاھہ جو ھيڊ ماستر ھو. ھو انقلابي ۽ ترقي پسند خيالن جو ھو. ھن جي تربيت ۽ تعليم ئي منھنجن ويچارن ۾ ڦيرو آندو. ھينئر مان جو ڪجھہ آھيان، ان ۾ خواجہ سائينءَ جو وڏو حصو آھي.

تعليم جي خلفشار مان جيڪڏھن توھان جو مطلب شاگردن ۾ بي آرامي آھي تہ بي آرامي منھنجي شاگرديءَ جي زماني ۾ بہ شاگردن ۾ ھئي. البت ھن وقت بي آراميءَ جو رخ مڙيل آھي ۽ ھينئر شاگردن جي ذھن ۾ بي آراميءَ جا سبب وڌيڪ چٽا آھن: سنڌي ٻوليءَ کي گھربل اھميت نہ ٿي ڏني وڃي، ۽ سنڌي شاگرد سنڌيءَ جھڙي ترقي يافتہ ۽ پنھنجي مادري زبان کي ڇڏڻ نہ ٿا چاھين. ھنن کي خبر آھي تہ ٻين ٻولين ۾ ھو پنھنجا ۽ پنھنجن ڳوٺن جا نالا بہ لکي ۽ اچاري نہ ٿا سگھن. ھو انگريزي بہ پڙھڻ چاھين ٿا ڇاڪاڻ تہ اھا سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي زبان آھي. پر انھن ٻن ٻولين کان وڌيڪ ھڪ ٽين ٻوليءَ تي زور ڏنو وڃي ٿو، جا نہ ھنن جي مادري ٻولي آھي ۽ نہ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي زبان. ٻيو تہ شاگردن جي ڪورس ۾ ھر ڳالھہ ۾ مذھب جو حوالو ڏنو ويو

سوال: سنڌي ادب ۾ توهان جي نظر ۾ سڀ کان بهترين ڪهڙو افسانہ نگار يا ڪهاڻي نويس آهي ۽ هن ادب جي انهيءَ صنف ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ڪهڙي خدمت ڪئي آهي؟

جواب: مونکي پنهنجيون ڪهاڻيون وڌيڪ وڻنديون آهن. هونءَ امرجليل جون ڪهاڻيون پسند اٿم. هن جي لکڻيءَ جو ڏينگ ۽ رواني، ڪهاڻيءَ جو مناسب ۽ سمجهہ ۾ ايندڙ سٽاءُ ساراهہ جوڳا هوندا آهن. مان ”سنڌيت“ کي ئي اديب جي وڏي ۾ وڏي خدمت تو سمجهان.

مون ٽوٽل ١٦٠ ڪهاڻيون لکيون آهن، انهن مان ١٥٠ ڇپيل آهن. منهنجا پنج ڪهاڻين جا ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. منهنجيون ڪهاڻيون سياست، قوميت ۽ سماج جي مسئلن تي لکيل هونديون آهن.

سوال: اديب پنهنجي معاشري جو عڪاس هوندو آهي، انهيءَ نظريي مطابق توهان جي خيال موجب سنڌي ادب ۾ هن وقت اها جاهہ ڪهڙي اديب والاري آهي؟

جواب: سنڌيءَ جو هڪڙو نہ پر ڪيترائي ترقي پسند اديب پنهنجي معاشري جي عڪاسي ڪري رهيا آهن. هو قومي، سياسي ۽ سماجي مسئلن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪن ٿا ۽ طبقاتي سماج جون برايون پڌريون ڪن ٿا، هارين ۽ پورهيتن ۾ انقلاب جو روح ڦوڪن ٿا ۽ سياسي سوچ پيدا ڪن ٿا. سنڌي اديب اڻانگين حالتن هوندي بہ صحيح ۽ گهربل ادب پيدا ڪري رهيو آهي.

سنڌين ۾ جيڪا سياسي ۽ سماجي سجاڳي ڏسو ٿا، ان ۾ سنڌي سياستدانن کان وڌيڪ سنڌي اديبن جو حصو آهي.

**سوال:** توهان جي ڪهاڻين مان توهان جي نظر ۾ بهترين ڪهاڻي ڪهڙي آهي؟

**جواب:** ”ناچڻي“ .... جا انهيءَ نالي واري ڪتاب ۾ شايع ٿي آهي.

**سوال:** ڊاڪٽر هوندي توهان ادبي ڪم ڏانهن ڪهڙي ريت توجهه ڏيو ٿا؟

**جواب:** ڊاڪٽري مان پيٽ لاءِ ڪريان ٿو ۽ ادب منهنجي مَنَ جي ضرورت آهي. هينئر به جي منهنجي روزگار جو جوڳو بندوبست هجي ته مان سارو وقت لکڻ پڙهڻ ۾ صرف ڪندو رهان. اهائي منهنجي دل جي تمنا آهي. پيٽ جي فڪر کان فارغ ٿيڻ کانپوءِ منهنجي دنيا ۾ مکيه دلچسپي لکڻ پڙهڻ آهي.

**سوال:** سنڌي اديب جي حيثيت سان قارئين ”شهباز“ ۽ سنڌ جي عوام لاءِ توهان جو ڪهڙو پيغام آهي؟

**جواب:** اسان سنڌين کي اهو حاصل ٿيندو جو اسين سنڌي پاڻ هٿ پير هلائي حاصل ڪنداسين. پين مان چڱائيءَ جي اميد ڪانهي. پيو ڪو اسان جو سچو ڪونه ٿيندو. پيو ڪو اسان کي ڪجهه وٺي ڪونه ڏيندو. دنيا جون اسان جهڙيون پيڙيل قومون ڇا پيون ڪن، ڪهڙي جاکوڙ پيون ڪن، ان جو اڀياس ضروري آهي.

# مون وٽ سودو سچ جو

(انٽرويو)

جڳهه: خانواهڻ.
تاريخ: ٢- نومبر ١٩٧٩ع
انٽرويو وٺندڙ: ظفر عباسي، سهيڙيندڙ ”ساهتي“ پبليڪيشن
ڇپيل: ساهتي پبليڪيشن جو ڪتاب ”ٽڙي ٽڙي ٽلاءَ“

* * *

**سوال:** پنهنجي پوري ادبي زندگيءَ تي تفصيلي روشني وجهو؟

**جواب:** هن سوال جو جواب تمام ڊگهو ٿي سگهي ٿو. مان مختصر جواب ٿي ڏيندس: ننڍپڻ کان ئي پڙهڻ جو بيحد شوق پيدا ٿي ويم. ان جو سبب هو پڙهڻ جو شوقين پيءُ ۽ گهر ۾ ڪتابن جي موجودگي. بابو ماستر هو ۽ ڪتابن پڙهڻ ۾ گهڻو وقت گذاريندو هو، نه رڳو اسڪولي ڪتاب پر عام ڪتاب پڻ، هن وٽ ڪتابن جو چڱو ذخيرو هوندو هو. اسان ڀائرن ۽ ڀينرن کي گهڻو ڪري هر رات قصا ۽ ڪهاڻيون ٻڌائيندو هو.

مان پرائمري اسڪول ڪانپوء لوڪل بورڊ هاء اسڪول

نواب شاهه ۾ پڙهڻ ويس. ان اسڪول جي لئبرريءَ جا ڪتاب پڻ باقاعدي پڙهندو رهيس. جڏهن چوٿين درجي ۾ ڪري ۾ پهتس ته اسڪول ۾ ٿيندڙ مشاعرن ۾ حصو وٺڻ لڳس. پوءِ مئٽرڪ تائين پوين ٽن سال اسڪول جي بزم مشاعره جو سيڪريٽري ٿي رهيس. اهڙي طرح منهنجي ادبي جيون جي شروعات شاعريءَ سان ٿي. مون پهريون شعر ١٩٤١ع ۾ لکيو ۽ ١٩٤٧ع تائين سو کان وڌيڪ شعر چيم. ان ڪانپوءِ منهنجي شعر جي ذات جو ڏيو اڄ تائين ٻرندو آهي. ان زماني ۾ منهنجا ڪي شعر ڪن رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيا به هئا. مون وٽ پنهنجا شعر محفوظ آهن. هاڻي خيال ڪيو اٿم ته اهي سڀئي اصلي حالت ۾ ڪتاب جي صورت ۾ ڇپايان. مونکي خبر آهي ۽ مونکي احساس آهي ته مواد توڙي فن جي لحاظ کان گهٽ پايي جا اهي شعر ٽڪو ڪونه لهن، پر نيٺ به ته انهن شعرن جوڙڻ ۾ مون محنت ۽ دماغ سوزي ڪئي هئي، تنهنڪري اها محنت گهٽ ۾ گهٽ ادبي رڪارڊ ۾ اچي ويندي، ۽ ٻيو ته جيڪي پڙهندڙ اڄ منهنجي لکڻين کي پڙهن ٿا يا انهن ۾ دلچسپي وٺن ٿا، سي اهي شعر پڙهي منهنجي ويچارن ۾ آيل ڦيري کي محسوس ڪري سگهن ٿا ۽ ان ڦيري جي ڪارڻ تي سوچي سگهن ٿا....

سوال: پر سائين، اسين ته ادبي دنيا ۾ توهان کي فقط ڪهاڻيڪار طور سڃاڻون ٿا.

جواب: ها، مان انهيءَ ڳالهه تي اچان ٿو: مون

بهترين ڪهاڻي ١٩٤٤ع ۾ لکي، جا ١٩٤٦ع ۾ ٽماهي ”مهراڻ“ ۾ ڇپي. اها ڪهاڻي داستاني ڍنگ ۾ لکيل هئي. پر هڪڙي ڳالهه ان وقت لکيل ڪهاڻيءَ ۾ به چٽي آهي: اها هيءَ ته ڪهاڻيءَ ۾ ڏيکاريل آهي ته غير سنڌي، سنڌيءَ جو سات نه ٿا ڏين. اڻانگي ۽ خوفناڪ وقت ۾، مصيبت سان گڏجي مقابلو ڪرڻ بدران هڪ سنڌيءَ جا پنجابي ۽ شيدي پٺي سائي هن کي اڪيلو ڇڏي ٿا وڃن.

سوال: موجوده دور ۾ تخليق ٿيندڙ سنڌي ادب مان ڪيتري قدر مطمئن آهيو؟

جواب: مان پنهنجي ٻوليءَ ۾ پيدا ٿيندڙ ادب جي معيار مان گهڻي قدر مطمئن آهيان. البت ان جو مقدار تمام گهٽ آهي. اڃان به ائين چوڻ صحيح ٿيندو ته اسان جو ادب پيدا ته ڪافي مقدار ۾ ٿيندو رهي ٿو. پر اهو ڪتابن، رسالن يا اخبارن تائين پهچي نٿو سگهي يعني ڇپجي ٿورو ٿو. هن وقت اسان جا ذري گهٽ هڙئي رسالا بند ٿي چڪا آهن. اسان جي ماڻهن جي پڙهڻ جي پسند ۾ پڻ وڏو ڦيرو اچي ويو آهي. ان ڪري ئي سنڌيءَ جي آسماني ادب وارن ڪتابن ۽ رسالن کي مشڪل سان ئي ڪو پڙهندڙ ملي ٿو.

سوال: توهان هينئر چيو ته توهين موجوده سنڌي ادب جي معيار مان گهڻي قدر مطمئن آهيو، ان جي وضاحت ڪريو؟

**جواب:** اسان جو موجوده ادب گهڻو ڪري ترقي پسند ادب آهي، جو اسان کي صحيح ۽ سائنسي سوچ سيکاري ٿو. اسان جي ادب جو مرڪز ۽ محور قومي ۽ سماجي مسئلا آهن. سماجي برائين جي سهڻي، سائنسي، حقيقت پسنداڻي ۽ فني نموني چند چٽاڻ ڪئي وڃي ٿي؛ قومي ٻڌي ۽ سياسي تنظيم تي زور ڏنو وڃي ٿو ۽ انقلاب جي راهه تي لاٽون ٻاريون وڃن ٿيون. هن معاملي ۾ ڪهاڻين کان وڌ ۽ اثرائتو ڪم ورتو پيو وڃي. اسان جا شعر به لاجواب آهن، جي خاص ڪري ڳائڻ وقت اسان کي قومي جوش سان ڀري ٿا ڇڏين. سياسي، تنقيدي ۽ کوجنائي مضمونن جو به چڱو ذخيرو ڪتابن ۽ رسالن جي سونهن بنجندو رهيو آهي. هڪڙي ڳالهه ٻڌايانو ته اسان جي ڪتابن ۽ رسالن تي عتاب نازل ٿيڻ خود انهن جي معيار جو ثبوت آهي.

**سوال:** ڇا اديب کي سياست کان ڪنارو ڪرڻ گهرجي؟

**جواب:** ڇا ماڻهون پنهنجي زندگي ڇڏي سگهي ٿو؟ سياست ته ادب جي جان آهي. سياست کي ادب مان خارج ڪري ڇڏيو ته باقي وڃي بچنديون ديون پرين ۽ جنن ڀوتن جون آکاڻيون ۽ غير حقيقي هستين جون ڏند ڪٿائون. ان چوڻيءَ جي وڏي اهميت آهي ته ادب زندگيءَ جي ترجماني ڪري ٿو. نه رڳو ان جي ترجماني ڪري ٿو، پر ان کي بهتر بنائڻ جو اتساهه ڀري ٿو

ڪورو ٻاري. ٿوري ۾ اهڙو ادب پيدا ڪرڻ گهرجي جو پڙهندڙن جي اندر ۾ پراڻي سماج خلاف باهه ڀڙڪائي ۽ نئين سماج جي انقلابي راهه جو ڏس ڏئي. اهو ادب عوام لاءِ هجي، عوام لاءِ دلچسپ هجي، عوام لاءِ اثرائتو هجي ۽ عوام لاءِ ڪارائتو هجي.

سوال: اوهان پاڻ ڪهي اديب چوائڻ وڌيڪ پسند ڪندا يا ڊاڪٽر؟ ۽ ڇو؟

جواب: منهنجي ڊاڪٽرن ڪان وڌيڪ اديبن سان اُٿ ويهه آهي. منهنجي ڊاڪٽرن ڪان وڌيڪ اديبن سان دوستي ۽ گهرائپ آهي. مان ڊاڪٽرن جي ايسوسيئيشن ڪان وڌيڪ سنڌي ادبي سنگت ۾ دلچسپي وٺندو آهيان. مان ڊاڪٽرن جي ميٽنگن ۽ ڪانفرنسن ڪان وڌيڪ اديبن جي ميڙن ۽ ڪچهرين ۾ ويندو آهيان. مان ڊاڪٽري ڪتابن ڪان وڌيڪ ادبي ڪتاب پڙهندو آهيان. ڊاڪٽري منهنجي پيٽ جو پرجهلو آهي ۽ ادب منهنجي من جي غذا.

سوال: سنڌي ڪهاڻيءَ ٻين زبانن جي ڪهاڻيءَ جي ڀيٽ ۾ ڪيتري قدر ترقي ڪئي آهي؟

جواب: مان پنهنجي ڪيل مطالعي جي حدن اندر رهي ئي هن سوال جو جواب ڏئي سگهندس. مان سمجهان ٿو ته سنڌي ڪهاڻي عربي، ايراني، اسپيني، ترڪي، هندي ۽ اردو ڪهاڻيءَ ڪان ته گهڻو اڳتي وڌيل آهي پر روسي، فرينچ، انگريزي، آمريڪي، اٽالين ۽ جرمن ڪهاڻيءَ ڪان جيڪا هن اڳتي نه ته هن به پوئتي هرگز نه

آهي. منهنجي خيال موجب ته گهٽ ۾ گهٽ موضوع ۽ مواد جي لحاظ کان سنڌي ڪهاڻي ڪن حالتن ۾ دنيا جي انهن وڏين ٻولين جي ڪهاڻين کان به گوءِ کڻي ٿي وڃي. اهوئي سبب آهي جو سنڌيءَ جون ڪجھ ڪهاڻيون انگريزي، روسي، هندي، عربي، پارسي، اردو ۽ ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿي مقبوليت حاصل ڪري چڪيون آهن. اهي ترجما ڪهاڻين جي پنهنجين خوبين ڪري ڪيا ويا ۽ نه ڪنهن سرڪاري سرپرستي سبب يا ڪهاڻيڪار سان ياري دوستيءَ ڪري.

هڪڙي ڳالھ جا منهنجي من ۾ اڀرندي رهندي آهي، سا توهان کي ٻڌايان ٿو: ملڪ جي ورهاڱي وارن سالن ۾ جڏهن مان اردو ڪهاڻيون پڙهندو هوس، تڏهن مونکي ائين محسوس ٿيندو هو ته اردو ڪهاڻي، سنڌي ڪهاڻي کان ويھ سال اڳتي آهي. هاڻي جڏهن مان نيون اردو ڪهاڻيون پڙهندو آهيان تڏهن ائين ڀاسندو اٿم ته هاڻوڪي سنڌي ڪهاڻي اردو ڪهاڻيءَ کان ويھ سال اڳتي آهي. منهنجي ويچار موجب ان جو ڪارڻ آهي: پنهنجي ڌرتيءَ سان لڳاءُ، پنهنجي ڌرتيءَ جي عوام سان لڳاءُ، پنهنجي ڌرتيءَ جي ٻوليءَ سان لڳاءُ، پنهنجي ڌرتيءَ تي ٽڪاءُ، ڇو ته ڪهاڻي به ڪڻڪ جي فصل وانگر ڌرتيءَ مان نڪرندي آهي، ڇو ته شعر به گلاب جي ٻوٽي وانگر ڌرتيءَ مان ڦٽندو آهي.

اسان جون بهترين ڪهاڻيون اهي آهن جن جو محور

پنهنجو ديس، پنهنجي ترقي ۽ ان جا ماڻهو، ان جا عوام ۽ ان جاڳوڻاڻا آهن. اسان وٽ هاڻي ڪهاڻين ۾ انفرادي ڪردار کان وڌيڪ قومي ڪردار ۽ گڏيل عمل تي زور ڏنو ٿو وڃي.

سوال: توهان جون به ڪي لکڻيون ٻين ٻولين ۾ ۾ ترجمو ٿيون آهن؟

جواب: ها منهنجيون ڪجهه ڪهاڻيون انگريزي، هندي ۽ اردو زبانن ۾ ترجمو ڪري ڇپرايون ويون آهن.

سوال: ٻين ٻولين جي ڀيٽ ۾ سنڌي ٻولي ڪيتري قدر شاهوڪار آهي؟

جواب: مان ٻولين جو ماهر ته ڪونه آهيان جو پورا انگ اکر پيش ڪري سگهان، پر ڪجهه اندازا ٻڌائي سگهان ٿو. شماري لحاظ کان جيترا سنڌيءَ ۾ لفظ آهن، ايترا دنيا جي ڪنهن ٻي ٻوليءَ ۾ مشڪل سان هجن. هڪ هڪ چيز لاءِ اسان وٽ پندرنهن پندرنهن ويهه ويهه نج سنڌي لفظ به موجود آهن. مثال طور اٺ لاءِ چوڏهن لفظ آهن ۽ ٻڪريءَ واسطي سورنهن. اسين دنيا جو ڪوبه آواز پنهنجي ٻوليءَ ۾ اچاري سگهون ٿا. سنڌي الف - بي ۾ ۵۲ اکر آهن. دنيا جي شايد ٿي ڪا ٻولي هجي جنهن ۾ ايترا اکر هجن.

سنڌيءَ ۾ اسم تصغير جي موجودگي اسان جي ٻوليءَ جي لفظن جو ذخيرو اڃا به وڌائي ڇڏي ٿي. اسم تصغير ٻين ٻولين ۾ شايد ئي ٿئي ۽ جي ٿئي ته به تمام ٿورڙي

تعداد ۾. اسم تصغير جو مطلب آهي ته ڪنهن شيءِ يا صفت جي ننڍائي بيان ڪرڻ. مثال طور: بندوق مان بندوقڙي، گل مان گلڙو، مٽي مان مٽڙو، پوري مان پورڙو. اسم تصغير وارن لفظن جي پنهنجي حيثيت پڻ آهي ۽ اهي پنهنجي سر استعمال ٿين ٿا. ڊڪشنريءَ ۾ اسم تصغير وارا هڙئي لفظ نه به ڏنا وڃن، پر عملي بوليءَ ۾ انهن جو استعمال نهايت اهم آهي ۽ شماري لحاظ کان هي اثاهم لفظ سنڌي بوليءَ کي بيحد شاهوڪار بڻائي ڇڏين ٿا. توهان جي غور ڪندو ته اسم تصغير وارا لفظ ڏاڍا وڻندڙ، پيارا، خوبصورت ۽ سنگيت وارا ٿين ٿا. سنڌيءَ ۾ هڪڙا ٻئي قسم جا لفظ به ٿين ٿا، جي شايد ئي دنيا جي ڪنهن بي زبان ۾ ڪتب ايندا هجن. انهن کي "حرف زائد" يا سولي سنڌيءَ ۾ "ٻٽ لفظ" چئي سگهجي ٿو. مثال: چرچو ٻرچو، ڪراڙو سراڙو، ميز ٻيز، ڪرسي ٻرسي. هنن مثالن ۾ ٻرچو، سراڙو، ٻيز، ٻرسي .... "ٻٽ لفظ" آهن. پنهنجي سر انهن لفظن جي ڪا حيثيت ڪانهي ۽ نه اهي پنهنجي سر بوليءَ ۾ ڪتب اچي سگهن ٿا. پر اهي سنڌي لفظن جي گاڏاٽي ۾ وڏو واڌارو ڪن ٿا.

اسان جي بوليءَ ۾ وڏي ڪمي ۽ وڏي ضرورت آهي سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي لفظن جي. ان لاءِ سنڌي زبان ۽ سائنس جي ماهرن جو دائمي بورڊ ٺهڻ گهرجي، جو وقت بوقت سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جا سنڌي لفظ ۽ اصطلاح جوڙيندو ۽ مقرر ڪندو رهي.

سوال شاعر ۽ ڪهاڻيڪار ۾ اوهان ڪهڙو فرق سمجهو ٿا؟

جواب: شعرن کان وڌيڪ ماڻهو ڪهاڻيون پڙهن ٿا ۽ پسند ڪن ٿا. شعر کان وڌيڪ ماڻهو ڪهاڻي سمجهي سگهن ٿا. شعرن جي ڪتابن کان وڌيڪ ماڻهو ڪهاڻين جا ڪتاب خريد ڪن ٿا. شعر جي نازڪ خيالي ۽ دقيق ويچار تمام ٿورڙن باذوق پڙهندڙن جي سمجهه ۾ اچي سگهندا آهن ۽ اهڙو پڙهندڙ اهڙي شعر تي ڪنڌ ڌوڻي ”واهه واهه“ چوڻ کي انتها سمجهندو آهي ۽ پوءِ موقعو ملڻ تي ٻين کي اهو شعر ٻڌائي ”واهه واهه“ ڪرائڻ جو خواهشمند رهندو آهي. مشاعرن جي بدعت سنڌيءَ ۾ به پنجي وڃي آهي، جنهن ۾ منافقت واري ”واهه واهه“ کان وڌيڪ ڪجهه نه هوندو آهي.

شعر ۾ ڪنهن معاملي يا مسئلي جو تفصيل اچي نه سگهندو آهي. ان کي هرڪو ماڻهو پوري طرح سمجهي نه سگهندو آهي. ان جي ابتڙ ڪهاڻيءَ ۾ جيڪو به معاملو يا مسئلو کڻبو آهي اهو تفصيل سان ۽ اثرائتي نموني هوندو آهي.

هڪڙي ڳالهه جا مون محسوس ڪئي آهي ته ڪهاڻي اسان جي ذهن تي ايترو حاوي هوندي آهي جو ننڍي پڻ ٿوڙي وڏي عمر ۾ اسان جا خواب ڪهاڻيون هوندا آهن ۽ نه شعر. ڪهاڻي جو اڪيلائي ۾ پنهنجي منهن پڙهڻ سان اثر ٿئي ٿو. شعر جو پورو اثر ان وقت پڌرو ٿئي

ٿو جڏهن اهو ڳايو وڃي ۽ سو به مِٺي آکيان. شعر جو مکيه دروازو دل مان آهي ۽ ڪهاڻيءَ جو مکيه دروازو دماغ مان آهي. شعر جو اثر وقتي ٿئي ٿو ۽ ڪهاڻيءَ جو جٽادار. شعر ۾ ٻوليءَ جو وڏو حسن هوندو آهي: سهڻا ۽ چونڊ لفظ، اصطلاح، تشبيهون.

**سوال:** ڪهاڻي لکڻ وقت ڇا محسوس ڪندا آهيو؟

**جواب:** مان پاڻ کي ڪهاڻيءَ جو حصو محسوس ڪندو آهيان ۽ ڪردارن جي خوشين، ڏکن ۽ نفرتن ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿي ويندو آهيان.

**سوال:** سنڌي رسالن جي نه ڇپجڻ جو سبب؟

**جواب:** گهٽ ۾ گهٽ پنهنجن جو ان ۾ ايترو قصور ڪونهي. هو ته اڻ هوند، بيوسي، مجبوري ۽ خطرن جي حالت ۾ به رسالا ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا آهن.

**سوال:** شيخ اياز ڪنهن هنڌ چيو هو ته اگر مان شاعر نه هجان ها ته چمار ٿي نه ها .... اوهان پنهنجي باري ۾ ڇا ڏاڍي سگهندا؟

**جواب :** مان ڪهاڻيڪار آهيان ۽ اهڙي شاعراڻي ڳالهه چئي نه ٿو سگهان.

**سوال:** ادب ۾ جنسيت ڪيتري قدر جائز آهي؟

**جواب :** منهنجي هڪ جنسي ڪهاڻي ڇپي هئي. ان تي ڪن دوستن ڪافي ٽيڪاٽپڻي ڪئي هئي. مون

وري ان تي سوچيو ۽ ان نتيجي تي پهتس تہ جنس تہ جنس ۽ پيار انسان جو بنيادي ۽ اهم جذبو آهي ، ان ڪري ان کي ادب کان پري رکڻ جو سوال ئي ڪونہ ٿو اٿي. ڪهاڻيءَ ۾ جنسي جذبن ۽ احساسن جي اپٽار ضرور ڪجي ، پر جنسي عمل يا ان جي ڪنهن پهلوءَ جي تفصيل ڏيڻ کان پاسو ڪجي. ان سان گڏ جنس تي سماج جي وڌل پابندين ، جي جاگيرداري ۽ سرمائيداري نظام جو نتيجو آهن ۽ جنهن ڪري انسان ذهني بيمار بڻجي ٿو ۽ جنسي خوشين ماڻڻ کان محروم رهجي وڃي ٿو، تن کي ننديو ۽ واڪو ڪجي.

**سوال:** سنڌ ۾ گهڻين ادبي تنظيمن هئڻ ڪري ادب کي فائدو رسيو آيا نقصان؟

**جواب:** منهنجي خيال ۾ فائدو ئي رسيو آهي. انهن مان جيڪي ترقي پسند آهن ۽ قومي ادب پيدا ڪن ٿيون ، سي پنهنجي سر ادبي ميڙ ڪوٺائينديون رهيون آهن، ڪتاب يا رسالا شايع ڪنديون رهيون آهن ۽ انهن ئي تنظيمن ڪري نوان ۽ اڀرندڙ اديب قوم جي آڏو ايندا رهيا آهن. هاڻي وري اهڙو وقت ايندو جو قومي شعور ۽ احساس پيدا ٿيڻ ڪري اهي تنظيمون پاڻ ۾ گڏجي پونديون ۽ هڪ ئي مرڪزي پليٽفارم تان ڪم ڪنديون.

**سوال:** اوهان ادبي صنفن ۾ ڪهاڻيءَ کي ڇو اهميت ڏني ؟

۽ جي ايم سيد.

سوال: ٻاهرين اديبن مان ڪنهن ڪي پڙهيو اٿو ۽ ڪنهن کان گهڻو متاثر آهيو؟

جواب: چاليهن سالن کان ڪتابن پڙهڻ جو جنون رهيو اٿم. ان دوران سوين هزارين ٻاهرين ليکڪن کي به پڙهيو اٿم. جيڪي ليکڪ مونکي ڏاڍو وڻيا ۽ جن جا نالا هن وقت ذهن تي اچن ٿا، سي آهن: سامرسيٽ ماهام برٽرينڊرسل، چيخوف، موپاسان، گورڪي، البرٽو موراويا، مارڪس، لينن، مائوزي‌تنگ، لي‌ڊئان (ويٽنام)، جنرل جياپ (ويٽنام)، هو چيمن (ويٽنام) ۽ چي گويرا.

سوال: ڪا آس ڪا اميد؟

جواب: ماڻهن ۾ سنڌيت جو جذبو پيدا ٿي رهيو آهي جو پڪو ۽ پختو ٿيندو ويندو. هنن ۾ قومي سجاڳي وڌندي. هو طبقاتي سماج جي ڪوٽ کي ڪيرائڻ لاءِ ميدان ۾ ٽپي پوندا.

شخصي سطح تي مان چاهيان ٿو ته مون وٽ ايتري موڙي بچي يا پيٽ جي فڪر کان ٻئي نموني آجو ٿيان ۽ پوءِ ڊاڪٽري ڇڏي پنهنجي حياتيءَ جو باقي حصو لکڻ پڙهڻ ۽ ڪتاب ڇپائڻ ۾ گذاريان.

سوال- زندگيءَ جو يادگار واقعو؟

جواب- گذريل يادگار واقعن کي ته پنهنجي ڪهاڻين ۾ سمائي ڇڏيو اٿم، هاڻي ٻين واقعن جو انتظار آهي.

سوال- مستقبل ۾ سنڌي ادب کي ڇا‌ڏا ڏين چاهيو؟

جواب: ٻه ڪتاب ڇپجڻ جي انتظار ۾ آهن: هڪڙو

ناول ”ويهه سال“ جو تازو لکي پورو ڪيو اٿم ۽ ٻيو آتم ڪهاڻي ”ڏٺم اڻ ڏٺل“. انهن ڪانسواءِ مون وٽ ڪهاڻين جو ايترو مواد آهي جنهن مان گهڻائي ڪتاب ٺهي ويندا.

سوال: اُسرندڙ نسل واسطي ڪو پيغام؟

جواب: پاڻ ۾ ڀروسو ۽ مستقبل ۾ يقين ڪري، پنهنجي اٿاهه قوتن ۽ بي پناهه طاقتن کي استعمال ڪري اڳتي وڌو، اڳتي وڌندا رهو .... مستقبل اوهان جو آهي. سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جون قوتون توهان جي فرمانبرداريءَ جون منتظر آهن. انسان جي آزادي، انسان جي ترقي ۽ انسان جي خوشحاليءَ لاءِ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي پيڙهه جو پٿر آهي. نئين نسل جي سڃاڻپ ئي سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ سان آهي.

○

حيدرآباد سنڌ.
١٨- آڪٽوبر ١٩٦٩ع

# ڪهاڻيءَ بابت منهنجيون ڪجهه سوچون

سنڌي ادبي سنگت جي ڪچهرين ۾ يا ٻين محفلن ۽ گڏجاڻين ۾ يا ريڊيءَ تي ڪو ڪهاڻي پڙهي ٻڌائيندو آهي، تڏهن گهڻو ڪري اها پوري طرح سمجهڻ لاءِ تمام گهڻو ڌيان لڳائڻو پوندو آهي ۽ جي ڪهاڻي ڊگهي هوندي آهي ته اڪثر بوريت جو باعث ٿيندي آهي؛ جيتوڻيڪ ڪهاڻيءَ جون شروعاتي صورتون: قصا، داستان ۽ آکاڻيون، ٻڌائڻ ۽ ٻڌڻ جو فن ۽ مشغلو هيون. رات وهامي ويندي هئي، نه ٻڌائيندڙ ٿڪبو هو ۽ نه ٻڌندڙ ڪي جهوٽو ايندو هو.

خود ڪهاڻيءَ ڪي جيڪي نالا ڏنا ويا آهن، انهن مان به ”ڳالهائڻ“ جو مطلب نڪري ٿو. ڪهاڻي ”ڪهڻ“ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي زباني طرح چوڻ. ان ڪي ڳالهه به سڏبو آهي. ڳالهه ”ڳالهائڻ“ مان نڪتي آهي، جنهن جو مطلب پڻ زبان سان چوڻ آهي. ان ڪي ”آکاڻي“ به چيو وڃي ٿو، هي لفظ ”آکڻ“ مان نڪتل آهي ۽ مطلب اهوئي اٿس يعني زبان سان چوڻ.

اڳوڻي ڪهاڻي ٻڌڻ مان لطف ايندو هو ۽ هاڻوڪي ڪهاڻي مان فقط پڙهڻ سان ئي پورو مزو ماڻي سگهجي

ٿو. ان خيال کان اکوٽي ڪهاڻيءَ کي ”زباني ڪهاڻي“ Spoken Story چئي سگهجي ٿو ۽ اڇوکو ڪهاڻيءَ کي ” قلمي ڪهاڻي “ Written Story ، جهڙي طرح Spoken Language ۽ Written Longnage ٿيندي آهي.

اکوٽي ڪهاڻي ٻڌڻ ۾ مزو ان ڪري ايندو هو ۽ دلچسپ ان ڪري لڳندي هئي جو ان ۾ گهڻو تڻو واقعن جو بيان هوندو هو ۽ ڪهاڻيءَ ۾ رفتار هوندي هئي.

اڇوکي ڪهاڻيءَ ۾ واقعن سان گڏ منظر نگاري، ڪردار نگاري، ڊگهي گفتگو، سماجي ۽ سياسي مسئلن تي سوچ، ڪردارن جي ذهني سوچ ۽ نفسياتي ڪيفيت جو ذري پرزي احوال ۽ هنن جي منهن مهانڊي جو تفصيل پڻ ڏجي ٿو. ان ڪانسواءِ پلاٽ منجهيل ۽ وروڪڙ ٿئي ٿو، ۽ ڪن حالتن ۾ ته پلاٽ ٿئي ئي ڪونه. اهي ڳالهيون ڪهاڻيءَ جي رفتار ۾ رڪاوٽ وجهن ٿيون ۽ واقعي جو سلسلو هر هر ٽٽي پوي ٿو، ان ڪري پڙهڻ ٻڌائڻ سان ٻڌڻ وارو پوري طرح سمجهي نه ٿو سگهي ۽ هو خاص ڪري ڊگهي ڪهاڻيءَ جي حالت ۾ بيزاري محسوس ڪري ٿو.

اکوٽي ڪهاڻيءَ جو ڍنگ بياني ۽ پلاٽ سنئون سڌو هوندو هو، ان ڪري اها ٻڌڻ وقت سهنجائيءَ سان سمجهه ۾ اچي ويندي هئي.

اچوڪي ڪهاڻي ان ڪري به "قلمي ڪهاڻي" آهي
جو ان جون ڪي نيون صورتون جهڙوڪ .

(١) شعوري وهڪرو،

(٢) مونولاگ يا پاڻ سان ڳالهائڻ ،

(٣) گفتگوءَ جي صورت واري،

(٤) اڌ اکري ۽ ابتي گرامر واري،

(٥) خطن جي صورت واري،

(٦) اکين ڏٺي احوال واري،

(جيئن ته ـ هو هوٽل ۾ گهڙي ٿو، چانهه جو آرڊر ڏئي ٿو، پوءِ ميزن ڏي نهاري ٿو ....)

(٧) امچاڻي ڪهاڻي،

اهي ايستائين سمجهڻ ڏکيون آهن، جيستائين لکيل صورت ۾ اسان جي سامهون نه هجن.

اچوڪي، ڪهاڻي ان ڪري به "قلمي ڪهاڻي" آهي جو اها وندر سان گڏ سوچ پڻ پيدا ڪري ٿي ؛ ذهن تي زور پوي ٿو ۽ دماغ تحرڪ ۾ اچي ٿو . اهو نڪته ٿي سگهندو جڏهن اکر سامهون هوندا ۽ پڙهندڙ چاهي ته انهن کي آهستي آهستي يا ٻيهر ٽيهر پڙهي سگهي، ۽ ٻيهر ٽيهر پڙهڻ سان اها وڌيڪ سمجهه ۾ ايندي ۽ پڙهڻ ۾ وڌيڪ مزو ايندو.

اهڙي طرح ڪهاڻي جا "ٻڌڻ جي شيءِ" هئي، وسا

"پڙهڻ جي شيءِ" بڻجي وئي آهي، "زباني ڪهاڻي" هاڻي "قلمي ڪهاڻي" جو روپ ورتو آهي.

* * *

هيل تائين ڪهاڻين ۾ شخصي ڪردار نگاري پٺي ڪئي وئي آهي. انهن ۾ هڪڙي شخص جي ڪردار جي اپار ۽ اوسر ٿيندي ڏيکاري ويندي آهي. اهڙي ڪردار نگاريءَ جو مقصد هوندو آهي ان شخص لاءِ همدردي يا نفرت پيدا ڪرڻ.

هي عوامي دور آهي، ان ڪري شخصي مسئلن بدران گڏيل مسئلن کي ڪنجي. ڪهاڻين ۾ عوامي، قومي يا گڏيل ڪردار نگاري ڪرڻ گهرجي. اسان کي پنهنجي قومي ڪردار کي پڌرو ۽ واضح ڪرڻ کپي، جيئن اسان ۾ جيڪي قومي يا گڏيل اوڻايون آهن، تن جو احساس ۽ شعور جاڳي ۽ انهن کان ڇوٽڪارو پائڻ لاءِ عملي قدم کڻون.

ساڳي طرح اسان جي گڏيل ڪردار ۾ جيڪي خوبيون آهن، تن واسطي فخر جو احساس جاڳي ۽ انهن کي وڌيڪ پختو ۽ اجاگر ڪرڻ لاءِ جتن ڪريون.

شخصي ڪردار نگاريءَ جي آخري چند ڇاڻ جو ڇيهه ۾ به موجوده سماج کان نفرت ۽ بغاوت پيدا ڪرڻ وٽي ٿيندو، پر اهو طريقو اڻ سڌو آهي. گڏيل يا قومي ڪردار نگاريءَ ڪري پڙهندڙ جو ڌيان سڌي

طرح سماج ڏي ويندو ۽ هن ۾ موجود سرشتي ڦيرائڻ، ڳنڍيل عمل ۽ سماجي انقلاب لاءِ سوچ پيدا ٿيندي. اهڙيءَ طرح شخصيت کان وڌيڪ قوميت کي اهميت ڏيڻ جو احساس وڌندو ۽ قومي ۽ سماجي سطح تي سوچڻ سکبو.

*　　　*　　　*

ڪن دوستن جو خيال هوندو آهي ته ڪهاڻيءَ ۾ نعريبازي ۽ پرچار نه هجي. منهنجي خيال ۾ اهڙي ڪهاڻي بي مقصد هوندي، ڇو ته مقصدي ڪهاڻيءَ ۾ نعريبازي به هوندي ۽ پرچار پڻ. هينئر اسان جي عوام کي پرچار جي تمام گهڻي ضرورت آهي. سياسي پليٽفارم تان ايترو پرچار آهي ڪونه، ۽ سنڌ پڌ جا ذريعا يعني پريس، ريڊيو ۽ ٽيليويزن اسان جي پهچ کان ٻاهر تي پيا آهن، ۽ اهي ئي پرچار جا اثرائتا وسيلا آهن. انهيءَ حالت ۾ پاڻ ان ڳالهه جي وڌيڪ ضرورت آهي ته اسين ڪهاڻيءَ ذريعي پرچار ڪريون. پرچار لاءِ ضروري آهي ته ٻولي اهڙي ڪتب آڻجي جا عوام سمجهي سگهي.

آءٌ سنڌيت جو پرچارڪ آهيان ۽ چاهيندو آهيان ته پڙهندڙ منهنجي لکڻين مان محسوس ڪن ته مان سنڌيت پرچارڪ آهيان. ۽ ورجاءُ پرچار جو حصو آهي.

*　　　*　　　*

صحافت ۽ ڪهاڻي نويسيءَ ۾ ويڇو گهٽجي رهيو آهي. اهي هڪ ٻئي جي ويجهو اچي رهيا آهن. مواد

جي خيال کان صحافت ۾ سياست جي هڪ هئي هئي.
ڪهاڻيءَ ۾ سماجي مسئلا چانيل هوندا هئا، انهن ۾ به
پيار جو پٽڙ گهورو هوندو هو. پر هاڻي سياست ڪهاڻيءَ
۾ به چڱو چوکو گهيرو ڪري ڇڪي آهي، اسان جا
ماڻهو اهڙيون ڪهاڻيون جن ۾ سياسي ۽ قومي اپٽار آهي،
سي وڌيڪ پسند ڪن ٿا.

جيستائين صورت جو واسطو آهي ته ماڻهو اخبار،
ريڊيو ۽ ٽيليويزن ۾ دلچسپي وٺڻ لڳا آهن ۽ انهن جي
طور طريقي ڏي هري مري ويا آهن. ان ڪري جي
ڪهاڻي لکڻ ۾ اخباري ڍنگ آهي ته اهو هنن کي خشڪ
نه ٿو لڳي. بهرحال فني لحاظ کان ڪهاڻيءَ کي بنيادي
طرح ڪهاڻي رکڻو آهي.

ٻئي طرف اخبارن ۾ ڪهاڻيءَ وانگر خبرن ۽ تبصرن
۾ منظر نگاري ۽ ڪردار نگاري به ڪئي وڃي ٿي.
جلسن، جلوسن، ميٽنگن ۽ ميڙن جون خبرون ڏيڻ وقت
موسم، ماحول ۽ منظر بيان ڪيو ٿو وڃي. ساڳيءَ ريت
ڪنهن شخص جي باري ۾ لکڻ وقت هن جي ڪردار
تي به تبصرو ڪيو ٿو وڃي ۽ هن جي ذهني ڪيفيت
پڌائي ٿي وڃي.

* * *

ڪهاڻين ۾ سنڌي ڪردارن جا نالا نج سنڌي ڏجن،
چاهي اهي شهري هجن يا ڳوٺاڻا. اهو ان لاءِ ته اسين
جو پنهنجن ذاتن کان بيگانا ٿي ويا آهيون، تن سان اسان

جو ذهن ۾ ڪن عادي ٿين، شايد ان طرح اسان کي پنهنجا نالا، غير سنڌي ۽ فلمي نالن کان وڌيڪ وڻن ۽ ڪمتريءَ جو احساس گهٽجڻ ۾ مدد ملي.

* * *

هي دور عوام لاءِ ڪهاڻيون لکڻ جو آهي. سوچبو هو ته اهي ڪهاڻيون ان عوام تائين ڪونه ٿيون پهچن جن لاءِ لکجي ٿو ڇو ته هاري، پورهيت ۽ ڳوٺاڻا گهڻي ڀاڱي اڻ پڙهيل آهن، يا جي پڙهيل آهن ته ڪتاب ۽ رسالا ڪونه ٿا پڙهن يا خريد ڪري نه ٿا سگهن. ڪيئي سال اڳ اها سوچ صحيح هئي، پر هن زماني ۾ اها ايترو صحيح نه آهي. جيڪي ڪهاڻيون لکجن ٿيون، سي يا انهن ۾ ڏنل ويچار هاڻي ڪنهن حد تائين عوام وٽ پهچي وڃن ٿا.

ڪجهه هارين جا پٽ يا هنن جي ڳوٺن جا ڪي ڇوڪرا ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ تائين تعليم حاصل ڪرڻ لڳا آهن. اسان جو شاگرد طبقو سجاڳ طبقو آهي. هو باقاعدگيءَ سان اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن جو اڀياس ڪري ٿو. انهن مان پرايل ڳالهيون ۽ ويچار هو پنهنجن مائٽن ۽ ڳوٺاڻن کي ڪچهرين ۾ ٻڌائي ٿو. ڪي ڪارڪن شاگرد پنهنجين تقريرن ۽ بحثن مباحثن ذريعي عوام تائين اهي ويچار پهچائن ٿا. مونکي اها به خبر آهي ته ڪي شاگرد هارين، پورهيتن ۽ ڳوٺاڻن کي رسالن ۽ ڪتابن مان قومي قسم جون ڪهاڻيون پڙهي ٻڌائيندا آهن.

ڪهاڻيون سئنيما، ٿيٽر، ريڊيو ذريعي به عوام تائين پهچن ٿيون. سئنيما جي فلم، ٿيٽر جو ناٽڪ، ريڊيو جون ڪهاڻيون ۽ ڊراما ۽ ٽيليويزن جا ڊراما، جي سڀ ڪهاڻيءَ جون صورتون آهن، سي عوام ڏاڍي شوق سان ڏسي ۽ ٻڌي ٿو. اهي عوام لاءِ سستا ۽ اثرائتا آهن. اها ٻي ڳالهه آهي ته هن وقت اسان جي انهن ذريعن تي گهربل حد تائين پهچ ڪانهي.

* * *

اسان سنڌين لاءِ ناول ڪان وڌيڪ اهم ننڍي ڪهاڻي آهي. هڪ ته اسان وٽ ڪل وقتي اديب نه آهن، جي ناول جهڙي ڊگهي ڪم لاءِ وقت ڪڍي سگهن. ٻيو ته ناول لکجڻ کانپوءِ ان جو ڇپجڻ ڏاڍو ڏکيو مسئلو آهي. لکڻيءَ جو مقصد آهي ته اها پڙهندڙن ۽ عوام تائين پهچي. جنهن صورت ۾ ان جي ڇپجڻ جو بندوبست ٿي نه سگهي ته ان صورت ۾ اها فائديمند نه ٿي ٿئي. ننڍي ڪهاڻي، جي ڪتاب ۾ نه ته ڪنهن رسالي، اخبار يا پبليڪيشن ۾ ڇپجي عوام تائين پهچي ٿي وڃي. ٻيون ته ننڍي ڪهاڻي پڙهڻ واسطي وقت ٿورڙو کپي ۽ يڪساهيءَ پوري ڪري سگهجي ٿي، جا ڳالهه گهڻا پڙهندڙ پسند ڪن ٿا.

* * *

ڪهاڻيڪار، ڪهاڻي لکڻ وقت اها ڳالهه ذهن ۾ رکندو

آهي ته هو ڪنهن جي لاءِ لکي رهيو آهي. اصل ۾ ڪهاڻي عام ماڻهن ۽ عام پڙهندڙن لاءِ آهي. هينئر به جيڪي ڪهاڻيڪار ان خيال کان لکن ٿا تن جون ڪهاڻيون سنيون سڌيون، سمجهڻ ۾ سوليون ۽ عوامي ٻوليءَ ۾ هونديون آهن، ۽ انهن جا موضوع به عام هوندا آهن. هنن کي اهو اندازو هوندو آهي ته ادب جي مڙني صنفن ۾ صرف ڪهاڻي ۽ ناول ئي اهڙيون صنفون آهن جي عام ۽ گهڻا ماڻهو پڙهن ٿا.

ڪي ڪهاڻيڪار اهڙي ڍنگ تي ڪهاڻيون لکن ٿا، جي فقط يونيورسٽيءَ تائون پڙهيلن جي سمجهه ۾ اچي سگهن ٿيون. سنڌيءَ ۾ ڪي ڪهاڻيون اهڙيون به لکيون ويون آهن جي فيلسوفيءَ ۾ ايم. اي پاس ڪيل سمجهي ته سمجهي باقي ٻئي جي وس جي ڳالهه ناهي.

ڪي ڪهاڻيڪار اهڙيون ڪهاڻيون لکندا آهن، جو هنن جو پنهنجو اديبن جو خاص ٽولو پاڻ ۾ سمجهي سگهندو آهي يا پسند ڪندو آهي.

سنڌي ادبي سنگت جي هڪڙي ميڙ ۾ هڪڙي ليکڪ جي لکڻيءَ جي باري ۾ جڏهن ڪن ساٿين چيو ته ڪين اها سمجهه ۾ نه آئي ته هن چيو ته مان پنهنجي لاءِ لکندو آهيان ۽ ان سان پڌل نه آهيان ته منهنجي لکڻي ڪنهن ٻئي جي سمجهه ۾ اچي ٿي يا نه.

يورپ ۽ آمريڪا جي ڪهاڻيڪارن جي لکڻ جي

ڊنگ ۾ هتي به ڪهاڻي لکڻ واري ڳالهه، ويچار طلب آهي. اتي جي عام پڙهندڙن ۽ هتي جي عام پڙهندڙن جي ذهني ۽ تعليمي سطح ۾ وڏو فرق آهي. انهن ماڻهن جي مقابلي ۾ اسان جا ماڻهو تمام ٿورو پڙهيل آهن. اتي ذري گهٽ هر شخص يونيورسٽي ليول تائين پڙهيل آهي تڏهن ته. ان ڪري آمريڪي ۽ يورپي ڪهاڻيڪارن وانگر ڪهاڻي انڇتي ۽ ڏکئي اسٽائيل ۾ لکڻ يا ان ۾ فلسفي ۽ منطق جا خشڪ ۽ ڏکيا نڪتا آڻڻ سان اسان جي عام پڙهندڙ لاءِ ان ۾ ڪا ڪشش نه رهندي.

* * *

مون ڪهاڻي لکڻ لاءِ هيٺيان چار بنياد يا ماپا مقرر ڪيا آهن:

(١) قومي: قومي شعور ۽ قومي آزاديءَ جو احساس پيدا ڪرڻ.

(٢) طبقاتي: سماجي بي انصافين ۽ شخصي محروميتن جي ذميوار طبقاتي سماج خلاف بغاوت، ۽ غير طبقاتي سماج لاءِ جاکوڙ.

(٣) سائنسي: سائنسي ذهن ۽ سائنسي سوچ پيدا ڪرڻ. آسماني عقيدن ۽ وهمي ڳالهين جي ڌيهه مان ڪيڻ، معاملن کي عقل ۽ دليل جي ڪسوٽيءَ تي پرکڻ. انقلاب جا سائنسي نظريا ذهن نشين ڪرڻ. سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ تي زور ڏيڻ.

(٤) سنڌيت: سنڌي پنهنجي گهر ۾، آسامي پنهنجي گهر ۾، فلسطيني پنهنجي گهر ۾ قومي آزادي ۽ طبقاتي ڇوٽڪارو حاصل ڪري ۽ سائنسي سوچ ۽ سائنسي ٽيڪنالاجيءَ ۾ ڪمال حاصل ڪري پنهنجي پنهنجي گهر ۾ سک پيدا ڪري ۽ پنهنجي پنهنجي گهر کي سينگاري. هر هنڌ هر قوم پنهنجي پنهنجي گهر ۾ آئين ڪري. پوءِ هر گهر سکيو ۽ سينگاريل بڻجي ويندو، ۽ مجموعي طرح ساري دنيا سکي ۽ سينگاريل ٿي ويندي ۽ امن جو نئون سورج اڀرندو.

* * *

مونکي ڪهاڻيءَ ۾ علامت نگاري يا تجريديت ڏاڍي اڻوڻندڙ لڳندي آهي. اهي ڪهاڻيءَ کي سمجهڻ ۾ ڏکيو، اڻ چٽو، گهڻن مطلبن وارو ۽ ڳجهارت بڻايو ڇڏين. تمام ٿورڙا پڙهندڙ هوندا جي اهڙي ڪهاڻيءَ جي تهه تائين پهچي سگهندا يا ان جو حل ڳولڻ واسطي پنهنجي مٿو ماريندا. اسرندڙ ۽ پٺتي پيل قوم جي ماڻهن لاءِ لکڻي سنئين سڌي ۽ چٽي، پر اهڙي تيز هجي جو پڙهڻ سان تير وانگر هن جي هياءَ ۾ چڀي وڃي، ۽ تڏي ئي هن کي سوچ ۽ عمل واسطي تيار ڪري ڇڏي. منجهيل يا اڻ چٽي لکڻيءَ کي سمجهڻ لاءِ هن کي جيڪي قوتون خرچ ڪرڻيون پون، سي به هو عمل جي سوچ ۾ استعمال ڪري.

علامت جي اوٽ ۾ شاهه لطيف جي شعر جو جيڪو

حشر برپا ڪيو ويو آهي، سو به اسان جي اڳيان آهي، جيتوڻيڪ شاهه جي شعر ۾ ايتري ۽ اهڙي علامت نگاري آهي جو به ڪانه. پر هتراڌو علامتن جو سهارو وٺي چور به ته ساڌ به، سرمائيدار به ته سوشلسٽ به، ملو به ته موالي به، هن جي انهن ساڳين شعرن کي پنهنجي پنهنجي پيرائيءَ ۾ پيش ڪري، پوءِ ماڻهو منجهيو پون.

ٿوري گهڻي علامت نگاري ته گهڻين ڪهاڻين ۾ هوندي آهي. خود ڪهاڻي، تاريخ ۽ واقعي وانگر ”حقيقت“ نه پر ”علامت“ آهي. پر هتي علامتي ڪهاڻيءَ مان منهنجو مطلب سچيءَ جي سچي ”علامتي ڪهاڻي“ آهي.

# ذاتي نوٽبڪ مان

## (۱) مهورت.

ميڙن ۽ ميٽنگن، ڪانفرنسن ۽ ڪچهرين جو مهورت، قرآن جي ڪنهن آيت جي تلاوت سان ڪرڻ جو رواج ٿي ويو آهي. مهورت جي مراد اها هجڻ گهرجي ته موجود ماڻهن کي اتي گڏ ٿيڻ جي مقصد ۽ ايندڙ ڪارروائيءَ واسطي ذهني طرح تيار ڪيو وڃي. عربيءَ مان اڻڄاڻ هجڻ ڪري، پڙهندڙ آيتون سمجهي ڪونه ٿا سگهن. ان ڪري اهڙي قسم جي مهورت جو مقصد محض ثواب حاصل ڪرڻ رهجيو وڃي.

منهنجو مطلب آهي ته ان مطلب واسطي، اسان لاءِ لطيف سائينءَ جو ڪو شعر يا ڪي شعر پڙهڻ کان وڌيڪ سٺي ڳالهه ٿي ئي نه ٿي سگهي، ۽ هر موقعي ۽ محل جي مناسبت سان، لطيف سائينءَ جو، ڪونه ڪو، موزون کان موزون، سٺي کان سٺو شعر ملي سگهي ٿو. ان ڪري اسان کي، هر ميڙ جي شروعات، لطيف سائينءَ جو ڪو موزون ۽ سٺو شعر پڙهائي ڪرڻ گهرجي.

حقيقت ۾ مون هڪ ميڙ ۾، ائين ڪرڻ جي جرئت ڪئي هئي. ملير ڊائجيسٽ جي ايڊيٽر، غفور ميمڻ، مارئي هائوس ۾، اديبن جو هڪ ميڙ ڪوٺيو هو. ان ۾ ئي مون تجويز پيش ڪئي ته "هن ميڙ جو مهورت، لطيف سائينءَ جي ڪنهن بيت سان ڪيو وڃي."

مون ڏٺو ته مڙني اديبن کي منهنجي اها رٿ پسند آئي ۽ ان تي عمل به ڪيو. اسلم لغاريءَ کي چيو ويو ته هو موقعي جي مناسبت تي، لطيف سائينءَ جو ڪو شعر پڙهي. هن ائين ڪيو ۽ خوشيءَ کان تاڙين جو ڦهڪو پئجي ويو.

(٣) ڏهه دنيا ستر آخرت:

هڪ بيمار عورت ۽ ڪمپائونڊر جي وچ ۾ گفتگو پڙهو:

"غريب لا وارث آهيان، ڏاڍي ڪمزوري اٿم، واٽ الله جي ڪا سئي هڻو. ثواب ٿيندوَ. خدا دنيا ۾ ڏهه آخرت ۾ ستر ڏيندوَ."

"نه مائي، اسان کي اهڙو خير ئي ڪيڏو ڪونهي. تنهنجي مرضي آهي ته توکي هڪڙي سئي هڻان، ته مونکي ڏهه سيون هن دنيا ۾ لڳن ۽ ستر سيون آخرت ۾، نه مائي نه، مونکي اهڙو ڪم ناهي ڪرڻو."

(٤) نتل ڏيڍهن جو چاڙهو ۾:

هڪ انجنيئر دوست سان سنڌس زمين گهمڻ ويس. اهو هند

حيدرآباد کان ويهه ميل پري هو. ٻنيءَ جو چڪر ڏئي اچي پراڻي ۽ قديم انجنيري بنگلي ۾ ويٺاسين. چوڌاري ساوا ساوا ڪيت هئا. سامهون سڌ پنڌ تي ٻيلن جو ڳوٺ هو.

هڪ وڳو هو. مون وارو دوست ۽ اتي جو سنڌس وڏيرو سنگتي ڪاڏي جون شيون وٺڻ واسطي موٽر ۾ چڙهي پر واري شهر ڏي روانا ٿيا، جو ٻن ميلن تي هو. مان اتي ترسڻ وڌيڪ پسند ڪيو.

بنگلي جو وڏو اڱڻ هو. ان ۾ نم، انب، سيرنهه ۽ ٻيرين جا وڏا وڏا، ساوا ساوا ۽ گهاٽا گهاٽا وڻ هئا. ڳيرا، ڪانوَ ۽ طوطا پنهنجيون ٻوليون ٻولي رهيا هئا ۽ هر هر هڪ وڻ تان اڏامي ٻئي وڻ تي ٿي ويٺا.

بجلي ڪانه هئي. مان وڻن جي ڇانوَ ۾ رکيل کٽ تي آهلي اخبار پڙهڻ لڳس. گرميءَ جو وقت هو، ان ڪري ڇانوَ فرحت ٿي ڏني ۽ هلڪي هوا پئي ٿي محسوس ٿي. هوا ۾ وڻن جي پنن جي چرپر ڪري جو آواز ٿي پيدا ٿيو، تنهن وڻندڙ پس منظر واري موسيقيءَ وارو ڪم ٿي ڏنو.

ٻيلن واري ڳوٺ جي رهاڪن ۽ پر وارين ٻنين جي هارين جو گس هتان تي لڳو. وقتي وقتي ڪو واٽهڙو پرسان لنگهندي سلام ڪندي ٿي لنگهيو. مون اخبار پڙهي پوري ڪئي ۽ فرحت سان ليٽيو رهيس.

هڪ وقت ٻن واٽهڙن ڏانهن ڌيان ڇڪجي ويم. هو هلندي هلندي ڊرا تي ويا ۽ ٻه پلڪون ٻيهي پاڻ ۾ سي

پس ڪيائون. هنن جون نگاهون وراندي طرف هيون. انهن مان هڪ پنجاهه سالن جي پوڙهي هئي ۽ سادا پر صاف ڪپڙا پهريل هئس. هن جي منهن تي گهنج ائين هئا جئن نانڙي ڪيل زمين. هن جي مٿي تي بيدڙي رکيل هئي. ٻيو پندرنهن سالن جو ڇوڪرو هو. هن کي ميري گوڏ ۽ ڦاٽل چولو پاتل هو ۽ پير اگهاڙا هئس. ٻنهي جي منهن تي پگهر جون لارون هيون. هو هلندا تيڏي اڪ سان ڏسندا منهنجي ڪٽ وٽان لنگهي ويا. مونکي ڪانئچ ۽ قميص پهريل هئي. ڪٽ ڪان ڪجهه وکن تي پوڙهي هڪدم بيهي رهي ۽ مون ڏي منهن ڪري، سڪل چپن تي زبان ڦيري، چيائين: ”ابا، پاڻي پيون؟“

سامهون ئي وراندي ۾ پاڻيءَ جو دلو ۽ گلاس پيا هئا.

مون وراڻيو ”ها اما، ڀلي پيو. پاڻي آهي ئي پيئڻ لاءِ.“

اهو ٻڌي هنن جي چهرن تي سرهائي اچي وئي جڻ ڏڪاريل ترين آبَ ۾ گهاٽا ڪڪر ڏٺا هجن.

هن ڇوڪري کي چيو ”پٽ، اڄ ته پيون.“

مائي مونکي دعائون ڏيندي رهي. ٻئي دلي وٽ پهتا. مائيءَ گلاس ڀري پٽ کي ڏنو. هن گلاس خالي ڪري مائيءَ کان ٻيو به گهريو. هن اهو به پيتو. هن جو منهن ائين لڳو جڻ ٽوٽ زمين کي ريج اچي ويو. پوءِ مائي گلاس ڀري پاڻ پيئڻ لڳي. ايتري ۾ سامهون موٽر اگهڻ

۾ گهڙي. موٽر ڏسي مائي گهرائجي وئي ۽ هڪدم پاڻي پيڻ بند ڪري، اڌ پيل گلاس زمين تي رکي اٿي کڙي ٿي ۽ پٺ ڪري چيائين هل ته هلون.

مان ڳالهه سمجهي ويس ۽ چيم: ”ڀلي ته، پلي پاڻي پيو ۽ ڍؤ ڪري پيو، توهان کي ڪير ڪجهه نه چوندو.“

پر منهنجي ڳالهه تي ڌيان نه ڏئي هو تڪڙو تڪڙو اڳتي وڌي ويا. ايتري ۾ مون وارا دوست به موٽي مان لٿا. مون هنن ڏي مهڙ ڪري چيو: ”مائهن کي ڏاڍو هيسائي ڇڏيو اٿو. توهان کي ڏٺائون ته پاڻي اڌ ۾ ڇڏي هليا ويا.“

”ڇو ڀيل هئا ڇا؟“ انجنيئر پڇيو.

”نه، ڀيل نه آهن. ڪيڙن مان ڏي مسلمان ٿا لڳن“ وڏيري ورائيو.

”جي ڀيل هجن ها، تڏهن به مان پاڻي پيڻ کان هنن کي ڪونه روڪيان ها“ مون چيو.

”ته سائين پوءِ ان دلي مان پاڻي پيو به رڳو توهان ها“ وڏيري جواب ڏنو.

(۳) ڀنڊڻ:

”سائين چار آنا ڏيو. سڄو ڏينهن ماني ڪانه کاڌي اٿم.“

سائينءَ هن ڏي نهاريو. هو ويهن ٻاويهن ورهين جو ڇوڪرو هو. ڏسڻ ۾ ڏٺو مٺو ۽ صحيح سالم. البت مٿي جا وار ۽ ڏاڙهي وڌيل، ۽ ڪپڙا ميرا ۽ ڦاٽل.

سائينءَ چيو ”تون تہ جاڻين جوان آهين، چوري بہ ڪري سگهين ٿو!“

ڇوڪري ڪجهہ نہ سمجهيو ۽ واڏڙو ٿي، سائينءَ ڏي نهارڻ لڳو.

سائينءَ وري چيو ”تون ٿلهو متارو لڳو پيو آهين. آسانيءَ سان ڪاٺ هڻي سگهين ٿو، پٽين تي چڙهي سگهين ٿو، ڪلف پڇي سگهين ٿو!“

ڇوڪرو ڪکو وکو ٿي چوڻ لڳو ” سائين چوري ڪرڻ تہ ذلت جو ڪم آهي.“

سائينءَ جواب ڏنو ”احمق، ڏسين ڪونہ ٿو تہ پنڻ بہ چوريءَ کان وڌيڪ ذلت آهي.“

(۵) اسپتالون ۽ پوڇا ڳاڇا:

هڪ اٽليءَ جي ڊاڪٽر جو لکيل ڪتاب پڙهيم. سؤ سال کن اڳ جو لکيل آهي. ان مان معلوم ٿو ٿئي تہ ان زماني ۾ اٽليءَ ۾ اسپتالن جي اڏاوت ۽ بيمارن جي رهائش جي اڻ پوري انتظام هوندي هئي، ماڻهن خواهہ حڪومت جو زيادہ توجهہ ڏيولن جوڙائڻ ڏي هو. ذميوار ماڻهن کي مخاطب ٿي، ڪجهہ هن طرح لکي ٿو:

”توهين اسپتالن ٺهرائڻ کان وڌيڪ ديولون ٺهرائڻ ضروري ٿا سمجهو .... اڙي، خدا جي عبادت تہ رستن تي بہ ڪري سگهجي ٿي، پر ڪنهن بيمار جي آپريشن رستي تي ڪانہ ڪري سگهبي .... “

(٦) ڇوٿين مارچ:

ڇوڪرا ڪين ڇڏيندا،
سنڌ اڏيندا،
سنڌ اڏيندا.
اڏبن تي سر ڌريندا،
سنڌ اڏيندا،
سنڌ اڏيندا.

(٧) عربي:

١٩٧٤ جي اسلامي ڪانفرنس وارن ڏينهن ۾، ٽيليويزن تي عرب ملڪن جا راڳ ۽ رقص ڏيکاريندا هئا. لبنان جي اهڙي فلم پڻ ڏٺم. عرب مرد ۽ عورتون هڪ ٻئي جي چيلهن ۾ هٿ وجهي ناچ ڪري ۽ عربيءَ ۾ راڳ ڳائي رهيا هئا. ائين لڳي رهيو هو ڄڻ ته نچندي ۽ ڳائيندي، سڀ سان قرآن پڙهي رهيا آهن.

ان تي هڪڙي ٻئي ڳالهه ياد اچي ويئي. هڪڙو سنڌي بغداد مان ٿي آيو هو. حال احوال ڏيندي ٻڌائڻ لڳو:

”بغداد شهر ۾ رستي تي هڪڙي سائيڪل سوار جو هڪڙي پيادي سان ٽڪر ٿي پيو. ٻوءِ ٻئي ڄڻا پاڻ ۾ وڙهي پيا، ۽ هٿين ٻڌجين پئجي ويا. پر مون ڏٺو ته وڙهندي به هو قرآن جون آيتون پڙهي رهيا هئا. سبحان الله! اهڙا آهن نيڪ ٻندا اتي جا!“

هن فقط سنڌ جي سر زمين جي مشهور قصن ۽ ڪهاڻين کي پنهنجي شعر ۾ آندو آهي. هن نبين جي قصن يا اسلامي تاريخ جي واقعن کي پنهنجي اظهار جو موضوع نه بڻايو آهي.

لطيف سائين اول به سنڌي هو، آخر به سنڌي. هن سنڌ کان ٻاهر سوچڻ جي ضرورت ئي محسوس ڪانه ڪئي. هن جو اهو نظريو آهي ته جي سڀڪو پنهنجي وطن جي ترقيءَ لاءِ پاڻ پتوڙي، جي سڀڪو پنهنجي وطن سان سچو رهي؛ ته سڀني وطنن ۾ سڪار ٿي وڃي، سڄو عالم آباد ٿي وڃي، سڄي دنيا امن ۽ سک جو سمو ڏسي.

منهنجو خيال آهي ته لطيف سائينءَ جي شعر کي سمجهڻ ۽ پرکڻ لاءِ هيٺيون ڳالهيون ضروري آهن:

(۱) اڄ تائين جيڪي به شاهه جي شعر جون سمجهاڻيون ۽ تشريحون لکيون ويون آهن، شاهه جو شعر پڙهندڙ انهن سڀني کي نظرانداز ڪري، ۽ نه وري تصوف ۽ روحانيت جي جهنجهٽ ۾ پوي. شاهه جو شعر سمجهڻ لاءِ انهن جو ڪو ضرور ڪونهي.

(۲) شاهه جو شعر پڙهندڙ کي سنڌ جي تاريخ ۽ سنڌ جي جاگرافيءَ جي پوري پوري ڄاڻ هجي. ان ڪانسواءِ، هو لطيف سائينءَ واري دور جي سنڌ جي سياسي، تهذيبي ۽ اقتصادي حالتن کان ضرور واقفيت حاصل ڪري.

(۳) شاهه پڙهندڙ قوميت ۽ انقلاب جي صحيح جذبي سان واقف هجي.

(٤) شاھ جو پڙھندڙ عورت ۽ مرد جي پيار جي صحيح ۽ آزاد جذبي کي محسوس ڪندو ھجي.

(٥) سنڌي زبان جي مڪمل ڊڪشنري ھجي، جنھن مان شاھ سائينءَ جي ڪتب آندل ٻوليءَ جي لفظن جي معنيٰ چڱيءَ طرح ۽ سڌيءَ طرح سمجھڻ ۾ اچي وڃي.

(٦) شاھ سائينءَ کي صوفي، درويشن، دنيا تياڳيندڙ يا ولي سمجھي پڙھڻ نه گھرجي؛ ھن کي اديب، دانشور، فنڪار، زنده دل، عاشق مزاج ۽ وطن دوست انقلابي سمجھي ھن جو اڀياس ڪرڻ جڳائي.

ھڪ رٿ آھي، ھڪ مشورو آھي ته شاھ جي رسالي کي ٻن الڳ ڀاڱن ۾ ورھايو ۽ لکيو وڃي. ھڪڙي ۾ شاھ جا اھي شعر ڏجن جن ۾ قرآن جون آيتون يا مذھب جو حوالو يا ڪا مذھبي چوٽي ڏنل آھي. باقي شعر ٻئي ڀاڱي ۾ ڏنا وڃن. پوءِ جو لطيف سائين کي مذھبي لحاظ کان پڙھڻ چاھي اھو مذھبي ڀاڱو پڙھي ۽ جو ھن جي سنڌيت، سماجي شعور، محبت ۽ ماڻھپي جو اڀياس ڪرڻ گھري سو ٻيو ڀاڱو پڙھي.

(٩) ڏڻ:

اسين عيد، محرم، شب برات، ڏياري، دسھڙو ۽ ٻيا جيڪي به ڏڻ ملھائيندا آھيون، تن جو اسان جي ڌرتيءَ سان واسطو نه آھي. جي اسان اول نه سوچيو آھي ته ھاڻي ڇو نه سوچيون ته اسين پنھنجي ڌرتيءَ جي پنھنجي تاريخ

جي سنڌي سورمن جهڙوڪ راجا ڏاهر، بلاول، هيموَن، شاهه لطيف، سچل، سامي جي ياد ۾ ڪي قومي ڏينهن ملهائيندا سين. اسان کي پنهنجي تاريخي اهميت وارا ڏڻ ملهائڻ کپن جهڙوڪ: چوٿين مارچ، موهن جو دڙو ڏينهن.

اهي ڏڻ اسان واسطي رسمي نه پر اهم، سياويڪ ۽ جوش جذبو اڀارڻ ۽ تازو ڪرڻ وارا ڏڻ آهن. اسان جي پنهنجي ڌرتيءَ جون ڳالهيون اسان ۾ خود اعتمادي پيدا ڪنديون ۽ پنهنجي وجود جو احساس ڏيارينديون.

(١٠) سنڌ جي ڌرتي:

مونکي اهو ڄاڻڻ جي جستجو رهي آهي ته سنڌ جي سر زمين تان ڪهڙو دين يا ڌرم شروع ٿيو؟ هتي ڪهڙو پيغمبر يا اوتار پيدا ٿيو؟ مان ڪنهن نج سنڌي مذهب يا نج سنڌي پيغمبر جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو خواهشمند رهيو آهيان. پر ڏسجي ٿو ته هتي ڪنهن به مذهب جي شروعات ڪانه ٿي، هتي ڪوبه پيغمبر پيدا ڪونه ٿيو.... ڌرتي ئي هتي جي عقيدتمندي، ذهن، پيار ۽ محنت جو مرڪز ۽ محور بڻي رهي آهي، يا وري سنڌو ندي.

(١١) پنهنجن جا ويري:

هڪ نمازي دوست منهنجي ميز تي شيشي هيٺان پيڪٽ ڪنور جي تصوير ڏٺي ته هن جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو. چڙي چيائين:

”ڪجهه شرم حياءُ ڪار، خدا جو خوف ڪر، هڪڙي

كافر جي تصوير ايڏي عزت سان سامهون رکي ائي".
مون مرڪي چيو:
"مونکي ته ان ۾ ڪا خرابي نظر ڪانه ٿي اچي، هي شخص ته آهي به عزت لائق".
"چو لاهي پائي بيٺو آهين. خدا کي هڪ ڏينهن جواب ڏيڻو اٿئي. پر به تون هن کي ايتري اهميت ڇو ٿو ڏين؟"
"مونکي هن جو آواز ڏاڍو وڻندو آهي. هو سدا حيات فنڪار آهي ۽ هڪ لاجواب ڳائڻو. وڏي ڳالهه ته هو سنڌ جي هڪ اهم شخصيت آهي."
همراهه جو پارو ٽهائين چڙهي ويو.
"حق تي توجهڙن کي ڏاهر پرست چيو ويندو آهي."
"مان راجا ڏاهر کي سنڌ جي تاريخ جو اهم سورمو ۽ مکيه شخصيت شمار ڪريان ٿو.؟"
"تون ائين ڪونه مڃيندين .... " ائين چئي هو ڪجهه حجت مان ۽ ڪجهه زوراوريءَ سان مون تي رکيل شيشو مٿي کڻي لڳو، جيئن ان جي هيٺان رکيل پيگيت جي تصوير ڪڍي ڦاڙي ڇڏي.
مان هن جي نيت پانهي ويس ۽ شيشو مٿي کڻڻ نه ڏنو مانس. هو ڪاوڙ مان پٽ تي پير سٽيندو هليو ويو.
ٽن چئن ڏينهن ڪانپوءِ آيو ته اها تصوير اڃا اتي موجود ڏٺائين.

چيائين: ”تون پنهنجي همٿ تي قائم آهين.“

مون چيو: ”يار، توهان ڪمال ٿو ڪرين. هيءَ منهنجي پنهنجي شخصي پسند ۽ شخصي عقيدتمندي آهي، جهڙي طرح تنهنجي شخصي پسند ۽ شخصي عقيدتمندي ڏاڙهي رکائڻ آهي.“

هو جوش مان اٿي کڙو ٿيو.

چيائين: ”توهان حد ٽپي ٿو وڃين، هاڻي تو سان قطع تعلقات آهي. جيستين اها تصوير اتان نه ڪيندين تو وٽ نه اچبو.“

هڪ ڏينهن اسپتال ۾ دير سان پهتس. ڪرسيءَ تي وهڻ سان ئي ڏٺم ته ڪنور ڀڳت واري تصوير گم هئي. مونکي ائين محسوس ٿيو ڄڻ هڪ ڀٽي مذهبي جنونيءَ ڪنورکي ٻيهر ڪٺو هو. سمجهي ته ويس پر پڪ ڪرڻ لاءِ هڪدم ڪمپائونڊر کان پڇيم. هن ٻڌايو ته توهان وارو فلاڻو دوست آيو هو ۽ منهنجي منع ڪرڻ تي به اها تصوير ڪيڏي ڪاوڙي ٻاهر ڦٽي ڪري ڇڏيائين.

مونکي هڪڙو خيال آيو.

اخبار مان آمريڪا جي عيسائي صدر جمي ڪارٽر جي تصوير ڪٽي شيشي هيٺان رکي ڇڏيم.

ٻورن ڏينهن ڪانپوءِ اهو ساڳيو دوست آيو. ڪجهه هيسيل ڪجهه شرمندو هو. پر مون هن کي ڪنور ڀڳت جي تصوير جي باري ۾ نه ڪجهه ملامت ڪئي نه شڪايت. مون اهو ڏسڻ ٿي چاهيو ته ڪارٽر جو فوٽو ڏسي، هو

ڪهڙي ٽيڪا ٽپڻي ٿو ڪري، هواڪ ٽيٽ ڪري اهو فوٽو ڏسندو رهيو، پر چيائين ڪجهه به نه.

جڏهن هئي پيري آيو تڏهن به اها ڏسندو رهيو، پر ان جي باري ۾ ڪا ڳالهه نه ٿي ڪيائين. پوءِ مون پاڻ ان ڏانهن ڏيان ڇڪائي چيومانس:

”هن عظيم مسلمان ۽ اسلام جي رکوالي جي تصوير هتي رکڻ ۾ ته توکي اعتراض ناهي نه؟“

هو ڦڪو ٿي ڪلڻ لڳو.

(١٢) مذهب:

پيار ۽ محبت جو ڪو مذهب نه ٿيندو آهي.
دوستي دين ڌرم نه ڏسندي آهي.
چوندا آهن ڊاڪٽر جو مذهب ڪونه ٿيندو آهي. هن کي فقط بيمار کي ڏسڻو آهي ۽ بيماري ڇٽائڻ لاءِ جتن ڪرڻو آهي.
فنڪار جو ڪو مذهب نه ٿيندو آهي، هن جو فن سڄي دنيا لاءِ هوندو آهي.
چور ۽ ڌاڙيل جو به، چيو وڃي ٿو، ڪو مذهب نه هوندو آهي. هن جو آهي ڦرلٽ سان ڪم.
واپاريءَ جي نگاهه نفعي تي هوندي آهي، پوءِ گراهڪ ڪهڙي به مذهب جو هجي....
پوءِ باقي مذهب ڪنهن لاءِ آهي؟

* * *

نازو سلام ميمڻ، جو سنڌي عوامي تحريڪ جو ڪارڪن آهي ۽ جو سياسي سبب ڪري جيل ڪاٽي ٻاهر آيو آهي، تنهن ٻڌايو ته هڪڙي ڏينهن جيل ۾ توهان جو ڪتاب ”ناچڻي“ پئي پڙهيوسين ته جيل جو ميڊيڪل آفيسر آيو. هُن، هُن جي هٿ ۾ اهو ڪتاب ڏسي چيو: ”نجم عباسي ماڻهو ته ڏاڍو سٺو آهي، پر خيال ڌرين وارا اٿس.“

* * *

منهنجو هڪ ننڍپڻ جو گهرو سنگتي ۽ ڳوٺائي غلام حسين آهي. هو ڪنهن زماني ۾ تپيدار هو. پوءِ رشوت جي ڪري نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو. ان ڪماڻيءَ مان هن واپار شروع ڪيو، جنهن ۾ ڪافي ڪامياب ويو. هاڻي ته وڏو واپاري، وڏو زميندار ۽ لکاپتي ٿي ويو آهي. هو گفتگوءَ ۾ مونکي اڪثر چوندو آهي:

”تون وڏي اخلاق وارو آهين، قوم پرست آهين، سنڌ دوست آهين، تو ۾ لالچ ڪانهي، غريب نواز به آهين، پر تو ۾ وڏي ڪِڏ اها آهي ته تون مذهب کان بيگانو آهين. نه نماز نه روزو، نه زڪوات نه حج، جيتوڻيڪ اهي سڀ شيون توتي فرض آهن. اسين گنهگار ٻندا آهيون پر اهي فرض ضرور پورا ڪندا آهيون.“

(١٣) ”ديس“ ۽ ”پرديس“ جو ماڻهو:

مرد ۽ عورت اسپتال ۾ گهڙيا. اڌڙوٽ عمر جا هئا. ٻنهي

ڪي گوڏيون پھريل ھيون. ڪپڙا ميرا ، گھنج گھنج ۽ ڦاٽا ھئن . مرد ڪي مٿي تي پٽڪو ۽ ڪلھن تي اڇو ڪتل ڪيس ھو. ھڪ ھٿ ۾ حقو ھوس، جنھن جو ڦل ۽ نڙ پراڻو ھو. پٽڪي مٿان ننڍن جي ننڍي ۽ رچبي پيتي ھئس . عورت ڪي مٿي تي ھڙ رکيل ھئي ۽ گود ۾ ننڍو ٻار .

ٻار بيمار ھو . مونکي ڏيکارين . مون چڪاسي نسخو لکيو . ھو دوا وٺڻ لاء ڪمپائونڊر وٽ ويٺا. دوا ٺاھي جڏھن ھن پيسا گھريا تہ ھو چوڻ لڳا تہ اسين غريب ”پرديسي“ آھيون ، ايتري پڇت ڪانھي، اسان ڪان پہ رپيا وٺو، توھان کي ۽ توھان جي اھل عيال ڪي دعا ڪنداسون .

”ڪٿان آيا آھيو؟“ مون پڇيو .

”ساھيوال پنجاب مان“

”ھتي ڪيئن آيا آھيو؟“

”مسڪين ماڻھو آھيون، روزگار جي تلاش ۾ آيا آھيون.“

”انھيءَ لاء پنھنجو ديس ڇڏي سنڌ ۾ ڇو آيا آھيو؟“

”سائين ھي بہ ساڳيو ديس آھي، سڄو ملڪ پاڪستان آھي. سڀ مسلمان ڀائر آھيون.“

(٢٠) ڀھرين ۽ ڀرو.

اسين ڀھرين پاڪستاني آھيون ، پوءِ سنڌي ، پنجابي، پٺاڻ يا بلوچ.

اسين پهرين مسلمان آهيون ، پوءِ سنڌي ، پنجابي ، پٺاڻ يا بلوچ .

اسين پهرين مسلمان آهيون، پوءِ پاڪستاني ۽ پوءِ سنڌي ، پنجابي، پٺاڻ يا بلوچ.

چام ساقيءَ چيو هو ته مان پاڪستاني ٽيهن سالن کان آهيان ، مسلمان ١٣ سؤ سالن کان ۽ سنڌي پنج هزار سالن کان .

اوير پاڪستان (هاڻي بنگلا ديش) وارا ڪجهه سال اڳ مسلمان هئا، پاڪستاني هئا ۽ بنگالي هئا . هاڻي هو مسلمان ۽ بنگالي ته آهن پر پاڪستاني نه رهيا آهن. انهن مان جيڪڏهن ڪو پنهنجو مذهب مٽائي مسلمان مان عيسائي ٿي وڃي ته به هو بنگالي هر حالت ۾ رهندو .

جي پنجابي پنجاب ۾ رهي ، پٺاڻ سرحد ۾ رهي ، سنڌي سنڌ ۾ رهي، بنگالي بنگال ۾ رهي، بهاري بهار ۾ رهي، آسامي آسام ۾ رهي ته جيڪر ”پهرين ۽ پوءِ“ جو سوال ئي ڪونه اٿي.

اهو ”پهرين ۽ پوءِ“ جو مسئلو ڪڙو ئي ڇو ٿيو ۽ ان جو عملي مطلب ڇا آهي ؟

مطلب جي ته خبر نه آهي ، پر مقصد اهو هوندو آهي ته جي سنڌ ۾ ڪنهن غير سنڌيءَ کي نوڪري ، روزگار ، زمين ، ملڪيت يا ڪاليج ۾ داخلا ڏني وڃي

ته ان تي اعتراض نه ڪيو وڃي ڇو ته سڀ پاڪستاني آهيون، سڀ مسلمان آهيون.

هڪ پيري هڪ واقفڪار، منهنجي اسپتال ۾ گهڙڻ سان، پٽ تي "جيئي سنڌ" ڪئاينڊر تنگيل ڏسي چيو:

"ڇٻو ته پڪو سنڌي آهين!"

"ان ۾ ڪهڙو شڪ آهي. منهنجي مسلمانيءَ ۾ ته شڪ ٿي سگهي ٿو، پر منهنجي سنڌي هجڻ ۾ شڪ جي گنجائش ئي ڪانهي." مون وراڻيو.

پنهنجي نوٽبڪ ۾ مٿيون ٽڪرو لکڻ جو خيال لاري ڪالنس Larry Collins جو ڪتاب آڌري رات جو آزادي Freedom at Midnight پڙهڻ وقت آيو. هن ڪتاب جي صفحي ١٠٤ تي آهي ته پنجاب ۽ بنگال کي ورهائڻ خلاف دليل ڏيندي قائد اعظم محمد علي جناح، وائسراءِ لارڊ مائونٽ بيٽن کي چيو:

"سائين جن اهو سمجهي نه ٿا سگهن ته هڪ ماڻهو پهرين پنجابي يا بنگالي آهي ۽ پوءِ هندو يا مسلمان. هنن جي تاريخ ساڳي آهي، ٻولي ساڳي آهي، تهذيب ساڳي آهي ۽ معيشت ساڳي آهي. توهان کي هنن کي ورهائڻ نه گهرجي نه ته وڏو ممڪن مچندو ۽ رت جا درياهه وهندا."

(١٥) لباس:

ٽي- ويءَ تي سنڌيءَ ۾ خبرون پڙهندڙ کي شيرواني پيل ڏسي مونکي به مونجهه، گهٽ، ٻوسٽ ۽ گرمي محسوس ٿيڻ لڳي. سنڌ ڌاريان هوڏانهن اها پڪ ڪرڻ لاءِ نهاريم ته

انهن جا نالا هتي جي رستن، عمارتن ۽ باغيچن تي پئجي ويا، ۽ اسان جا درسي ڪتاب انهن جي تعريف ۾ پُرجي ويا.

پيو ته ٺهيو پر لباس، جو هر ترقي‌ءَ ۽ ملڪ جي جاگرافيائي حالتن ۽ آب هوا پٽاندڙ وجود ۾ ايندو آهي، تنهن معاملي ۾ به هنن جو لباس اسان لاءِ قومي لباس بڻجي ويو!

## (١٦) حمل روڪ:

هي موضوع منهنجي لاءِ دلچسپ پئي رهيو آهي ۽ ان تي ڪيئي انگريزي ڪتاب پئي پڙهيا اٿم. سنڌيءَ ۾ ان موضوع تي هڪڙو تفصيلي مضمون به لکيو هوم، جنهن تي سرڪار وٽان انعام مليو هوم.

اسان جي ملڪ ۾ اقتصادي لحاظ کان حمل روڪ جي ضرورت تي زور ڏنو ويندو آهي. مغرب ۾ ان جي اهميت آهي سماجي سبب، جنهن کي هو اخلاقي سبب يا جنسي اخلاق Sex Morality به چون ٿا. ان باري ۾ ڪن انگريزي ڪتابن ۾ هن قسم جون ڳالهيون نظر مان نڪتيون آهن:

.... هو لکن ٿا ته عصمت ۽ پاڪدامنيءَ جا تصور ان ڪري پيدا ٿيا جو مرد ۽ عورت جي ميلاپ ڪري عورت کي پيٽ ٿي پوندو هو ۽ ٻار ڄمندو هو. جي ٻار ڪيرائيو هو ته هڪ ته هڪ زندگي ضايع ٿيندي هئي ۽ پيو ته خود ان عورت جي صحت ۽ جان کي جوکي

.... پيار جو ميلاپ، انسان لاءِ تفريحي، جسماني تندرستي، دماغي صحت ۽ ذهني آسودگيءَ لاءِ بهترين ذريعو آهي. پر جڏهن ميلاپ جو مقصد وقتي تفريح، لذت حاصل ڪرڻ ۽ وقت گذارڻ هجي، جيئن زندگيءَ جي راهه تي هلندي ٻه ڄڻا هڪ ٻئي جي لهه وچڙ ۾ اچن ٿا، هڪ ٻئي جي ويجهو اچن ٿا ۽ هڪ ٻئي لاءِ ڇڪ محسوس ڪن ٿا، اهڙن ميلاپن وقت، حمل روڪ استعمال ڪرڻ اخلاقي ضرورت آهي.

.... تندرستي ۽ تفريح لاءِ پيار جو ميلاپ ڪرڻ واسطي نڪاح جو شرط نه هجڻ گهرجي. حمل روڪ جي موجودگيءَ ۾ اهڙو شرط غير ضروري لڳي ٿو. شادي فقط ٻار ڄڻڻ، انهن کي نپائڻ، پالڻ ۽ تربيت ڏيڻ لاءِ هجي.

.... هاڻي ان پراڻي منافقت کي ڇنڊي پري ڦٽو ڪجي ته جنسي خواهش رڳو ٻار پيدا ڪرڻ لاءِ ڪتب آڻجي ۽ سو به نڪاح اندر، ۽ تفريح خاطر جنسي گڏجاڻي پاپ آهي. هاڻي اهو سياويڪ اصول قبول ڪيو پيو وڃي ته ميلاپ راحت ۽ خوشي حاصل ڪرڻ، ۽ جسماني توڙي ذهني صحت واسطي ضروري ۽ فائديمند آهي.

.... اهڙيون به حالتون ٿين ٿيون، جو زال مڙس، وڇڙن ٿا ۽ هنن کي ڊگها عرصا، هڪ ٻئي کان پري گذارڻو ٿو پوي. مڙس ڌنڌي پٺيان پرديس وڃي ٿو، يا ڊگهو سفر ڪرڻو پوي ٿو، يا جيل ۾ پوي ٿو، يا بيماريءَ

جو شڪار ٿي پوي ٿو، يا زال جي حمل ۾ ويم وارو وقت آهي. انهن حالتن ۾ وچڙيل ۾ چڱو ڀلو ساٿي نه خواهش محسوس ڪندو ۽ وڏيڪ محسوس ڪندو. پوءِ حمل روڪ استعمال ڪري وقتي تفريح ۽ تسڪين ڇو نه حاصل ڪجي؟

.... ڪي مرد ۽ عورتون خطرناڪ ۽ موروثي موذي مرض ۾ مبتلا هوندا آهن. اهڙا مريض، پنهنجي اولاد کي ساڳيون خطرناڪ بيماريون ورثي ۾ ڏئي سگهن ٿا. اهڙن روڳين کي هر حالت ۾ حمل روڪ استعمال ڪرڻ گهرجي، جيئن هو ڪڏهن به ٻار پيدا ڪري نه سگهن. اهڙو به زمانو ايندو، جو اهڙن بيمارن تي قانوني بندش وڌي ويندي ته هو اولاد پيدا نه ڪن، يا مرڳوئي هنن جي آپريشن ڪري، هنن کي هميشه واسطي سنڍ بڻايو ويندو.

اهو به هڪ طريقو آهي سڌريل ۽ صحتمند نسل پيدا ڪرڻ جو.

.... جيڪڏهن پيٽ ٿيڻ مان ماءُ جي صحت يا حياتيءَ کي خطرو آهي، يا روڳي ۽ موروثي موذي مرض ۾ مبتلا ٻار پيدا ٿيڻ جو انديشو آهي ته حمل روڪ استعمال ڪرڻ انساني ضرورت آهي.

.... شادي ڪرڻ واري جوڙي لاءِ ضروري آهي ته هو اقتصادي ۽ مالي طور پنهنجن پيرن تي بيٺل هجن، جيئن ٻار جو نيپاج ۽ گهر جو خرچ پکو ڪشادگيءَ سان ٿي سگهي.

سامائيجڻ کان وٺي تعليم پوري ڪرڻ، گذراني طرح پاڻپرو ٿيڻ، پارن جو بارڪڻ، ڪٽنب ناهڻ جو خواهان ٿيڻ ۽ ڪٽنب ناهڻ لاءِ شادي رچائڻ تائين ڪيترن ئي ورهين جي وٿي ٿي سگهي ٿي. وري اهوئي وقت آهي، جڏهن جنسي خواهش چوٽ چڙهيل هوندي آهي ۽ پاڻ تي ظابطو گهٽ. اهڙي حالت ۾ سياويڪ ۽ صحتمند حياتي گذارڻ لاءِ حمل روڪ جو سهارو وٺڻ اڻ ٽر ٿيو وڃي ....

اها آهي مغرب جي موجوده سوچ ۽ سيپتا.

عصمت، غيرت، پاڪدامني، وفا ۽ رقابت جي تصورن ۾ ذاتي ملڪيت، جاگيرداري نظام ۽ طبقاتي سماج جو جيڪو حصو آهي تنهن جي هنن مغرب جي الڪٽرن ۾ چنبڊ چاڻ نه ڪئي وٺي آهي.

* * *

اسان جي ملڪ ۾ جي اهڙو جوڙو ”ڪارو ڪاري“ ٿيڻ کان بچي وڃي ٿو ته به ان مان اڻ پرڻيل عورت لاءِ پيٽ ٿيڻ جي حالت ۾ اڳتي هلي ڪوڙ خطرا پيدا ٿي سگهن ٿا. پارڪيرائڻ جي حالت ۾: هن جي صحت ٿي جوکو رسي سگهي ٿو، حياتيءَ کي خطرو ٿي سگهي ٿو، داين ۽ ڊاڪٽرن جي قرمارڪي منهن ڏيڻو پوي ٿو، پوليس ۽ قانون جي گرفت ٿي سگهي ٿي، بدنامي به وڏي ٿي سگهي ٿي ۽ اهڙي بدنامي جو ان عورت سان عمر

پر ڪو مرد شادي ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿئي ۔ ڪي پيءُ ماءُ تہ اهڙا بہ هوندا جو بدناميءَ کان بچڻ خاطر اهڙي ڇوڪريءَ کي زهر ڏئي ماري ڇڏيندا، يا هوءَ پاڻ پنهنجو انت آڻي ڇڏيندي. ساڳيا جوکا ۽ مسئلا ٻار پيدا ٿيڻ جي حالت ۾ اڀرندا. اهڙي ٻار کي جمڻ سان ئي گهٽو ڏيئي ۽ مارڻ جا جتن ڪيا ويندا ۔ جي ڪنهن طريقي جيئرو بچي وڏو ٿيو تہ سماج هن لاءِ زهريلو نانگ ثابت ٿيندو ۽ وک وک تي هن کي ڏنگيندو ۔

انهن انديشن ۽ خطرن جو سوچي اهڙو جوڙو، جو پاڻ کي روڪي نہ ٿو سگهي، سو حمل روڪ ايجاد ڪندڙن جو ضرور ٿورائتو ٿيندو ۔

مان اڪثر ماڻهن کي پنهنجي ڪٽنب جي رٿابندي ڪرڻ جي صلاح ڏيندو آهيان، ڇو تہ مون ڏٺو آهي تہ گهڻا ٻار ماڻهن جي انتهائي غربت، انتهائي جهالت ۽ انتهائي بيمارين جو ڪارڻ بڻجن ٿا.

پنهنجي هڪ اهڙي دوست کي صلاح ڏنم تہ هو بحث ڇيڙي ويٺو:

”مان گهٽي کان گهٽا ٻار پيدا ڪرڻ گهران ٿو، جيئن اسان جي قوم جي تعداد ۾ واڌارو ٿئي“ هن چيو.

”قوم جا ماڻهو صحتمند، سگهارا ۽ سالم بہ تہ هجن“ مون چيو.

”هن وقت اسان کي تعداد جي ضرورت آهي. صحت ۽ معيار ڪنهن ٻئي وقت ۾ پوءِ بہ سڌاري سگهجي ٿو.“ هن ورائيو.

ڏول ۽ ٻه ٽي ٺڪر جا ٽڪرا رکيل هئا. پرسان ٿي لانڍي
آهي، جنهن ۾ ننڍي ٺڪ وڇايل هئي. هڪڙي پاسي
دلو ۽ ٺڪر جي جمني پئي هئي. ڪنڊ ۾ ڏنڊو ڪونڊو
پئي نظر آيا. لانڍيءَ آڏو ٽڙڪي ۾ ڪُتل ٽڏي تي هڪڙي
همراهه حقو ويٺي ڇڪيو.

اسان جو آواز ۽ آهٽ ٻڌي، ڪن کڙا ڪيائين ۽
اکيون ڦاڙڪايائين. منهنجي هڪ پاهُ ڪيس سلام ڪيو ۽
پنهنجي واقفيت ڏنائين. هن جو چهرو ڪجهه ڦريو. هو
اٿي بيٺو ۽ هرهڪ سان هٿ ملايائين. مون ڏٺو ته هن جي
نظر تمام جهڪي هئي. منهنجو ڪاٺو هو ته جيترو لڳو
ٿي، اوتري هن جي عمر ڪانه هئي: صفا سڪل سڙيل
۽ جهڪيل جهور ٻڍو، ڄڻ مُردو تربت مان اٿي آيو
آهي. فرق اهو هو ته مردي کي نئين ڪپڙي جو ڪفن
ڍڪيل هوندو آهي ۽ هن جا ڪپڙا پراڻا، ميرا ۽ ليڙون
ليڙون ٿيل هئا ۽ مٿان چِنل قاتل رلهي ويڙهيل هئس.
هن جي ڏاڙهي ڪنهن ويران قبر تي پاڙهي ڦٽي آيل ڏسڻ
۾ ٿي لڳي.

ڊسمبر جو مهينو، صبح جو وقت، ڪليل هند ۽ اتر
سنڌ جي ٿڌ. وري هوا ٻه ڏاڍي ٿي لڳي. هي اڻ پورو
ڍڪيل ۽ ڏبرو مجاور اس ۾ ٻه ڏڪي رهيو هو.

منهنجي پاڙن جو ته ايترو واقف هو جو هنن کي
آواز مان ٻه سڃاڻي ٿي ويو. منهنجو نالو ٻڌايائونس ته مونکي
ٻه سڃاڻائين ۽ ڏڪندڙ چاڙهيءَ ۽ ڦڏي وات سان خوش

خير عافيت ڪيائين، ۽ خوشامد پريا ۽ دعائن سان ڏنيل ڪيترائي جملا چئي ويو.

قبرن ۽ پير جي قبي تان ٿيندا، واپس آياسين ته هو اسان جو آوازپڌي وري اٿي بيٺو. منهنجي هڪ ياءُ وڏي وڇي هن جي هٿ ۾ هڪ نوٽ ڏنو ۽ چيائين:

”فقير، دعا ڪجو.“

مجاور دعائون ڏيندي چيو:

”سائين هڪڙو عرض ڪرڻو هو.“

”چئو“

”توهان ۽ ڳوٺ جي ٻين سرندڙن وارن سخاوت ڪري هن پير جو قبو جوڙائي وڌو، خدا توهان کي اجر ڏيندو، پر ٻه سال ٿيا آهن قبي کي اڃا در ۽ دريون نه پيون آهن. ان لاءِ ڪا مهرباني ٿئي.“

مونکي چڙ اچي وئي. ياءُ جواب ڏئي ئي ڏئي، تنهن کان اڳ پڇيومانس:

”فقير تنهنجي پنهنجي گهر ۾ در دريون لڳل آهن؟“

هھڙي ۽ اوچتي سوال هن کي وائڙو ڪري ڇڏيو. هو گهبرائجي ويو ۽ حالي ڪو اکر نه اڪليس.

پوءِ مرڪڻ جي ڪوشش ڪندي چيائين:

”سائين، منهنجو گهر ته ڪچو منهه آهي، ان ۾ در دريون ڪٿان آڻيون. مان ته گنهگار گندو بندو آهيان، پر هي پير ته پهتل ولي ۽ خدا جو خاص پانهون آهي. ان جو ته خيال ڪرڻو آهي.“

”خدا جو خاص ٻانهون آهي تہ ٻاڏهي خدا سيءَ مينهن کان بچائيندس. تون چوٿو پريشان ٿين. سيءَ مينهن کان بچڻ لاءِ تہ ڇٽرن کي ضرورت آهي. تون پنهنجي معصوم ۽ اڻ اگهاڙن ۽ بي اجهي ٻارن جو سوچ.“

هو مائٽ ٿي ويو ۽ ڪو جواب نہ ڏنائين.

ان وقت مون سوچيو هو تہ حياتيءَ ۾ ٻهريون پورو هن جي عقيدي جي ديوار کي لوڏو آيو هوندو.

پر هينئر سوچيان ٿو تہ ان مائٽ ۾ هن تي اهو خوف طاري ٿيو هوندو تہ اهڙين ڳالهين ڪري ڪٿي ان رڳي سڪي ٽڪر کان بہ محروم نہ ٿي وڃي.

(١٨) سنڌڙي سمنڊ؟:

ڪالهہ ڪراچيءَ ۾ هوس. صبح جو ٻارن کي ”هاڪس بي“ گهمائڻ وٺي ويس.

ڏاڍو وڻندڙ وايو منڊل هو. جهڙالو ڏينهن، نيرڙا پورڙا ڪڪر، خاڪي خاڪي سوجهرو، فرحتي هوا جون ٿڦڪيون، سمنڊ جي ڇولين جو شور، پريان ايندڙ لهرون سانون ۽ نيريون جي ڪناري پهچندي پهچندي ميرانيڄهڙيون ٿي ٿي ويون.

مان لهرن کي غور سان ڏسڻ لڳس، جي سنڌ جي سر زمين کي ڇهڻ جي شوق ۾ لڏنديون لمنديون، ٽپنديون ٽلنديون، ٺينگ ٽپا ڏينديون، نچنديون ڪڏنديون، هڪ ٻئي کي آڳ ڏيڻ لاءِ شرط پچائينديون، هڪ ٻئي مٿان

چڙهنديون، تيزيءَ سان ڪناري طرف وڌيون ٿي. اتي سنڌ جي ڌرتيءَ جي قدمن چمڻ جو نياز ۽ نعمت حاصل ڪري، سنڌ جي مٽيءَ سان ملي، اها خاڪ شفا کڻي، واپس ٿي وريون.

مان پاڇا ڪنجي، پير ٻوڙ پاڻيءَ ۾ وجهي ويٺس. ٿڌي پاڻيءَ جي ڇهاءَ ڏاڍو مزو ڏنو. پوءِ ويهي پري، تمام پري نهاريندو رهيس. دماغ ۾ خيالن جون ڪيئي ڇوليون اڀريون:

ون يونٽ تازو ٽوڙيو ويو آهي. هيءَ زمين سنڌ جي هئي، ۽ وري سنڌ جي ٿي آهي. هي لهرون هن مٽيءَ سان ملي هڪ ٿي نه ٿيون سگهن ته موٽي ٿيون وڃن. سنڌ ۾ اهوئي رهي سگهندو جو سنڌ جو ۽ سنڌي ٿي رهندو.

اتي خيال آيم ته هي سمنڊ به ته سنڌ جو آهي ان ڪري ڇو نه "سنڌي سمنڊ" جو نالو ڏنو وڃي؟ ان ڪي عربي سمنڊ ڇو ٿو سڏيو وڃي؟ اها ته هن سمنڊ لاءِ پڻ وڏائيءَ جي ڳالهه ٿيندي ته ان کي سنڌي سمنڊ سڏيو وڃي.

پر ايتري ڇوٽ سان اهو نالو پنجي ڪين سگهندو. اها ته ٿيندي هنن ٻاهرين واري چال، جن، ڳالهه نهي نه نهي، واسطو هجي نه هجي، اسان جي سنڌ جي شهرن جي گهٽي گهٽيءَ تي پنهنجا نالا مڙهي ڇڏيا آهن. ان ڪري سوچڻ لڳس ته ڪهڙا دليل پيش ڪجن، جو پيا به ان راءِ سان متفق ٿين. جيڪي ڳالهيون ان وقت ذهن ۾ آيون، سي هي آهن:

(١) سنڌو نديءَ جيڏي ٻي ڪابہ وڏي ندي هن سمنڊ ۾ ڪانہ ٿي ڇڙي. ان ڪري هن سمنڊ کي سنڌ جي سوني مٽي ملڻ جو شرف حاصل آهي، ۽ ان جي پاڻيءَ ۾ سنڌ جو پاڻي مليل آهي.

(٢) هن سمنڊ تي ٽي وڏا بندر آهن: ڪراچي، بمبئي ۽ عدن. انهن ٽنهي ۾ سنڌ جي ڪراچي وڏي ۾ وڏو ۽ مکيہ ۾ مکيہ بندر آهي. هن بندر جي ڪمائي سنڌ جي صنعت، واپار ۽ خوشحاليءَ جي ضامن ٿي سگهي ٿي.

(٣) موهن جي دڙي ۽ ٻين قديم آثار ڪري سنڌ کي، دنيا ۾ تمام وڏي تاريخي ۽ تهذيبي اهميت حاصل آهي. اهڙي ۽ ايتري اهميت دنيا ۾ رڳو ٻن يا ٽن ٻين ملڪن جي حصي ۾ آئي آهي.

انهيءَ اهميت جي تقاضا آهي تہ هن علائقي جي ڪنهن مشهوري ڪئي وڃي. ان ڪري سنڌ جي علائقي جي ڪنارن کي ڇهندڙ سمنڊ جو نالو صرف ”سنڌي سمنڊ“ ٿي سگهي ٿو. سنڌ جو سامونڊي ڪنارو ١٧٠ ميل کن آهي.

(٤) عربي سمنڊ، هندي وڏي سمنڊ جو حصو آهي. سنڌ جي سرزمين، هندستان جي زمين سان لاڳيتي آهي، آهي، ان ڪري هندستان جي سمنڊ سان لاڳيتو سمنڊ جو نالو سنڌي سمنڊ وڌيڪ سونهي ٿو، ۽ وڌيڪ موزون پڻ آهي.

وڏي ڳالهہ تہ هندستان تي نالو بہ سنڌ تان پيو. سنڌو

نديءَ کي انڊس Indus چوندا آهن. ان مان انڊيا ٿيو ۽ سنڌ جي ”س“ کي مٽائي ”ه“ ڪري هند سڏيو ويو.

(۵) سنڌ جو پلو، دنيا جي بهترين مڇين مان آهي. اهو فقط سنڌو نديءَ ۾ ٿي ٿئي ٿو، ۽ ان کي ملي وري ان سمنڊ مان. ٻئي ڪنهن به ملڪ کي هي سمنڊ انهيءَ نعمت سان ڪونه ٿو نوازي.

(٦) سنڌ جي مٽي ٻئي نموني به هن سمنڊ ۾ سمايل آهي. اوائلي دور ۾ هي سمنڊ ٺٽي ۽ بدين تائين هو، ۽ ڪڇ به ان جي هيٺان اچي ويو. پوءِ زماني جي حادثن ڪري، پوئتي هٽيو ته پاڻ سان سنڌ جي مٽي به کنيو ويو.

(٧) اڳئين زماني ۾ هن سمنڊ ذريعي ئي سنڌ جو واپار دنيا جي ڏورانهن ڏيهن سان هلندو هو.

(٨) جڳ مشهور سنڌ جي شاعر، شاهه لطيف، هن سمنڊ جي باري ۾ جيترو شعر چيو آهي، اوترو ٻئي ڪنهن به ملڪ جي شاعر ڪين چيو آهي. شاهه صاحب جا ٻه سر خاص هن سمنڊ جي سلسلي ۾ آندا آهن. اهي آهن: سر سامونڊي ۽ سر گهاتو.

(٩) سنڌ جا ڪيترائي واقعا ۽ لوڪ ڪهاڻيون هن سمنڊ سان ڳنڍيل آهن.

(١٠) صدين کان وٺي سنڌ جي هندن هن سمنڊ کي پٽي پوڄيو آهي.

مٿين ڳالهين مان ڏسجي ٿو ته سنڌ جا هن سمنڊ سان

جاگرافيائيءَ تاريخي، تهذيبي، تجارتي، ادبي ۽ ڌرمي ناتا تمام گهاٽا ۽ گهڻا پئي رهيا آهن. ان ڪري ئي "سنڌي سمنڊ" آهي ۽ نه عربي سمنڊ.

هن باري ۾ جاگرافي ۽ تاريخ جا ماهر وڌيڪ روشني وجهي سگهن ٿا.

# لطيف ادبي اڪيڊمي

سنڌي ادب جا لکندڙ پنهنجو ذهن ولوڙي ۽ نور نچوئي سنڌي ماڻهن جي جذبن کي لفظن جو روپ ڏين ٿا. اهي لکڻيون نه رڳو موجوده نسل پر ايندڙ نسل واسطي پڻ وات جي لاٽ آهن.

جيئن ته اسان وٽ ڇپائيءَ جو پورو انتظام ڪونهي، تنهنڪري اهڙن ڪيترن اديبن جون لکڻيون ڇپجي نه ٿيون سگهن. لطيف اڪيڊمي ان پروگرام لاءِ وجود ۾ آندي وئي آهي ته بنا ڪنهن فرق ۽ امتياز جي هر ان ترقي پسند سنڌي اديب جو ڪتاب ڇپايو ويندو جو مالي يا مصروفياتي مجبورين ڪري پنهنجو ڪتاب ڇپرائي نه ٿو سگهي.

ان مقصد جي شروعات سنڌيءَ جي قومي اديب سائين نجم عباسيءَ جي هن ڪتاب ”ڏنم اڻ ڏٺل“ سان ڪري رهيا آهيون.

سيڪريٽري